سال (18) جمعو 20 مارچ 2026ع 30 رمضان المبارڪ 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (179)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 20 مارچ 2026ع 30 رمضان المبارڪ 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (216)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Friday 20 March 2026 سال (18) جمعو 20 مارچ 2026ع 30 رمضان المبارڪ 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (179)
Daily Ibrat Hyderabad Friday 20 March 2026

پاڪستان وٽ آمريڪا تائين مار ڪندڙ ميزائيلن جي موجودگي جو امڪاني خطرو ظاهر، پرڏيهي کاتي دعويٰ رد ڪري ڇڏي

پاڪستان وٽ امڪاني طور اهڙا ميزائل ٿي سگهن ٿا، جيڪي آمريڪا تائين پهچڻ جي صلاحيت رکندا هجن: آمريڪا جي نيشنل انٽيليجنس ڊائريڪٽر تلسي گبارڊ جي رپورٽ ۾ امڪاني خطرو ظاهر

پاڪستان جي ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائل پروگرام ۾ امڪاني طور اهڙا بين البراعظمي بيلسٽڪ ميزائل شامل ٿي سگهن ٿا، جيڪي آمريڪا تائين هدف کي نشانو بڻائي سگهن ٿا

پاڪستان سميت روس، چين، اتر ڪوريا ۽ ايران اهڙن جديد ميزائلن تي تحقيق ڪري رهيا آهن، جيڪي جوهري ۽ روايتي هٿيار کڻي وڃڻ جي صلاحيت رکن ٿا ۽ آمريڪا کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي سگهن ٿا

آمريڪي عهديدار طرفان پاڪستان جي ميزائل صلاحيتن مان امڪاني خطري بابت تازي دعويٰ کي رد ڪريون ٿا، پاڪستان هڪ ذميوار ائٽمي قوت آهي: آمريڪي عهديدار جي رپورٽ تي پرڏيهي ترجمان جو ردعمل

پاڪستان جون صلاحيتون دفاعي نوعيت جون آهن جن جو مقصد قومي خودمختياري جو تحفظ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ استحڪام کي برقرار رکڻ آهي، اسان سدائين عالمي امن ۽ سلامتي جا خواهشمند رهيا آهيون

پاڪستان جو ميزائل پروگرام، جيڪو بين البراعظمي مار جي حد کان گهڻو گهٽ آهي، آمريڪا سان گڏيل احترام، عدم مداخلت ۽ حقيقتن تي ٻڌل طريقي ڪار جي بنياد تي تعميري رابطن لاءِ پرعزم آهيون: طاهر اندرابي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا جي نيشنل انٽيليجنس ڊائريڪٽر تلسي گبارڊ چيو آهي ته پاڪستان وٽ امڪاني طور اهڙا ميزائل ٿي سگهن ٿا، جيڪا آمريڪا تائين پهچڻ جي صلاحيت رکندا هجن آمريڪي سينيٽ ڪميٽي ۾ ٻڌائي دوران تلسي گبارڊ چيو ته پاڪستان جي ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائل پروگرام ۾ امڪاني طور اهڙا بين البراعظمي بيلسٽڪ ميزائل شامل ٿي سگهن ٿا، جيڪي آمريڪا تائين هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکندا هجن هن چيو ته پاڪستان سميت روس، چين، اتر ڪوريا ۽ ايران اهڙن جديد ميزائلن تي تحقيق ڪري رهيا آهن، جيڪي جوهري ۽ روايتي هٿيار کڻي وڃڻ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان اهل تشيع مکتب فڪر جي عالم سڳورن جي ملاقات

عالم سڳورا اتحاد کي مضبوط بڻائي انتهاپسندي جو مقابلو ڪن: فيلڊ مارشل عاصم منير

دهشتگردن ۽ سندن ڍانچي جي خاتمي لاءِ درست ۽ انٽيليجنس بنياد تي ڪارروايون ڪيون وينديون

پاڪستان پنهنجي سرزمين خلاف دهشتگردي لاءِ افغان سرزمين جي استعمال کي هرگز برداشت نه ڪندو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪالهه عالم سڳورن جي اهم ڪردار تي زور ڀريندي چيو آهي ته هو اتحاد کي مضبوط ڪن ۽ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ايراني جنگ ڪابينه پيدا ٿيل صورتحال بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير پڻ موجود آهي

ايراني اڳواڻن جي شهادت ۽ سويلين هدفن تي حملا قبولڻ جوڳا ناهن: چين

بيجنگ (اي پي پي) چين چيو آهي ته بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گڏيل عرب امارات پاران ايران جي گيس فيلڊ تي اسرائيلي حملي جي مذمت

ابوظهبي (اي پي پي) گڏيل عرب امارات ايران جي گيس جي ڪاڻن تي اسرائيلي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک ظاهر، ضلعي انتظاميا ۽ ريسڪيو ادارن کي فوري ڪارروائي جي هدايت

ڪراچي ۾ آنڌاري سان تيز برسات، وڻ، سائن بورڊز ۽ عمارت ڪرڻ سبب 19 ماڻهو فوت، ڪيترائي زخمي

اربع ۽ خميس جي وچ واري رات تيز هوائن سان گڏ طوفان به جاري رهيو، برسات سبب مختلف علائقن ۾ بجلي جي فراهمي معطل، هوائن جي رفتار 90 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ڪئي وئي

بلديا مواچ ڳوٺ ويجهو ٻه منزل عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب 13 ڄڻا دٻجي فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا، ڪلفٽن ڊرائيونگ لائسنس برانچ ويجهو وڻ ڪرڻ سبب 2 ماڻهو دٻجي ويا

متاثر ٿيل عمارت رهائشي عمارت نه هئي، ڇت ڪرڻ سبب دٻجي فوت ٿيل سمورا ماڻهو نشي جا عادي آهن جن تيز برسات کان بچڻ لاءِ عمارت ۾ پناهه ورتي هئي: ذريعا

ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ٻاهر ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو، ملبي هيٺان وڌيڪ ماڻهو دٻيل هجڻ جو خدشي سبب انهن جي ڳولا شروع ڪئي

قائد آباد مجيد ڪالوني ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب عورت ۽ مرد فوت ۽ هڪ شخص زخمي ٿيو، ملير يارو ڳوٺ ويجهو کنڀو ڪرڻ سبب 35 سالن جو حضرت عمر نالي شخص فوت ٿي ويو

ٿي ڪورنگي نمبر ساڍا ٽي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي ۽ ڪورنگي پنج ۾ وڻ ڪرڻ سبب هڪ ٻڍو دٻجي فوت ٿيو، لاش سول اسپتال منتقل ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ اربع ۽ خميس جي وچ واري رات تيز برسات ۽ تيز هوائن سبب مختلف حادثن ۾ 19 ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا نارٿ ناظم آباد، نارٿ ڪراچي، سرجاني، ايف بي ايريا، صدر ۽ ڪلفٽن سميت مختلف علائقن ۾ تيز هوائن سان گڏ مينهن پيو ڪينٽ، ريلوي ڪالوني، دهلي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آنڌاري سان تيز برسات بعد ڪري پيل وڻن جو ڏيک

ڪراچي ۾ پيش آيل واقعا افسوسناڪ آهن، زخمين کي فوري طبي امداد ڏني پئي وڃي: شرجيل ميمڻ

مواچ ڳوٺ ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا

ميئر، ڊپٽي ميئر سميت لاڳاپيل انتظاميا روڊن تي موجود آهي ۽ صورتحال جي سڌي نگراني ڪن پيا

موسمي تبديلين ۽ برساتن سبب لاڳاپيل عملي کي اڳواٽ الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن

ڪراچي: سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مواچ ڳوٺ ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي جتي ڇت ڪرڻ سبب هيٺ تائين 13 قيمتي انساني جانيون بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءُ لنجار ۽ ميئر مرتضيٰ وهاب پهچي ويا، ريسڪيو ڪمن جو جائزو

ملبي هيٺان دٻيل ماڻهن کي فوري طور ڪڍڻ ۽ زخمين کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت

پنهنجي اڳواڻن پاران عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب 13 انساني جانين ضايع ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير داخلا سنڌ ضياءُ الحسن لنجار ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سان گڏ بلديه مدينه ڪالوني مواچ ڳوٺ پهچي افسوسناڪ واقعي واري هنڌ جو دورو ڪيو ۽ صورتحال جو تفصيلي جائزو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪي اليڪٽرڪ پاران عوام لاءِ آگاهي پيغام جاري برسات دوران بجلي استعمال ڪندي احتياط ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي: شهر ۾ برسات ۽ تيز هوائن کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ميئر جي هدايتن تي ايمرجنسي ريسپانس ٽيمون ناهيون ويون آهن: چيف فائر آفيسر

ڪراچي: ميئر جي هدايتن تي ايمرجنسي ريسپانس ٽيمون ناهيون ويون چيف فائر بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڄ ۽ سڀاڻي برسات جو وڌيڪ هڪ نئون سسٽم داخل ٿيندو: موسميات کاتو

شهر ۾ آيل تيز طوفاني برسات دوران هوائن جي رفتار 90 کان 97 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ڪئي وئي

نئون سسٽم شهر ڏانهن وڌي رهيو آهي اهو رجحان رات دير تائين جاري رهندو: عملدار

ڪراچي: موسميات کاتي موجب هڪ نئون سسٽم شهر ڏانهن وڌي ويندو جنهن ڪان پوءِ اهو رجحان رات دير تائين جاري رهندو ۽ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

برسات سبب واقعو انتهائي افسوسناڪ ۽ جاني نقصان ناقابل تلافي آهي: مرتضيٰ وهاب

زخمين کي فوري طور اسپتالن ۾ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون ڪيون آهن

وڌيڪ برسات جي امڪان تحت شهر ۾ رين ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي ۽ سڀ ادارا الرٽ آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب مواچ ڳوٺ بلديه ۾ ڇت ڪرڻ واري واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هي واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي ۽ برسات بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

طوفاني برساتن دوران قيمتي انساني جانين جو نقصان حڪومتي نااهلي آهي: سردار عبدالرحيم

عيدالفطر کان هڪ ڏينهن اڳ افسوسناڪ سانحي سڄي ملڪ جي فضا کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي

فوري طور متاثر خاندانن لاءِ مالي امداد ۽ زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم شهر ۾ تازي طوفاني بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ساموندي علائقن ۾ طوفاني هوائن ڪچا گهر مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيا

سڀ کان وڌيڪ نقصان مبارڪ ولبيج ۾ ٿيو ڪيترن ئي خاندانن جا گهر تباهه ٿي ويا

متاثر کليل آسمان هيٺ رهڻ تي مجبور ٿي ويا، ڪا به سرڪاري امداد يا ريسڪيو ٽيم نه پهتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اربع جي رات کان جاري طوفاني برساتن ڪراچي جي شهري نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي مڪاني ڪاتي پاران سموري عملي جون عيد موڪلون رد، هاءِ الرٽ رهڻ جي هدايت

صوبائي حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ سرگرم آهي، ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ رهن: ناصر شاهه

پاڻي جي نيڪال جو عمل فوري طور شروع ڪيو وڃي ۽ پاڻي جمع ٿيڻ جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي

ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ هاءِ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي، برسات دوران ماڻهو بجلي جي تنصيبات کان پري رهن

ڪراچي: سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ناصر حسين شاهه ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ هاءِ الرٽ جاري ڪيو ۽ لاڳاپيل کاتن جي سڀني عملي جي عيد جون موڪلون منسوخ ڪيون مڪاني ادارن واري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي عوام کي پيٽرول ۽ ڊيزل جي بچت جي قدمن کي اختيار ڪرڻ جي اپيل

خطي جي تيزي سان خراب ٿيندڙ صورتحال سبب پارڻ جي بچت ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن بابت اهم اجلاس ٿيو

آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، ليفٽيننٽ جنرل محمد عاصم ملڪ ۽ ٻيا پڻ شريڪ

ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پيٽروليم مصنوعات جو مناسب ذخيرو موجود آهي: اجلاس ۾ آگاهي ڏني وئي

وزيراعظم شهباز شريف حالتن جي بهتري تائين سمورن لاڳاپيل ادارن کي هنگامي قدمن جي لاءِ تيار رهڻ جي هدايت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ عوام کي پيٽرول ۽ ڊيزل جي بچت جي قدمن کي اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪندي صوبن سان گڏجي هڪ جامع حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪئي آهي. ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم محمد بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن سان ملاقات

نائب وزيراعظم بدلجندڙ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار عرب ۽ اسلامي ملڪن جي مشاورتي اجلاس جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ جاسوسي جي الزام ۾ 97 ڄڻا گرفتار

گرفتار جوابدار ملڪ ۾ بدامني پکيڙڻ ۽ قتل جي منصوبابندين ۾ ملوث هئا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ جاسوسي جي الزام ۾ 97 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ايراني بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

افطاري	سحري	افطاري	سحري	شهر
اهل تشيع		اهلسنت		
05:15	06:51	05:23	6:42	ڪراچي
05:09	06:46	05:18	06:37	حيدرآباد
05:06	06:43	05:15	06:34	سکر

اسلام آباد: وزيراعظم اسپيڪٽرم آڪشن لائسنس تقريب ۾ معاهدن تي صحيحون ٿيندي ڏسي رهيو آهي

ايران جي شهر اصفهان ۾ يورينيم رچاءِ جي تازن نڪاتن بابت معلومات ناهي: آءِ اي اي

يورينيم رچاءِ جا نڪاتا زمين هيٺ موجود آهن پر اسان اجا تائين ان جو دورو ناهيون ڪري سگهيا

ايران گذريل سال جون ۾ اداري کي نون نڪاتن جي موجودگي بابت اطلاع ڏنو هو: رافيل گروسي

ڪجهه اهڙا سوال آهن جن جي وضاحت صرف ان صورت ۾ ڪري سگهنداسين جڏهن اسان اتي وڃون

واشنگٽن (اي پي پي) ايٽمي توانائي بابت عالمي اداري (آءِ اي اي) چيو آهي ته ڪيس ايران جي شهر اصفهان ۾ يورينيم رچاءِ جي تازن نڪاتن جي صورتحال بابت ڪا به معلومات ناهي پرڏيهي ميڊيا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ڊجيٽلائيزيشن جي نئين دور جي شروعات

زونگ فائيو - جي سروسز جي 16 شهرن ۾ ڪمرشل فراهمي شروع

اسلام آباد (اي پي پي) ٽيليڪميونيڪيشن سروس ڪمپني زونگ باضابطه طور تي فائيو جي لائسنس حاصل ڪري ورتو آهي ۽ اسلام بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ساموندي معاملن جو وفاقي وزير جنيد انور چوڌري اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ايران جا آمريڪا لاءِ خطرو هجڻ جا ثبوت نه هئا، اسرائيل صدر ٽرمپ کي حملي لاءِ مجبور ڪيو: انڪشاف

مون سميت سينئر آمريڪي عهديدارن کي ان جي اجازت نه ڏني وئي ته صدر کي ايران تي حملي جي خطرن کان آگاهه ڪريون: آمريڪا جي نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم جو اڳوڻو عهديدار

آمريڪي صدر ايران تي حملو ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ صلاحڪارن جي هڪ ننڍي حلقي تي ڀاڙيو، ايران تي حملي جي فيصلي کان اڳ ان حوالي سان ڪو جامع بحث نه ڪرايو ويو

اهڙو ڪو ڪجهه اطلاع نه هو ته ايران جوهري هٿيار تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، اسرائيل حملي ڪرڻ جو واعدو ڪري آمريڪا کي ايران تي حملي تي مجبور ڪيو: جو ڪينٽ

ايران کي آمريڪا لاءِ خطرو قرار ڏيڻ ۾ اسرائيلي عملدارن ۽ آمريڪي ميڊيا جو وڏو ڪردار آهي، ايران تي حملي جو فيصلو اسرائيلين ڪيو ۽ صدر ٽرمپ تي زور ڀريو ويو ته ايران وڏو خطرو آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي اداري نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر جي استعيفيٰ ڏيندڙ سربراهه جو ڪينٽ انڪشاف ڪيو آهي ته آمريڪي صدر وٽ ايران جا آمريڪا لاءِ فوري خطرو هجڻ جا ڪي به ثبوت موجود نه هئا ان باوجود اسرائيل ان کي ايران تي حملي لاءِ مجبور ڪيو. جو ڪينٽ جنهن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي بهتر بڻائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي: وڏو وزير

شهر جي وڌندڙ آبادي جديد ۽ اثرائتي پاڻي جي فراهمي جي نظام جي گهرجائو آهي

بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ سان گڏيل 7.2 ڪلوميٽر طويل ڪوريڊور تي ڪم جاري آهي

پاڻي ۽ نيڪال جي سهولتن تائين برابري جي بنياد تي پهچ منصوبي جو بنيادي مقصد هجڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس تي ڪراچي ۾ پاڻي جي وڏن انفراسٽرڪچر منصوبن تي ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته ڪي فور واٽر سپلاءِ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ شوال جو چنڊ نظر نه آيو، عيدالفطر سڀاڻي ملهائي ويندي

مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت ۾ ٿيو

اجلاس دوران ملڪ جي ڪنهن به علائقي مان چنڊ نظر اچڻ جي شاهدي نه ملي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ شوال جو چنڊ نظر نه آيو ۽ عيدالفطر ڇنڇر تي ٿيندي. شوال جو چنڊ ڏسڻ لاءِ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نوروز بهار جي آمد، نئين اميد جي علامت آهي: وزيراعظم

هي ڏڻ امن ۽ محبت ۽ ثقافتن جي وچ ۾ يڪجهتي جو پيغام ڏي ٿو

پاڪستان جو آئين سمورن شهرين جي مذهبي عبادتن کي تحفظ ڏي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو ترڪ صدر سان رابطو، سفارتڪاري ذريعي علائقائي صورتحال جي حل تي اتفاق

وزيراعظم شهباز شريف جمهوريه ترڪي جي صدر رجب طيب اردوان سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم صدر اردوان، سندس گهرڀاتين ۽ ٻائر ترڪ عوام کي عيد جي دلي مبارڪباد ڏني

ٻنهي ملڪن گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ويجهو تعاون جاري رکيو آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ترڪيه زور ڏنو آهي ته علائقائي صورتحال جو حل بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو اردن جي فرمانروا سان رابطو، وچ اوڀر جي صورتحال تي ڳالهايو

اردن تي حملن جي سخت مذمت، اردن جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار

ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي ۽ علائقائي معاملن تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ اردن جي فرمانروا شاهه عبدالله ٻه وچ اوڀر جي موجوده صورتحال تي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

صدر جون پاڪستان ۽ خطي ۾ نوروز ملهائيندڙن کي دلي مبارڪون

هي ڏهاڙو امن، استحڪام ۽ اميد جو پيغام کڻي ايندو: صدر آصف زرداري

مختلف برادريون پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پنهنجا ڏهاڙا ملهائينديون ٿيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ خطي جي ٻين حصن ۾ نوروز ملهائيندڙن کي دلي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته جيئن ئي موسم بهار جي شروعات ٿي رهي آهي سون کي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڳوٺاڻا عيد ڪرڻ جي لاءِ ريلوي ذريعي پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن وڃي رهيا آهن

پاڪستان پاران يارٽ ۾ اسرائيلي سفير جا الزام سختي سان رد

حقيقي جارحيت اسرائيل جي غيرقانوني قبضي مان واضح آهي: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان يارٽ ۾ اسرائيلي سفير جي الزامن کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته حقيقي جارحيت بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر ڊاڪٽر روبينه خالد جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان بينظير انڪم سپورٽ

ملڪ جي مختلف کاتن مان 3500 ڪامورن کي نااهلي، ڪرپشن ۽ مس ڪنڊڪٽ سبب برطرف ڪرڻ جي تياري

وفاقي جا ڪسٽم، ايف آءِ اي، مواصلات، آءِ ٽي، صحت، اليڪشن ڪميشن سميت ٻيا کاتا شامل، لسٽون تيار ڪيون ويون

وزيراعظم شهباز شريف جي منظوري سان انهن ڪامورن کي ڪيڙو ڏيندي ڪين نوڪرين مان برطرفي جا نوٽيس جاري ڪيا ويندا

اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ پڻ ملڪ جي چئني صوبن جي مختلف کاتن مان 1400

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) موجوده حڪومت ۾ ملڪ جي مختلف کاتن مان 3500 سرڪاري ڪامورن کي ڪيڍڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي وزيراعظم شهباز شريف جي منظوري سان انهن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهي آهي

صدر پاران ڪيترن ئي اهم ترميمي بلن، مقررين، سول ايوارڊن ۽ سزائن ۾ خصوصي گهٽتائي جي منظوري

ڪيل قانون سازي جي قدمن ۾ پاڪستان شهريت (ترميمي) بل 2026ع، اخباري ملازم (ملازمت جا شرط) (ترميمي) بل 2026ع شامل

پاڪستان جا نالا ۽ نشان (روڪٿام ۽ غير مجاز استعمال) (ترميمي) بل 2026ع، اي پي پي ڪارپوريشن (ترميمي) بل پڻ شامل

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪيترن ئي قانون سازي جي قدمن جي منظوري ڏيڻ جي چڏي آهي جن سان گڏ مقررين، سول ايوارڊن جي منظوري ۽ سزائن ۾ خصوصي گهٽتائي به شامل آهي خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، منظور ڪيل قانون سازي جي قدمن ۾ پاڪستان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

موڪل جو اعلان

عيد الفطر جي موڪلن جي سلسلي ۾ روزاني عبرت جون آفيسون جمعو 20 مارچ ۽ ڇنڇر 21 مارچ تي بند رهنديون، ان ڪري اخبار سومر 23 مارچ تي بيهر اوهان جي هٿن ۾ هونديون، نمائندا ۽ ايجنٽ نوٽ ڪن. ادارو

شهرين جي سيڪيورٽي ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪنداسين: بلوچستان جو گهرو وزير

سيڪيورٽي فورسز جا جوان بهادري ۽ جرئت سان دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيا آهن

سمورن ضلعن ۾ سيڪيورٽي پلان تي عملدرآمد هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي: مير ضياءُ الله لانگو

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي گهرو وزير مير ضياءُ الله لانگو چيو آهي ته عيد جي موقعي تي شهرين کي بهتر سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي اها ڳالهه هن صوبي ۾ امن امان جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

گورنر ۽ ڊپٽي ميئر پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو عزم

ملاقات ۾ برساتن دوران افسوسناڪ واقعن ۽ قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ويو

بچاءَ جي قدمن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي صلاحيتون وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله گورنر هائوس ۾ ملاقات بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هڪ ٻيو غير قانوني ڪال سينٽر هٿ، سربراهه سميت 6 جوابدار گرفتار

وفاقي جاچ اداري جي سائبر ڪرائم ونگ شاهراهه فيصل تي واقع عمارت ۾ ڪارروائي ڪئي

شهرين سان ٺڳي ڪندڙ گروپ جو سربراهه نادر، سندس ساٿي آفاق ۽ علي رضا سميت 6 جوابدار سرگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ هڪ ٻيو غير قانوني ڪال سينٽر بي نقاب ڪيو ويو آپريشن ۾ بين الاقوامي فراڊ ۾ ملوث هڪ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران پارڻ جي بچت لاءِ گڏيل اپائن جو نوٽيفڪيشن جاري

اسپيڪر اويس قادر شاهه پاران ٻن مهينن جي پگهار ۽ پيٽروليم سميت ٻين سهولتن نه وٺڻ جو اعلان ڪيو

اسيمبلي ميمبرن جي پگهارن ۽ سهولتن ۾ 25 سيڪڙو گهٽتائي جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي ويجهو جاگيراڻي ۽ لولائي برادري ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا مارجي ويا، 3 زخمي

ڪچو بنڌي ٿاڻي ڌو جي حد ۾ هٿياربندن نوري لولائي جي گهر ۾ گهڙي مال چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

گهر ڌڻي سجاڳ ٿي فائرنگ ڪئي ته نتيجي ۾ نوجوان نورل ۽ هدايت الله جاگيراڻي مارجي ويا: ذريعا

جاگيراڻي برادري جي هٿياربندن جوابي فائرنگ ۾ راحب ۽ مهر لولائي سخت زخمي ٿي پيا

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ڪچو بنڌي ٿو ٿاڻي جي حد ۾ لولائي ۽ جاگيراڻي برادري جي هٿياربندن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مارجي ويلن جا لاش ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

گهوٽڪي: مارجي ويلن جا لاش ضروري بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي پوليس سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي فائرنگ بند ڪرائي

مارجي ويل توڙي زخمين کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو

زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ سکر جي اسپتال ريفر ڪيو ويو

گهوٽڪي: واقعي جي اطلاع تي ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران مختلف ٿاڻن جي پوليس سان گڏ واقعي واري هنڌ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پوليس جهيڙيندڙ ڌرين مان ڏرون اڇلايو ته هٿياربند فرار ٿي ويا

واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل

گهوٽڪي: ڪچي جي ڌرين موجب ڌرين ۾ ڇٽي فائرنگ بعد گهوٽڪي پوليس جهيڙيندڙ ڌرين مان ڏرون اڇلايو جنهن بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

چڪ ويجهو ڪارنهن تڪرار تان فائرنگ ۾ سڳا ڀائر قتل، مهمان سميت ٽي ڄڻا زخمي

ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي ۾ جتوئي برادري جي سڱن سوڙن ۾ پراڻي ڪارنهن تڪرار فائرنگ ڪئي وئي

فائرنگ ۾ حاجي عرف رحمت الله ۽ امداد مارجي ويا ۽ شهزادو، منير ڪمالاڻي ۽ عالم بدائي زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويلن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪري لاش ضروري ڪاروائيءَ بعد وارثن حوالي ڪيا

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) رستم لڳ ڪمالاڻي جتوئي برادري جي سڱن سوڙن وچ ۾ پراڻي ڪارنهن معاملي تان چڪتاڻ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه ڀائر قتل ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي ۾ سوڙن ۾ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

چڪ: برادرين ۾ تڪرار ۾ مارجي ويل ٻن ڀائرن جا فائيل فوٽو

لبنان ۾ اسرائيلي بمباري، ٻن ڏينهن ۾ 45 ماڻهو مارجي ويا

حملن ۾ 100 کان وڌيڪ شهري زخمي به ٿيا، جن ۾ ٻار به شامل

بيروت جي اوڀر ۾ بعلبيڪ ۽ ڏکڻ ۾ سيدون ۾ پڻ حملا ڪيا ويا

بيروت (اي پي پي) لبنان جي ڏکڻ پاسي اسرائيلي هوائي حملي ۾ وڏي تباهي ٿي آهي گذريل ٻن ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 45 ماڻهو مارجي ۽ 100 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن جن ۾ ٻار به شامل آهن الجزيره مطابق، اسرائيلي هوائي حملي ۾ ڏکڻ لبنان جي شهر برج الشمالي ۾ هڪ گهر کي نشانو بڻايو ويو ان کان سواءِ انهن اسرائيلي سرحد جي ويجهو وارن شهرن جي داخلي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — ڪراچي/برسات

ڪالوني گلشن اقبال، گلشن جمال ۽ گارڊن ۾ به تيز مينهن ۽ تيز هوائن لڳيون هوائن سان گڏ طوفان به جاري رهيو. جڏهن ته مينهن شروع ٿيندي ئي شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي. مينهن کان پوءِ معين آباد، عالمگير سوسائٽي، شادمان ٽائون 14 اي، گلشن اقبال ۽ ڊيفنس فيز I, II، اختر ڪالوني، ڪشمير ڪالوني ۽ نارٿ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي فراهمي پڻ معطل ٿي وئي. موسميات کاتي موجب شارع فيصل تي هوائن جي رفتار 90 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته ماڙي پور ۾ هوائن جي رفتار 97 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ ڪئي وئي. مختلف علائقن ۾ تيز هوائن سبب وڻ به ڪري پيا، جنهن جي ڪري ٽريفڪ جي وهڪرو سخت متاثر ٿيو آهي. ڪلفٽن ڊرائيونگ لائسنس برانچ ويجهو تيز هوائن سبب هڪ وڻ ڪري پيو 2 ماڻهو وڻ هيٺان ڦاسي پيا، محمد علي سوسائٽي ۾ ٽيپو سلطان روڊ تي هڪ بل بورڊ ڪري پيو. بلديا مواچ گوٺ ويجهو ٻه منزل عمارت جي ڇت پهرين منزل تي ڪري پئي جنهن سبب 13 ماڻهو فوت ٿي ويا. ريسڪيو اختيارين موجب بلديا مواچ گوٺ ويجهو پٽ ڪرڻ سبب 13 ماڻهو فوت ٿي ويا. ريسڪيو ترجمان موجب پٽ ڪرڻ سبب 3 ماڻهو زخمي ٿيا، لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ تي گولا شروع ڪري ڏني آهن. ايس ايس پي ڪياماڙي موجب ٻئي منزل جي ڇت پهرين منزل تي ڪري پئي، هي رهائشي عمارت ناهي، پوليس اهلڪار موقعي تي پهچي ويا آهن. گولا ۽ ريسڪيو جو ڪم جاري آهي. وڌيڪ ماڻهن جي ڦاسي پوڻ جو خدشو آهي. ريسڪيو ترجمان جو چوڻ آهي ته شروعاتي رپورٽن موجب فوت ٿيندڙ ماڻهو نشي جا عادي هئا، سڀئي ماڻهو برسات سبب عمارت ۾ گڏ ٿيا هئا. سنڌ جي وڏي وزير بلديا مواچ گوٺ ۾ عمارت ڪرڻ واري واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ ضلعي انتظاميا ۽ ريسڪيو وارن ادارن کي فوري ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي. قائد آباد مجيد ڪالوني ۾ هڪ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ عورت ۽ هڪ مرد فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿيو. مليرنديءَ يارو گوٺ ويجهو بجلي ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو. ڪورنگي نمبر ساڍا ٽي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي ۽ ڪورنگي 5 ۾ وڻ ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته رات جو وڌيڪ مينهن جو ڪو امڪان ناهي ۽ اڄ منجهند کان پوءِ مينهن جو امڪان هوندو. ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان تيز برسات ٿي سگهي ٿي ڪجهه هنڌن تي ڳڙي پوڻ جو به امڪان آهي عيد جي پهرين ڏينهن تي هلڪي برسات جو امڪان آهي. 24 کان 27 مارچ دوران اولهه واريون هوائون ڪراچي سميت سنڌ ۾ مينهن جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. مليرنديءَ يارو گوٺ ويجهو ڪنوڻ ڪرڻ سبب 01 شخص فوت ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ 35 سالن جي حضرت عمر جي نالي سان ٿي. ريسڪيو 1122 جي ترجمان موجب بلديا ٽائون جي مواچ گوٺ ويجهو عمارت ڪرڻ سبب 13 ماڻهو فوت ٿي ويا، ۽ انهن جا لاش سول اسپتال منتقل ڪيا ويا. ترجمان موجب 3 کان وڌيڪ ماڻهو واقعي واري هنڌ موجود آهن ۽ وڌيڪ لاشن جي موجودگي جي تصديق نه ٿي سگهي آهي. تنهن هوندي به ريسڪيو جو ڪم جاري آهي.

بقايا 2 — شرجيل ميمڻ

ضايع ٿي چڪيون آهن. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته ريسڪيو ۽ رليف ادارا واقعي واري هنڌ تي موجود آهن ۽ امدادي ڪارروائين ۾ مصروف آهن. جڏهن ته زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهر ۾ صفائي سترائي ۽ نيڪالي آب جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا ويا آهن. جڏهن ته ميئر ڊپٽي ميئر سميت لاڳاپيل انتظاميا پاڻ روڊن تي موجود آهي ۽ صورتحال جي سڌي نگراني ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته تازين موسمي تبديلين ۽ برساتن کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل عملي کي اڳواٽ الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون هيون. جڏهن ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه به ان حوالي سان ضروري حڪم جاري ڪري چڪا آهن. سينيئر وزير موجب شهر جي مختلف علائقن ۾ نالن جي صفائي، ڪچري جي بروقت منتقلي ۽ پاڻي جي نيڪالي کي يقيني بڻائڻ لاءِ خصوصي ٽيمون ۽ ڪئمپ اڳواٽ مقرر ڪيا ويا هئا. هن چيو ته ڪجهه علائقن ۾ وڻن ۽ بجلي جي ٿنڀن ڪرڻ سبب بجلي جي فراهمي متاثر ٿي آهي، جنهن کي امدادي سرگرمين ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن، جڏهن ته لاڳاپيل ادارا صورتحال کي معمول تي آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن.

بقايا 3 — هدايت

نظر ۾ رکندي، ڪي اليڪٽرڪ عوام کي آگاهي پيغام جاري ڪيو جنهن ۾ عوام کي اپيل ڪئي وئي ته تيز هوائن ۽ مينهن دوران بجلي جو سامان استعمال ڪندي احتياط ڪن. ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان چيو ته مينهن ۽ نيڪال وارن علائقن ۾ پاڻي جي موٽرن جهڙن بجلي جي سامان جو غير محفوظ استعمال حادثن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. شهري ڪي وي، انٽرنيٽ ڪيبل ٽٽل تارن ۽ بجلي جي ٽرانسميشن تنصيب کان محفوظ فاصلو برقرار رکن. ڪي اليڪٽرڪ جي ترجمان چيو ته غير قانوني ذريعن کان بجلي حاصل ڪرڻ ۽ جعلي ڊوائيسز استعمال ڪرڻ موتمار حادثن جو سبب بڻجي ٿا. ترجمان چيو ته مينهن کان پوءِ شهر جي صورتحال جو جائزو ورتو پيو وڃي، جنهن لاءِ سڀئي فيلڊ اسٽاف الرٽ آهن.

بقايا 4 — چيف فائر آفيسر

آفيسر همايون خان چيو ته ڪراچي ۾ برسات جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ڪراچي جي ميئر جي هدايتن تي ايمرجنسي ريسپانس ٽيمون ڏاهيون ويون آهن هن عوام کي اپيل ڪئي ته برسات دوران ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال جي رپورٽ 1339 هيلپ لائن تي ڪن همايون خان موجب، شهر جي سڀئي فائر اسٽيشنن کي هاءِ الرٽ تي رکيو ويو آهي، جڏهن ته ايمرجنسي ريسپانس ڊيوٽي لاءِ 7 فوڪل پرسن مقرر ڪيا ويا آهن همايون خان موجب ايمرجنسي ريسپانس ڊيوٽي لاءِ ڪي ايم سي بلڊنگ ۾ هڪ مرڪزي ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي ايمرجنسي ريسپانس ڊيوٽي تي مقرر فوڪل پرسن 24 ڪلاڪ ڪنٽرول روم سان رابطي ۾ رهندا، جڏهن ته ٽيمون ميونسپل ڪمشنر ڪراچي جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪري رهيون آهن

بقايا 5 — جائزو

ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي ڪياماڙي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن وزير داخلا ۽ ميئر ڪراچي کي ڇت ڪرڻ واري واقعي، جاني نقصان ۽ زخمين کي فراهم ڪيل طبي امداد بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. وزير داخلا سنڌ ضياءالحسن لنجار ريسڪيو ادارن کي هدايت ڪئي ته امدادي ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن ۽ ريسڪيو آپريشن جلد مڪمل ڪيو وڃي هن ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي پڻ هدايت ڪئي ته ملبي هيٺان دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا وڃن. وزير داخلا ۽ ميئر ڪراچي ٻنهي قيمتي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ڄاڻ بحق ماڻهن جي وارثن سان دلي تعزيت ڪئي. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا امدادي ڪارروائين ۾ مڪمل سهڪار ڪري رهيا آهن هن هدايت ڪئي ته زخمين کي فوري ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هن وڌيڪ چيو ته هن ڏکي گهڙي ۾ سنڌ حڪومت ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي متاثر خاندانن سان گڏ بيٺل آهن آخر ۾ دعا ڪئي وئي ته الله تعاليٰ ڄاڻ بحق ماڻهن کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندن وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين

بقايا 6 — موسميات کاتو

جمعي ۽ ڇنڇر تي هڪ نئون سسٽم داخل ٿيندو. موسميات کاتي موجب شاهراهِ فيصل تي هوائن جي رفتار 90 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئي، جڏهن ته ماڙي پور ۾ هوائن جي وڌ ۾ وڌ رفتار 97 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئي.

بقايا 7 — هدايت

وزير چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ سرگرم آهي. ماڻهو گهرن ۾ رهن ۽ بجلي جي تنصيبات کي هٿ لڳائڻ ۾ احتياط ڪن ناصر حسين شاهه چيو ته پاڻي جي نيڪال لاءِ آفيسرن کي ٽيمن سان گڏ مختلف هنڌن تي موڪليو ويو آهي. جڏهن ته مشينري موڪلي پئي وڃي هن هدايت ڪئي ته پاڻي جي نيڪال جو عمل فوري طور تي شروع ڪيو وڃي ۽ پاڻي جمع ٿيڻ جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي وڃي مارڪيٽن جي چوڌاري فوري طور تي نيڪال شروع ڪيو وڃي. ڪراچي انتظاميا برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ الرٽ آهي.

بقايا 8 — تباهه

تيز هوائن ۽ طوفاني برساتن ساحلي علائقن ۾ وڏي پيماني تي تباهي مچائي ڇڏي آهي شهر جي مختلف علائقن ۾ نيڪال جو نظام خراب ٿي ويو رستا پاڻي ۾ ٻڏي ويا ۽ عام زندگي درهم برهم ٿي وئي. ساحلي پٽي تي سڀ کان وڌيڪ نقصان ڪراچي جي ٻئي نمبر وڏي مڇي مارڻ واري آبادي مبارڪ وليج ۾ ٿيو جتي طوفاني هوائن ملبيءَ جا گهر مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيا، جڏهن ته ڪيترن ئي پڪن گهرن جون ڇتيون به اڏامي ويون مقامي ماڻهن موجب طوفان جي شدت غير معمولي هئي جنهن جي ڪري ڪيترن ئي خاندانن جا گهر تباهه ٿي ويا ۽ اهي کليل آسمان هيٺ رهڻ تي مجبور ٿي ويا. مقامي رهواسين ۽ ماهيگيرن جو چوڻ آهي ته برسات ۽ طوفان جي 24 ڪلاڪن کان پوءِ به ڪا به سرڪاري امداد يا ريسڪيو ٽيم موقعي تي نه پهتي آهي متاثرين پاڻ ملبو هٽائڻ ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ ۾ مصروف آهن، پر بنيادي ضرورتن جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن پيئڻ جي صاف پاڻي، کاڌي، خيمن ۽ طبي سهولتن جي فوري ضرورت آهي سڄي مڇي مارڻ واري برادري جو چوڻ آهي ته ڪيترين ئي ٻيڙين به خراب ٿيون آهن. جنهن ڪري انهن جي گذر سفر سخت متاثر ٿيو آهي انهن چيو ته جيڪڏهن فوري مدد نه ڪئي وئي ته صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. متاثرين مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ حڪومت ۽ وفاقي ادارا فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ هنگامي بنيادن تي امدادي ڪارروايون شروع ڪن. انهن مطالبو ڪيو ته نقصان جي شفاف جائزي کان پوءِ متاثر خاندانن کي مالي مدد ۽ عارضي رهائش فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 9 — سردار عبدالرحيم

برساتن دوران پيش آيل مختلف حادثن ۾ قيمتي انساني جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته ميڊيا رپورٽن موجب تيز برسات ۽ آنڌهي سبب گهرن جون ڇتيون ڪرڻ، ڇپرون ڊهڻ ۽ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جهڙن واقعن ۾ ڪيترائي ماڻهو فوت ۽ زخمي ٿيا آهن، جيڪو انتهائي افسوسناڪ ۽ ڳڻتي جوڳو عمل آهي. هن چيو ته رمضان المبارڪ ۽ عيدالفطر کان اڳ اهڙي قسم جي افسوسناڪ سانحي سڄي ملڪ جي فضا کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي. سردار عبدالرحيم چيو ته اهڙا سانحا حڪومتي نااهلي ۽ اڳواٽ اپاءَ نه وٺڻ جو نتيجو آهن. جڏهن ته موسميات کاتي طرفان اڳواٽ وارننگ باوجود مؤثر قدم نه کنيا ويا. هن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور متاثر خاندانن لاءِ مالي امداد جو اعلان ڪيو وڃي ۽ زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کان بچڻ لاءِ مضبوط ۽ مؤثر حڪمت عملي اختيار ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. جيئن شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 10 — مرتضيٰ وهاب

سبب ٿيل جاني ۽ مالي نقصان ناقابل تلافي آهن هن زخمين کي فوري طور اسپتالن ۾ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون. ميئر ڪراچي فوت ٿيلن جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي ۽ سندن وارثن سان مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي هن وڌيڪ چيو ته وڻ ڪرڻ ۽ ٻين شڪايتن تي اينٽي انڪروچمينٽ ڊپارٽمينٽ، ميونسپل سروسز، سٽي وارڊنز ۽ اربن ريسڪيو جون ٽيمون سڄي شهر ۾ سرگرم آهن. جيڪي پاڻي جي نيڪال ۽ ٽريفڪ جي بحالي کي يقيني بڻائي رهيون آهن ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب گذريل رات شهر جي مختلف علائقن جو دورو پڻ ڪيو جن ۾ شاهراهِ فيصل، شاهراهِ قائدين، نرسري، مائي ڪولاچي روڊ، بوٽ بيسن، ٽو تلوار ۽ آءِ آءِ چندريگر روڊ شامل آهن ان موقعي تي هن نرسري وٽ پاڻي جي نيڪال جي ڪم جو جائزو ورتو ۽ هدايت ڏني ته پاڻي کي جلد کان جلد ڪڍيو وڃي. هن سان گڏ ميونسپل ڪمشنر ابرار احمد جعفر، ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن احمد علي صديقي، ٽائون چيئرمين چنيسر فرحان غني ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي چيو ته وڌيڪ برسات جي امڪان کي نظر ۾ رکندي شهر ۾ رين ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ سڀ ادارا الرٽ آهن هن پارڪس کاتي کي ڪريل وڻ فوري هٽائڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني بحال رکڻ جون هدايتون ڏنيون جڏهن ته واٽر ڪارپوريشن جو عملو پڻ پاڻي جي نيڪال ۾ مصروف آهي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته بجلي جي ڪٻن ۽ اوزارن کان پري رهن، غير ضروري طور گهرن کان ٻاهر نه نڪرن ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪن هن چيو ته ايمرجنسي سيل فعال آهي ۽ ڪنهن به شڪايت لاءِ هيلپ لائن سان رابطو ڪيو وڃي سڀ عملو ۽ مشينري مختلف علائقن ۾ مقرر ڪئي وئي آهي ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن

بقايا 11 — زخمي

جهيڙو فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه پاٽر حاجي عرف رحمت الله ۽ امداد ولد سلطان ڪمالاڻي قتل جڏهن ته جٿا منير ولد قائم ۽ ٻي ڌر جو شهزادو ڪمالاڻي ۽ مهمان ساجد بداڻي زخمي ٿي پيا اطلاع بعد پوليس مارجي ويلن ۽ زخمين کي خانپور اسپتال پهچايو قتل ٿي ويل ٻن ڄڻن جا لاش ضروري ڪارروائيءَ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ڏرين ۾ وقفي وقفي سان جديد هٿيارن سان فائرنگ جاري ڏرين جا گهر هڪٻئي جي ويجهو هئڻ سبب ڪنهن به وقت وڌيڪ جاني نقصان جو خطرو آخري اطلاعن تائين ڪو به جوابدار گرفتار ٿي نه ئي ڪيس داخل ٿي سگهيو.

بقايا 12 — زخمي

جو هڪ ٻئي مٿان حملو فائرنگ جي نتيجي ۾ 5 ماڻهو قتل ٿيڻ جا اطلاع، جڏهن ته جاگيراڻي برادري سان تعلق رکندڙ ٻن ڄڻن هدايت الله پٽ حاجي محمود ذات جاگيراڻي ۽ نور احمد پٽ ڪٿو جاگيراڻي جا مڙهه پوليس ڪنڌڪوٽ اسپتال پهچايا جيڪي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن ته لولائي برادري جي راحب لولائي ۽ مهر لولائي جي زخمي ٿيڻ تي پوليس ليٽر بعد سکر ريفر ڪيو ويو، ان دوران پوليس جهيڙو روڪرائڻ لاءِ ڏرين سان ڪارروائي پڻ ڪئي جنهن دوران ٻڌايو پيو وڃي ته ڏرين سان هڪ جٿو هوت جاگيراڻي پڻ مارجي ويو پر ان جي پوليس تصديق نه ڪئي ڇوته ان جو لاش نه مليو. پوليس جو چوڻ آهي ته سڄو ڏينهن جهيڙو هلندو رهيو جنهن دوران جاگيراڻي هٿيارٻندن لولائي برادري جي نينگر کي پڻ اغوا ڪري ويا پوسٽ مارٽم لاءِ ڪٽي اينڊ مارجي ويلن جا لاش روڪي ڏرين هٿيا سون جنهن دوران نينگر کي صحيح سلامت بازياب ڪرائي وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس ذريعن مطابق ته 5 يا انهن کان وڌيڪ ماڻهو مارجڻ جا اطلاع ڪين به ملي رهيا آهن پر ان جي تصديق نه ٿي ڪري سگهجي ڇوته ڪين لاش ناهن مليا، پوليس مطابق ته ڪچي جو علائقو آهي ٿي سگهي ته مارجي ويل ٻيا ڏوهن ۾ ملوث هجن ۽ پوليس کي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هجن جنهن ڪري وارثن لاش لڪائي تدفين ڪن پر ان حوالي سان پوليس جاچ پڻ ڪري رهي آهي. پوليس مطابق واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو فريادي اچڻ سان ڪيس داخل ٿيندو ٻي صورت ۾ سرڪار پاران ڪيس داخل ڪيو ويندو ميڊيا رپورٽن مطابق ته گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ۾ جاگيراڻي لولائي برادري ۾ سال جي پيل تان ٻن ڏرين ۾ جهيڙو فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه جٿا مارجي ويا ۽ ٽي جٿا زخمي، واقعي بعد ڏرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي. خبر موجب گهوٽڪي ويجهو ڪچو بندي واري علائقي ۾ جاگيراڻي ۽ لولائي برادري جي ٻن ڏرين وچ ۾ سال جي پيل تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي ڏرين ماڻهن هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، گوليون لڳڻ سبب هدايت خان ۽ نورل جاگيراڻي قتل ٿي ويا، جڏهن ته راحب لولائي، مهر لولائي، ماڪڙو لولائي سميت ٽي جٿا زخمي ٿي پيا، واقعي بعد ڏرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي بعد ڇڪتاڻ ختم ڪرائڻ لاءِ مختلف ٿاڻن جي پوليس ايس ايس پي انور کيتران جي اڳواڻي ۾ پهچي وئي فائرنگ روڪرائڻ لاءِ ڏرين مٿان پوليس جا ڏرون حملا ڪرڻ جا اطلاع، علائقي واسين ڇڪتاڻ سبب وڌيڪ جاني نقصان جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي، پوليس جو چوڻ آهي ته ڏرين وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو جنهن ڪري وڌيڪ نقصان جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي، واقعي بعد ڪچي بندي پوليس نفري سان گڏ ڪچي واري علائقي ۾ پهتل آهي جتي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن.

بقايا 13 — فائر بند ڪرايا

پهچي فائرنگ بند ڪرائي جنهن بعد مارجي ويل ٽوڙي زخمين کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو گهوٽڪي جي تعلقه اسپتال مان طبي امداد ڏيڻ بعد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ سکر جي اسپتال ريفر ڪيو ويو

بقايا 14 — فرار

بعد گهر تي ڪاهه ڪندڙ جاگيراڻي برادري جا هٿيارٻند فرار ٿي ويا، هوڏانهن واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو جڏهن ته علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. پوليس جي نفري وڏي انگ ۾ ڪچو بندي ٿاڻي تي ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران جي موجودگي ۾ موجود آهي

بقايا 15 — ڪهرام

ڪارروائي کانپوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا، جنهن بعد مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي بابت پوليس جو چوڻ آهي ته جاگيراڻي برادري جا ٻه نوجوان مارجي ويا آهن ۽ لولائي برادري جا ٽي نوجوان زخمي ٿي پيا آهن. فائرنگ بند ٿيڻ کانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ روانو ٿي وئي آهي.

بقايا 16 — وڏو وزير

پروجيڪٽ ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومينٽ پروجيڪٽ (KWSSIP) جي تحت جاري سڌارن جي رفتار تي تڪميل شهر جي وڌندڙ پاڻي ۽ نيڪال جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ناگزير آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ڪيل جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي بهتر بڻائڻ صوبائي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته شهر جي وڌندڙ آبادي جديد ۽ اثرائتي پاڻي جي فراهمي جي نظام جي گهرجائو آهي ته تنهنڪري تمام جاري منصوبن کي مقرر وقت ۽ اعليٰ معيار سان مڪمل ڪيو وڃي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ناصر حسين شاهه، جام خان شورو، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ نجم شاهه، سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، چيئرمين سي آءِ سي ڊاڪٽر سروش حشمت لودي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن احمد علي صديقي، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪي ايس ايس آءِ پي عائشه حميد، چيف آپريٽنگ آفيسر ڪي ڊبليو ايس سي اسد الله خان ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ڪي فور پائپ لائن تي ڪم تيز ڪيو ويو آهي خاص ڪري ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ سان گڏيل 7.2 ڪلوميٽر طويل ڪوريڊور تي ڪم جاري آهي منصوبي جي تڪميل کي يقيني بڻائڻ لاءِ هاڻي روزانو ٻه وڏيون پائپ لائينون وڇائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته گنجان آباد علائقن ۾ موجود يوٽيلٽي لائينن جي پيش نظر جديد کوٽائي جي ٽيڪنڪ استعمال ڪئي وڃي ته جيئن عوامي انفراسٽرڪچر کي نقصان نه پهچي ۽ شهري خدمتون متاثر نه ٿين اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته ڪي ايس ايس آءِ پي جي فيز ون جا ڪيترائي اهم حصا تڪميل جي ويجهو آهن هڪ ڪسٽمر سروس سينٽر مڪمل ٿي چڪو آهي جڏهن ته ٻيا سينٽر آخري مرحلن ۾ آهن سينٽر آف ريفارم ريسرچ اينڊ انوويشن (CRR&I) جي عمارت ۽ سروس گاڏين لاءِ پارڪنگ شيڊز ۾ تعمير هيٺ آهن عملدارن ڍابيجي رائزنگ مين ۽ ڍابيجي پمپنگ اسٽيشن جي بحالي ۾ نمايان اڳڀرائي بابت به آگاهه ڪيو جيڪي ڪراچي جي وڏي پيماني تي پاڻي جي فراهمي جي نظام لاءِ انتهائي اهم آهن. ادارتي سڌارن جي تحت ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن صارفين لاءِ هڪ گڏيل ڊجيٽل پليٽ فارم متعارف ڪرايو آهي جنهن جي ذريعي شهري بلن جي ادائيگي، شڪايتن جو اندراج ۽ واٽر ٽينڪر جي بڪنگ آن لائن ڪري سگهن ٿا. هي پليٽ فارم اردو انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ دستياب آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪي ايس آءِ پي جي تحت پٺتي پيل غير رسمي آبادين تائين پاڻي ۽ سيوريج جي سهولتن جي فراهمي به يقيني بڻائي پئي وڃي صوبا نگر ۽ عيسيٰ نگري جهڙن علائقن کي ڪميونٽي پروگرامز جي ذريعي بهتر نظام سان منسلڪ ڪيو پيو وڃي وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڻي ۽ نيڪال جي سهولتن تائين برابري جي بنياد تي پهچ منصوبي جو بنيادي مقصد هجڻ گهرجي ته جيئن ڪراچي جي هر شهري کي محفوظ پاڻي ۽ مناسب سيوريج جي سهولت ميسر هجي اجلاس ۾ ڪي ايس ايس آءِ پي جي فيز ٽو جي تياري جو به جائزو ورتو ويو جنهن جي تحت پاڻي جي انفراسٽرڪچر ۽ ادارتي سڌارن کي وڌيڪ وسعت ڏني ويندي. وڏي وزير چيو ته ايندڙ مرحلو عالمي بئنڪ ۽ ايشين انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بئنڪ جي تعاون سان شروع ڪيو ويندو اجلاس جي پڄاڻي تي وڏي وزير تمام کاتن کي ويجهي رابطي ۾ رهڻ ۽ منصوبي جي وقتائتي تڪميل يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ڪي ايس ايس آءِ پي جي ڪاميابي ڪراچي جي پاڻي ۽ سيوريج جي نظام ۾ بنيادي تبديلي آڻيندي ان ڪري موجوده رفتار کي برقرار رکندي شهرين لاءِ ڊگهي بهتري فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 17 — منظوري

شهريت (ترميمي) بل 2026ع، اخباري ملازم (ملازمت جا شرط) (ترميمي) بل 2026ع، زڪوات ۽ عشر (ترميمي) بل 2026ع، نيشنل آرڪائيوز (ترميمي) بل 2026ع، پاڪستان جا نالا ۽ نشان (روڪٿام ۽ غير مجاز استعمال) (ترميمي) بل 2026ع، ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان ڪارپوريشن (ترميمي) بل 2026ع، نيا پاڪستان هائوسنگ اينڊ ڊيولپمينٽ اٿارٽي (ترميمي) بل 2026ع، پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2026ع ۽ دانش يونيورسٽي اسلام آباد بل 2026ع شامل آهن. صدر بلوچستان جي ڪوٽا تحت اعزاز اسلم ڊار کي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن (ايف پي ايس سي) جو ميمبر مقرر ڪرڻ جي به منظوري ڏني آهي. صدر پروفيسر سرور محمد خواجه، راشد ملڪ ۽ زين العابدين احسن کي سندن خدمتن جي اعتراف ۾ ستاره امتياز سان نوازڻ جي به منظوري ڏني آهي. صدر عيد الفطر ۽ پاڪستان جي ڏهاڙي 2026ع جي موقعي تي سزائن ۾ خصوصي گهٽتائي جي به منظوري ڏني آهي.

بقايا 18 — تياري

ڪامورن کي ڪڍيو ويندو انهن کاتن ۾ وفاق جا ڪسٽم، ايف آءِ اي، مواصلات، آءِ ٽي، صحت، اليڪشن ڪميشن، جڏهن ته صوبن ۾ پوليس، خوراڪ، زراعت، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن، آبپاشي، بورڊ آف روينيو، ورڪس اينڊ سروس، ٽرانسپورٽ، گهرو وزارت، ايجوڪيشن سميت ٻيا مختلف کاتا شامل آهن. جن سان لاڳاپيل ڪامورن کي برطرف ڪيو ويندو انهن ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويندا. واضح رهي ته پيپلزپارٽي جي باني قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي منظوري سان 1973ع ۾ ڀٽو جي دور ۾ ملڪ جي چئني صوبن سنڌ، بلوچستان، پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ آزاد ڪشمير مان انهن 1400 سرڪاري ڪامورن کي برطرف ڪيو ويو هو جيڪي نااهل، ڪرپٽ ۽ سياسي بنيادن تي ڀرتي ۽ مس ڪنڊڪٽ ۾ ملوث قرار ڏنا ويا هئا.

بقايا 19 — اتفاق

جي صدر رجب طيب اردوان سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ کيس عيدالفطر جي مبارڪباد ڏني. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب انتهائي گرمجوش ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم صدر اردوان، سندس گهرواتين ۽ ڀائر ترڪ عوام کي عيد جي دلي مبارڪباد ڏني جنهن جو صدر اردوان پڻ والهاڻو جواب ڏنو عيد جي مبارڪباد جي مٽاسٽا کانسواءِ ٻنهي اڳواڻن مسلمان امت جي لاءِ امن، اتحاد ۽ خوشحالي جي دعا پڻ ڪئي. وزيراعظم خطي ۾ جاري ڇڪتاڻ خاص طور تي ترڪيه تي ميزائيل حملن جي مذمت جو ورجاءُ ڪندي چيو ته پوري پاڪستاني قوم ان مشڪل حالتن ۾ پنهنجي ترڪ ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي. ٻنهي اڳواڻن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته علائقائي صورتحال جو حل رڳو ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي ذريعي ئي ممڪن آهي. ٻنهي اڳواڻن افغانستان جي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وزيراعظم پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ امن جي فروغ جي لاءِ ۽ خاص طور تي عيد جي ڏهاڙن دوران تازو ئي اعلان ڪيل عارضي جنگبندي جي حوالي سان ترڪيه جي تعميري ڪردار جو اعتراف ڪيو. وزيراعظم فيبروري 2025ع ۾ صدر اردوان جي تاريخي پاڪستان جي دوري ۽ ان کانپوءِ اپريل ۽ مئي 2025ع ۾ پنهنجي ترڪيه جي دوري جو ذڪر ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ويجهو تعاون جاري رکيو آهي. ٻنهي اڳواڻن گڏيل مفاد ۽ علائقائي تعاون جي لاءِ ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو.

بقايا 20 — انڪشاف

ڪجهه ڏينهن اڳ ايران جنگ بابت خدشن تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني هئي اهڙو اظهار هن آمريڪي صحافي جي شو ۾ ڳالهائيندي ڪيو رپورٽ موجب هن چيو ته کيس ۽ ٻين ڪيترن ئي سينيئر آمريڪي عهديدارن کي ان ڳالهه جي اجازت نه ڏني وئي هئي ته هو صدر کي ايران تي حملي جي خطرن کان آگاهه ڪري سگهن ۽ آمريڪي صدر ايران تي حملو ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ صلاحڪارن جي هڪ ننڍي حلقي تي ڀاڙيو ته اهم فيصلي سازن کي صدر ٽرمپ آڏو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ جي اجازت نه هئي ۽ نه ئي ايران تي حملي جي فيصلي کان اڳ ان حوالي سان ڪو جامع بحث ڪرايو ويو جوڪينٽ اهو انڪشاف به ڪيو ته آمريڪي انتظاميه جي ميمبرن جي اندر به ايران تي حملن جي حوالي سان خدشا موجود هئا پر هن اهو ته ٻڌايو ته کيس ايران تي حملي جي نتيجن بابت پنهنجي خدشن کان صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي آگاهه ڪرڻ کان ڪنهن روڪيو هو هن جو اهو انڪشاف صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ايران تي حملي جي فيصلي جي اندروني ڪهاڻي جي جهلڪ پيش ڪندي ان خطري جي به نشاندهي ڪري ٿو ته جنگ ان جي سياسي بنياد کي ورهائي سگهي ٿي هن چيو ته اهڙو ڪو ڳجهو اطلاع نه هو ته ايران جوهري هٿيار تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. جوڪينٽ چيو ته سندس خيال آهي ته اسرائيل حملي ڪرڻ جو واعدو ڪري آمريڪا کي ايران تي حملي تي مجبور ڪيو جنهن خطي ۾ آمريڪي مفادن کي خطرن ۾ وجهي ڇڏيو هن چيو ته ايران کي آمريڪا لاءِ خطرو قرار ڏيڻ ۾ اسرائيلي عملدارن ۽ آمريڪي ميڊيا جو وڏو ڪردار آهي هن ٻڌايو ته ايران تي حملي جو فيصلو اسرائيلين ڪيو هن آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ هائوس جي اسپيڪر مائيڪ جانسن جي تبصرن جو حوالو پڻ ڏنو جن چيو آهي ته اسرائيل جي منصوبن آمريڪا کي ايران تي حملو ڪرڻ تي مجبور ڪيو جوڪينٽ چيو ته اسرائيلي وزيراعظم ۽ ٻيا اسرائيلي عملدار ذاتي طور تي صدر ٽرمپ کي باور ڪرايو ته ايران آمريڪا لاءِ خطرو آهي ۽ پنهنجي موقف جي حمايت ۾ اڪثر اهڙي معلومات پيش ڪئي جنهن جي آمريڪي عملدار تصديق نه ڪري سگهيا. جيڪو ڪجهه اسرائيلي چئي رهيا هئا ان جي آمريڪي انٽيليجنس رپورٽس ۾ عڪاسي نه ٿيندي هئي جوڪينٽ دعويٰ ڪئي ته ٽرمپ جي جنگ شروع ڪرڻ جي فيصلي جي پويان اسرائيلي لابي جو هٿ هو.

بقايا 21 — شروعات

آباد، راولپنڊي، ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا سميت 16 کان وڌيڪ شهرن ۾ پنهنجي فائيو - جي سروسز جي ڪمرشل شروعات ڪري ڇڏي آهي ڊجيٽل ڪنيڪٽيوٽي، جدت ۽ معاشي تيزي جي هڪ نئين دور جي شروعات ڪندي، زونگ 2026ع دوران سڄي ملڪ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ فائيو جي سائيٽس لڳائڻ ۽ اپ گريڊيشن جو اسٽريٽجڪ عزم ظاهر ڪيو آهي جنهن سان پاڪستان جي ڊجيٽل ايڪو سسٽم ۾ سگهه، اسپيڊ ۽ اثر ۾ اضافو ٿيندو. گذريل ڏينهن جاري بيان موجب اها لانچ پاڪستان کي هڪ جامع، انٽيليجنٽ ۽ مڪمل ڊجيٽل مستقبل طرف وٺي وڃڻ جي عزم جي عڪاسي آهي اها زونگ جي ان سفر جي تڪميل آهي جيڪو 2019ع ۾ پاڪستان جي پهرين فائيو - جي ٽرائل سان شروع ٿيو هو ۽ اڄ هڪ مضبوط فائيو - جي انفراسٽرڪچر جي صورت ۾ سامهون آيو آهي عالمي معيار جي انفرا اسٽرڪچر جي ڪري زونگ ٽرائلز ۾ 14 جي بي پي ايس کان وڌيڪ رفتار جو مظاهرو ڪيو آهي جيڪو ان کي ٽيڪنالاجي ۽ نيٽ ورڪ جدت ۾ نمايان بڻائي ٿو زونگ جي فائيو جي حڪمت عملي جي مرڪز ۾ ڪي انقلابي نقطا شامل آهن: بهترين ڪسٽمر تجربو اولين ترجيح آهي، جنهن تحت گهٽ ليٽنسي، اعليٰ اعتبار، مستقل ڪارڪردگي ۽ بنا رڪاوٽ سروس فراهم ڪئي ويندي ته جيئن نيڪسٽ جنريشن جي سهولتن جهڙوڪ ايمرسو گيمنگ لاءِ ڪسٽمائزڊ بنڊلز، الٽرا ايڇ ڊي ويڊيو اسٽريمنگ ۽ جديد ڊجيٽل طرز زندگي کي هٿي ڏئي سگهجي، زونگ مسئلن جو فوري حل ۽ ايپ، مختلف ٽچ پوائنٽس ۽ سوشل چينلز تي هموار ۽ هڪجهڙو تجربو فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائيندو دنيا جي سڀ کان وڏي ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪمپني چائنا موبائيل لميٽيڊ جي ذيلي ڪمپني هجڻ ناطي، زونگ عالمي مهارت ۽ جدت کي پاڪستان ۾ هڪ عالمي معيار جي ڊجيٽل ايڪو سسٽم جي جوڙجڪ لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي جيڪو قومي ترقياتي ترجيحن موجب آهي.

بقايا 22 — آءِ اي اي

موجب، اها ڳالهه آءِ اي اي اي جي ڊائريڪٽر جنرل رافيل گروسي گذريل ڏينهن آمريڪا جي دوري جي موقعي تي چئي هن چيو ته هي (ڌماڪا) زمين هيٺ موجود آهن پر اسان اڃا تائين ان جو دورو ناهيون ڪري سگهيا. رافيل گروسي چيو ته ايران گذريل سال جون ۾ اداري کي نون ڌماڪن جي موجودگي بابت اطلاع ڏنو هو اسان جا انسپيڪٽرز هن مهيني جي آخر ۾ معائني لاءِ اصفهان ۾ هئا پر کين ان وقت دورو ملتوي ڪرڻو پيو جڏهن اتان جي ايٽمي ڪامپليڪس تي اسرائيل سان گڏ 12 ڏينهن جنگ جي شروعات ۾ بمباري ڪئي وئي. هن چيو ته انسپيڪٽرن پاران دورو ملتوي ٿيڻ سبب اهو معلوم ناهي ٿي سگهيو ته ڇا اهو صرف هڪ خالي هال آهي يا ان ۾ سينٽري فيوجز جي تنصيب لاءِ ڪنڪريٽ جا بنياد تيار آهن اهي مشينون جيڪي بجلي گهرن ۽ ايٽمي هٿيارن لاءِ يورينيم جي رچاءَ لاءِ استعمال ٿينديون آهن هن چيو ته ڪجهه اهڙا سوال آهن جن جي وضاحت اسان صرف ان صورت ۾ ڪري سگهنداسين جڏهن اسان اتي واپس وڃي سگهون.

بقايا 23 — گرفتار

اختيارين دعويٰ ڪئي آهي ته سڄي ملڪ ۾ ڪارروائين دوران 97 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن تي آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ ڪم ڪرڻ جو الزام آهي اختيارين موجب جوابدارن تي الزام آهي ته اهي ملڪ ۾ بدامني پکيڙڻ ۽ قتل جي ڪارروائين جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا.

بقايا 24 — ملاقات

موقعي تي سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان، ترڪ پرڏيهي وزير هاڪان فيدان ۽ مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي سان ملاقاتون ڪيون ڪالهه خميس ڏينهن پرڏيهي وزارت موجب ملاقات ۾ بدلجندڙ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته امن، استحڪام ۽ گڏيل خوشحالي کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو.

بقايا 25 — اپيل

شهباز شريف جي صدارت ۾ خطي جي تيزي سان خراب ٿيندڙ صورتحال جي ڏس ۾ ٻارڻ جي بچت ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن جي لاڳو ٿيڻ جو جائزو وٺڻ جي لاءِ اجلاس ٿيو جنهن ۾ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نيشنل سيڪيورٽي ايڊوائيزر ليفٽيننٽ جنرل محمد عاصم ملڪ، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، ناڻي ۽ روينيو واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس کي ملڪ ۾ موجوده ذخيرن، کپت ۽ ڪارگوز تي بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پيٽروليم مصنوعات جو مناسب ذخيرو موجود آهي ۽ وڌيڪ به انتظام ڪيو پيو وڃي وزيراعظم جي وقت سر عملي قدمن ۽ هدايتون جاري ڪرڻ سان ٻارڻ جي ذخيرن جي حوالي سان انتظام ڪيا ويا. بريفنگ موجب وچ اوڀر ۽ خطي جي غيرمستحڪم صورتحال جي ڏس ۾ جنهن جي ڪري ٻارڻ جي پهچ شديد متاثر ٿي سگهي ٿي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ايندڙ ڏينهن ۾ بچت جا وڌيڪ قدم کڻڻا پوندا. وزيراعظم اجلاس ۾ هدايت ڪئي ته صوبن سان گڏجي هڪ جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي ته جيئن هنگامي صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي اجلاس کي ڪفايت شعاري ۽ بچت جي قدمن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو وزيراعظم چيو ته بچت ۽ ڪفايت شعاري جي پاليسي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ عوام کي رليف مهيا ڪرڻ ممڪن ٿيو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته وزيراعظم پاران جاري ڪيل هدايتن تي عملدرآمد يقيني بڻايو پيو وڃي انٽيليجنس بيورو پاران نگراني پڻ ڪئي پئي وڃي. وزيراعظم زور ڏنو ته اشرافيه اڳتي وڌي ايثار ۽ قرباني جي جذبي کي اختيار ڪندي بچت ۽ ڪفايت شعاري جو مثال قائم ڪري اجلاس کانپوءِ جاري پڌرائي موجب حڪومت عوام کي پيٽرول ۽ ڊيزل جي بچت جي قدمن کي اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي ته جيئن ايندڙ ڏينهن ۾ پيٽروليم مصنوعات جي دستيابي متاثر ٿيڻ جي خطري کان بچي سگهجي اجلاس جي پڌرائي موجب هر ممڪن صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار رهڻو پوندو ۽ بدلجندڙ حالتن موجب طرز عمل اختيار ڪرڻو پوندو پڌرائي ۾ پيٽرول بچائڻ جي لاءِ ڪار پولنگ اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ته جيئن چرپر گڏيل طور ڪرڻ سان بچت ٿي سگهي پڌرائي ۾ چيو ويو ته غيرضروري سفر کان پاسو ڪيو وڃي ۽ تيل بچائڻ جي لاءِ آمد و رفت کي محدود رکيو وڃي وزيراعظم حالتن جي بهتري تائين سمورن لاڳاپيل ادارن کي هنگامي قدمن جي لاءِ تيار رهڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ڏنل بريفنگ موجب سموري صورتحال جي نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ پيٽروليم مصنوعات جو رڪارڊ رکيو پيو وڃي ته جيئن ڪنهن به قسم جي بي قاعدگي جي فوري نشاندهي ٿي سگهي ۽ خاتمي جي لاءِ قدم کڻي سگهجن.

بقايا 26 — مذمت

بمباري جي مذمت ڪندي ان کي آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ خطرناڪ اضافو قرار ڏنو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزارت بيان ۾ چيو ته توانائي جي مرڪز تي ان نوعيت جا حملا عالمي سطح تي توانائي بابت معاملن جي سلامتي تي حملا آهن. ان نوعيت جي حملن جا ماحولياتي اعتبار کان به بدترين اثر پوندا، جنهن سان شهرين جي صحت ۽ حياتين کي خطرو ٿيندو. خاص ڪري سمنڊ ۾ سفر ۽ آمد و رفت به متاثر ٿيندي. واضح رهي ته ايران اها گيس فيلڊ قطر سان شيئر ڪندو آهي.

بقايا 27 — چين

ايراني اڳواڻن جي شهادت ۽ سويلين هدفن تي حملا ڪنهن به صورت ۾ قبول جوڳا ناهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان لين جيان گذريل ڏينهن پريس بريفنگ دوران چئي هن چيو ته چين عالمي لاڳاپن ۾ طاقت جي استعمال جي هر قدم خلاف آهي اهو بيان ان وقت سامهون آيو جڏهن اطلاعن مطابق ايران جي اعليٰ قومي سلامتي ڪائونسل جي سيڪريٽري علي لاريجاني کي هڪ اسرائيلي حملي ۾ شهيد ڪيو ويو.

بقايا 28 — فيلڊ مارشل

انتهاپسندي جو مقابلو ڪن مذهبي جذبن کي ملڪ ۾ تشدد وڌائڻ لاءِ استعمال نه ٿيڻ ڏنو ويندو دهشتگردن ۽ سندن ڍانچي جي خاتمي لاءِ درست ۽ انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ڪيون وينديون گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان اهل تشيع مڪتب فڪر جي عالمن سگهورن هتي ملاقات ڪئي، جنهن ۾ قومي سلامتي ۽ معاشرتي هم آهنگي ۾ عالم سگهورن جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي فيلڊ مارشل اتحاد، برداشت ۽ قومي يڪجهتي کي هٿي ڏيڻ خاص ڪري مس انفارميشن، فرقيواراڻي بيانن ۽ پرڏيهي پليٽ فارمن ذريعي عدم استحڪام جي ڪوشش جو مقابلو ڪرڻ جي حوالي سان عالم سگهورن جي اهم ڪردار تي زور ڀريو آپريشن غضب للحق جو حوالو ڏيندي هن زور ڀريو ته پاڪستان پنهنجي سرزمين خلاف دهشتگردي لاءِ افغان سرزمين جي استعمال کي هرگز برداشت نه ڪندو هن دهشتگردن ۽ سندن ڍانچي جي خاتمي جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته چاهي اهي ڪٿي به موجود هجن ۽ انهن لاءِ درست ۽ انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ڪيون وينديون. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته افغان طالبان پنهنجي سرزمين کي پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪين. فيلڊ مارشل شرڪت ڪندڙن کي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوششن ۽ فعال سفارتڪاري کان به آگاهه ڪيو هن عالم سگهورن جي اهم ڪردار تي زور ڀريو ته هو اتحاد کي مضبوط ڪن ۽ انتهاپسندي جو مقابلو ڪن هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته مذهبي جذبن کي ملڪ ۾ تشدد وڌائڻ لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو ڪنهن به ملڪ ۾ پيش آيل واقعن جي بنياد تي پاڪستان ۾ تشدد هرگز برداشت نه ڪيو ويندو عالم سگهورن امن ۽ استحڪام جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ مذهب جي نالي تي تشدد جي سخت ترين لفظن ۾ مذمت ڪئي هنن ملڪ ۾ امن امان جي قيام لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڀرپور حمايت جي خاطري ڪرائي.

بقايا 29 — دعويٰ رد

جي صلاحيت رکن ٿا ۽ آمريڪا کي پنهنجي رينج ۾ آڻي سگهن ٿا، اها اڳڀرائي آمريڪا لاءِ سيڪيورٽي چيلينجن ۾ واڌ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ٻئي طرف پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو آهي ته پاڪستان هڪ آمريڪي عهديدار طرفان پاڪستان جي ميزائل صلاحيتن مان امڪاني خطري بابت تازي دعويٰ کي رد ڪري ٿو پرڏيهي کاتي جي ترجمان طاهر اندرابي پاڪستان جي ميزائل پروگرام بابت آمريڪا جي نيشنل انٽيليجنس ڊائريڪٽر جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو ته پاڪستان هڪ آمريڪي عهديدار طرفان پاڪستان جي ميزائل صلاحيتن مان امڪاني خطري بابت تازي دعويٰ کي رد ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان جون صلاحيتون دفاعي نوعيت جون آهن، جن جو مقصد قومي خود مختياري جو تحفظ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ استحڪام کي برقرار رکڻ آهي پاڪستان جو ميزائل پروگرام جيڪو بين البراعظمي مار جي حد کان گهٽ آهي، سندس چوڻ هو ته پاڪستان آمريڪا سان گڏيل احترام، عدم امتياز ۽ حقيقتن تي ٻڌل طريقي ڪار جي بنياد تي تعميري رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 30 — عيد

مرڪزي ڪميٽي جو اجلاس مولانا عبدالخبير آزاد جي صدارت هيٺ ٿيو ذريعن موجب ملڪ ۾ شوال جو چنڊ نظر نه آيو ۽ عيدالفطر ڇنڇر تي ملهائي ويندي

بقايا 31 — وزيراعظم

شهباز شريف پارسي برادري کي نوروز جي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته نوروز بهار جي آمد، نئين شروعات ۽ نئين اميد جي علامت ۽ امن ۽ محبت، دوستي، هم آهنگي ۽ ثقافتن جي وچ ۾ يڪجهتي جو پيغام ڏئي ٿو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب نوروز جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته هو نوروز ڏهاڙي تي پاڪستان ۾ رهندڙ پارسي برادري ۽ سڄي دنيا ۾ ان ڏينهن کي ملهائيندڙ سمورن ماڻهن کي دلي مبارڪباد پيش ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان جي قومي تشخص ۽ نوروز ۾ ثقافتي تنوع جو احترام، مذهبي آزادي جو تحفظ ۽ پرامن گڏيل بقاءَ جهڙا قدر گڏيل آهن پاڪستان جو آئين سمورن شهرين جي مذهبي عبادتن کي تحفظ ڏئي ٿو پاڪستان جي آئين جي روشني ۾ بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذهبي پائيداري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ موثر پاليسي قدم کنيا ويا آهن هن چيو ته حڪومت مذهبي هم آهنگي جي فروغ جي لاءِ بين المذاهب هم آهنگي بابت پاليسي 2025ع ۽ مذهبي پائيداري بابت حڪمت عملي 2025ع جي شڪل ۾ جامع حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي.

بقايا 32 — بلوچستان جو گهرو وزير

حوالي سان ڪوئيٽا ۾ پنهنجي صدارت هيٺ ٿيل هڪ اجلاس دوران ڪئي. اجلاس ۾ آءِ جي جيل خانه سعيد احمد، ايڊيشنل آءِ جي آغا يوسف، ڊي آءِ جي ڪوئيٽا ۽ ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي اعتزاز گورايه سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي ۽ چنڊ جي رات ۽ عيدالفطر جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ويو گهرو وزير جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري حمزه شفقت سيڪيورٽي صورتحال تي جامع تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ چنڊ جي رات، عيدگاهن ۽ امام بارگاهن جي سيڪيورٽي لاءِ خصوصي پلان به ترتيب ڏنو ويو. گهرو وزير مير ضياءالله لانگو چيو ته سيڪيورٽي فورسز جا جوان بهادري ۽ جرئت سان دهشتگردي جو مقابلو ڪري رهيا آهن ۽ ڌارن واقعن جي روڪ ٿام ۾ پوليس پيشيوراڻي مهارت جو مظاهرو ڪيو. هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون نه وساريون وينديون آهن. امن امان جي بحالي ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ پاڪ فوج، ايف سي ۽ پوليس سميت سمورا ادارا ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. گهرو وزير هدايت ڪئي ته عيد جي موقعي تي سمورن ضلعن ۾ سيڪيورٽي پلان تي عملدرآمد هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 33 — مارجي ويا

رستن تي به گولا فائر ڪيا ويا. اسرائيلي جنگي جهازن رات جو ڏکڻ ۾ جيزين ضلعي ۾ السريرا ۾ گهرن جي ويجهو به هوائي حملا ڪيا، جڏهن ته خيام، بنت جبيل ۽ مفدون شهر جي ويجهو علائقن تي به حملن جو اطلاع مليو آهي اسرائيل پاران گادي واري هنڌ بيروت جي اوڀر ۾ بعلبڪ ۽ ڏکڻ ۾ سيڊون ۾ پڻ حملا ڪيا ويا. ان دوران حزب الله دعويٰ ڪئي ته ڏکڻ لبنان ۾ سندن پاران 6 اسرائيلي ٽينڪ تباهه ڪيا ويا آهن حزب الله چيو ته حملو ان وقت ٿيو جڏهن اسرائيلي فوج طيبه شهر ۾ اڳڀرائي جي ڪوشش ڪئي. لبنان جي اختيارين موجب، 2 مارچ کان وٺي اسرائيلي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 968 ماڻهو مارجي ويا آهن صحت جي عالمي تنظيم موجب، مارجي ويلن مان 100 کان وڌيڪ ٻار هئا. گڏيل قومن خبردار ڪيو آهي ته لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۾ واڌ ملڪ جي هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي بي گهر ڪيو ويو آهي جن مان تقريباً ٽيون حصو ٻار آهن

بقايا 34 — نوٽيفڪيشن جاري

سيڪريٽريٽ پاران ڪفايت شعاري ۽ ٻارڻ جي بچت لاءِ گڏيل اپائن جو اعلان ڪندي باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ورتل اپاءَ 11 مارچ 2026 کان ايندڙ حڪمن تائين لاڳو هوندا نوٽيفڪيشن موجب اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه ٻن مهينن لاءِ پنهنجي پگهار ۽ ٻارڻ سميت سمورن سهولتن تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. اهڙي طرح اسيمبلي ميمبرن جي پگهارن ۽ سهولتن ۾ 25 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته گريڊ 20 ۽ ان کان مٿي آفيسرن لاءِ ٻن ڏينهن جي پگهار ڪٽوتي جو فيصلو پڻ ڪيو ويو آهي. سيڪريٽريٽ جي انتظامي معاملن ۾ پڻ نمايان تبديليون ڪيون ويون آهن جن تحت آفيسون جمعي، ڇنڇر ۽ آچر بند رهنديون جڏهن ته 50 سيڪڙو عملي کي متبادل طور ورڪ فرام هوم جي سهولت ڏني ويندي. ملازمن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو هر وقت دستياب رهن ۽ ضرورت پوڻ تي هڪ ڪلاڪ جي نوٽيس تي آفيس پهچن. توانائي جي بچت لاءِ 70 سيڪڙو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن تحت غير ضروري برقي اوزارن جي استعمال تي پابندي هوندي ۽ اسيمبلي اجلاس به سج لهڻ کان اڳ منعقد ڪيا ويندا. ٽرانسپورٽ شعبي ۾ ٻارڻ جي فراهمي ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، 60 سيڪڙو سرڪاري گاڏين کي بند ڪرڻ ۽ ڪار پولنگ کي هٿي ڏيڻ جهڙا قدم شامل آهن جيئن خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻي سگهجي. اسٽينڊنگ ڪميٽين جا اجلاس آن لائن منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 35 — گرفتار

گروپ جي سرغنه سميت 6 آپريٽو گرفتار ڪيا ويا. وفاقي جاچ اداري جي سائبر ڪرائم ونگ شاهراهِ فيصل تي واقع هڪ عمارت ۾ هڪ وڏي ڪارروائي ۾ بين الاقوامي فراڊ ۾ ملوث هڪ غير قانوني ڪال سينٽر بي نقاب ڪيو آهي آپريشن دوران گروپ جي سربراه نادر، سندس ساٿي آفاق ۽ علي رضا سميت 6 ملزمن کي حراست ۾ ورتو ويو اختيارين چيو ته هي گروپ بينڪن ۽ قرض جي ادائيگي جي ادارن جي نمائندن جي روپ ۾ بيگناهه شهرين ۽ پرڏيهين کي فراڊ ڪندو هو ڇاپي دوران ملزمن جي قبضي مان حساس مالي ڊيٽا، جديد سافٽ ويئر ۽ ٻيا ڊوائيس هٿ ڪيا ويا.

بقايا 36 — عزم

ڪئي ڊپٽي ميئر گورنر سنڌ کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن شهر جي بهتري ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو ملاقات ۾ تازين برساتن دوران افسوسناڪ واقعن ۽ قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو گورنر سنڌ زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو واضح رهي ته گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي گذريل رات مجيد ڪالوني ۾ ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿيل شير ولي ۽ رياست بي بي جي خاندان سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فوتين جي مغفرت ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته فوت ٿيلن جي لاشن کي انهن جي اباڻي علائقن ڏانهن موڪلڻ، تدفين ۽ ٻيا خرچ ضافا فارماسيوٽيڪل جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جواد امين ادا ڪيا. سنڌ جي گورنر بچاءُ جي قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي وڌيڪ بهتر بڻائين

بقايا 37 — دلي مبارڪون

اميد آهي ته اهو موقعو ان ڏهاڙي کي ملهائيندڙن جي لاءِ امن، استحڪام ۽ اميد جو پيغام کڻي ايندو صدر نوروز جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته آئون پاڪستان ۽ خطي جي انهن سمورن علائقن ۾ جتي نوروز ملهايو وڃي ٿو ان قديم ڏڻ جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جيڪو بهار جي آمد جي نويد آڻي ٿو هن چيو ته ايران، وچ ايشيا، اولهه ايشيا، ڏکڻ ايشيا ۽ لاڳاپيل خطن ۾ صدين کان نوروز کي هڪ نئين موسم جي شروعات جي طور تي ملهايو ويندو رهيو آهي اهو فطري نظام ۾ سال جي بدلجڻ جو اشارو آهي جڏهن ڏينهن ۽ رات، روشني ۽ اونداهي نه رڳو توازن ۾ اچن ٿا پر اونداهي گهٽ ٿيڻ لڳي ٿي ۽ روشني وڌڻ لڳي ٿي. صدر چيو ته جيڪي قومون ان کي ملهائين ٿيون، انهن جي لاءِ هي ڏينهن تجديد، نئين سر پيدائش، تازگي ۽ روشني جي اونداهي ۽ زندگي جي موت تي فتح جي علامت رهيو آهي هن چيو ته پاڪستان مختلف ثقافتن، مذهب ۽ روايتون رکندڙ هڪ ملڪ آهي مختلف برادريون پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پنهنجا ڏهاڙا ملهائين ٿيون جيڪي اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن جي رنگن ۾ اضافو ڪن ٿا. صدر چيو ته هن سال جڏهن نوروز اچي رهيو آهي ته اسان جون سوچون ۽ دعائون خطي جي انهن ماڻهن سان به گڏ آهن جيڪي مشڪل ۽ تڪليف وارين حالتن ۾ بهار جو استقبال ڪري رهيا آهن انهن علائقن ۾ جتي ڏڻ ڊگهي عرصي کان تجديد جي علامت رهيو آهي هاڻي هي موسم تباهه ٿيل اسڪولن ۽ اسپتالن جي ڍير ۽ تشدد جي باقي رهجي ويل اثرن جي وچ ۾ اچي ٿي هن چيو ته اهڙي وقت ۾ جڏهن بهار خوشي آڻي ٿي، ڪيترائي خاندان نقصان ۽ غيريقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن. صدر آصف علي زرداري چيو ته نوروز جي ڪجهه علائقن ۾ بهار جا گل ملبي ۽ رت سان ڍڪيل آهن ۽ بارود جي ڌپ انهن گلن جي خوشبو تي غالب ٿي چڪي آهي. هن چيو ته اسان جي پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ جتي صدين کان نوروز ملهايو ويندو رهيو آهي هڪ ناجائز طالبان حڪومت ماڻهن کي ان ڏهاڙي کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي افغانستان جي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ڊگهي عرصي کان مشڪلاتن جو شڪار آهن، آئون خاص طور تي نوروز جي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته هي نوروز انهن جي ڊگهي اونداهي واري رات جي خاتمي جو سبب بڻجندو

بقايا 38 — ڳالهايو

خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي جڏهن ته وزيراعظم اردن تي حملن جي سخت مذمت ڪندي اردن جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي. ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اردن جي فرمانروا شاهه عبدالله ٻه سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه دوران شاهه عبدالله ٻه، شاهي خاندان ۽ اردن جي ڀائر عوام کي عيدالفطر جي مبارڪباد ڏني شاهه عبدالله ٻه پڻ انهي جذبي سان نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ٻنهي اڳواڻن مسلمان امت جي امن، اتحاد ۽ هم آهنگي جي ضرورت تي زور ڏنو ٻنهي اڳواڻن وچ اوڀر جي موجوده صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 39 — رد

اسرائيل جي غيرقانوني قبضي ۽ غزه ۾ انساني بحران مان واضح آهي اسرائيلي قيادت جي خلاف عالمي عدالتن ۾ ڪيس ۽ عالمي رڪارڊ سڀني جي سامهون آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ پارٽ ۾ اسرائيلي سفير جي هڪ وڊيو ڪلپ بابت ميڊيا جي سوالن جي جواب ۾ چيو ته اسان ان بي بنياد تاثر کي سختي سان رد ڪريون ٿا.

بقايا 40 — خالد مقبول

پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر ڊاڪٽر روبينه خالد ڪالهه خميس ڏينهن ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب سينيٽر روبينه خالد وزيراعظم محمد شهباز شريف کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي حوالي سان آگاهه ڪيو ۽ رمضان پئڪيج تحت مستحقين ۾ امدادي رقم جي ورڇ جي حوالي سان اڳڀرائي بابت پڻ ٻڌايو.

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **24.01.2026, 30.01.2026, 04.02.2026, 18.02.2026, 28.02.2026** and **07.03.2026** it is notified to the bidders that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBT-PT-PPE-310642567-2026	PRE-QUALIFICATION (03 YEARS) AND SUPPLY OF PERSONAL PROTECTIVE EQUIPMENT ON CONTRACT BASIS (01 YEAR)	30.03.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-FA-CB-PANDP-310640261-2025	HOT OIL	31.03.2026 AT 1100 HRS
3.	OGDC-SCM-FD-CB-ECMP-310434594-2026-50	50 NUMBERS MAN PORTABLE SHOT HOLE RIGS	02.04.2026 AT 1100 HRS
4.	OGDC-SCM- FD-CB-RM-309572244-2026	WIRELESS H2S AND LEL GAS DETECTION SYSTEMS	06.04.2026 AT 1100 HRS

2. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
6. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 127/51

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی

PAA

بولیاں مطلوب ہیں

پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی (PAA) کو اہل کنسٹرکٹرز سے درج ذیل اُمور کے لیے سربمہر بولیاں مطلوب ہیں:

S. No.	Name of Work	Earnest Money	Date & Time of Submission	Date & Time of Opening
01	Construction of Main Gate And Allied Works at Nawabshah Airport	Rs. 800,000/-	22-04-2026 at 11:00 Hours	22-04-2026 at 11:30 Hours

شرائط وضوابط:

1. پاکستان انجینئرنگ کونسل (PEC) سے **C-6** کیٹگری یا اس سے اوپر میں رجسٹرڈ، درست/ فعال این ٹی این کے حامل لائسنسڈ کنسٹرکٹرز درج بالا کام کے لیے ٹینڈر میں شرکت کے اہل ہیں۔
2. بولیاں لازماً پی پی آر اے ای- پاک ایکویزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS) پورٹل **https://eprocure.gov.pk** پر پی پی آر اے کی جانب سے وقتاً فوقتاً فراہم کی جانے والی ہدایات کے مطابق الیکٹرانکلی جمع کروائی جائیں۔ بولی کا عمل پبلک پروکیورمنٹ رُولز 2004ء، ای- پاک پروکیورمنٹ ریگولیشنز 2023ء اور PPRA کی جانب سے (وقتاً فوقتاً) جاری کیے گئے کسی بھی قواعد، ضابطہ رہنما، خریداری رہنما اصول یا ہدایات کے مطابق یک مرحلہ یک لفافی طریقۂ کار کے تحت ہوگا اور یہ عمل EPADS پر رجسٹرڈ تمام ممکنہ اہل بولی دہندگان کے لیے کھلا ہے۔
3. بولی ضمانت کا اصل انسٹرومنٹ بولی کھولنے کی تاریخ اور وقت پر جمع کروانا لازمی ہے، اور ایک اسکین شدہ کاپی بولی کے ساتھ EPADS پر لازمی منسلک ہونی چاہیے۔ اگر بولی کے ساتھ پے آرڈر/ بینک ڈرافٹ کی شکل میں بولی ضمانت منسلک نہ ہو یا اگر کوئی غلط معلومات/ دستاویز فراہم کی گئی ہو تو کسی بھی ٹینڈر پر غور نہیں کیا جائے گا۔ بولی ضمانت پی اے اے ڈیولپمنٹ کے نام ہوگی۔
4. مشروط ٹینڈرز قبول نہیں کیے جائیں گے۔ بولی کی درست/ جانچ شدہ رقم کو قبول نہ کرنے کی صورت میں بولی دہندہ کی بولی مسترد کردی جائے گی اور بولی ضمانت ضبط کرلی جائے گی۔ پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی پی پی آر اے رُول 33 کے مطابق کسی یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے۔
5. **انتباہ:** پے آرڈرز/ بینک ڈرافٹس یا کوئی اور مالی وثائق (انسٹرومنٹس) جو ''بولی دہندگان'' اور ''ٹھیکیداروں'' کے ذریعے بطور ''بولی ضمانت'' اور ''بینک گارنٹیز'' جمع کروائے گئے ہوں، اگر وہ جاری کرنے والے بینک/ مالیاتی ادارے کی طرف سے اس معاہدے سے قبل/ بعد کے کسی مرحلے میں جعلی یا مسترد پائے گئے تو ملکی قانون کے مطابق بلیک لسٹنگ اور قانونی کارروائی کی جائے گی۔

ڈویژنل انجینئر ای ایس (سول)
سی اے ٹی آئی ڈویژن، حیدرآباد ایئرپورٹ، حیدرآباد
فون: 022-9260334

عزم استحکام

PID(K)3060/25

www.paa.gov.pk

Daily IBRAT Hyderabad
روزاني
عبرت
حيدرآباد
جمعو 20 مارچ 2026ع

عيد، عبادت ۽ خوشيون

حميره نور

عيد صرف ڪئلينڊر جي هڪ تاريخ ناهي اها روح جي روشني ۽ دل جي بهار سان گڏ وگڏ دل جي ڪائنات ۾ اپرندڙ هڪ نئون بي انتها خوبصورت چنڊ آهي ۽ ڏينهن جو سج آهي. اهو خوشيءَ جو ڏينهن ته برابر آهي پر ان خوشيءَ جو بنياد عبادت سان ڳنڍيل آهي ۽ عبادت بنا عيدالفطر جي خوشي ڄڻ خوشبوءَ بنا گل مثل آهي.

هن مهيني جون عبادتون ۽ ان جون فضيلتون ڳڻپ کان ٻاهر آهن. عيد کان اڳ وارو سفر سو رمضان جي روزن جو ۽ صبر جو اهو عمل آهي جيڪو انسان کي پاڻ سان پاڻ ملائي ٿو ان لاءِ ئي چيو ويو آهي ته عبادت صرف رسم نه ناهي اها انسان کي تربيت آهي.

نماز،
وقتن جي پابندي سيکاري ٿي. روزو، خواهشن تي ضابطو آڻڻ سيکاري ٿو.

زڪوات،
دل ۾ همدردي پيدا ڪري ٿي.

۽ عيد ان تربيت جي ڪاميابيءَ جو اعلان آهي.

الله سائين فرمايو آهي ته جڏهن ماڻهو صبح سوير عيد جي نماز لاءِ گڏ ٿين ٿا تڏهن صفن ۾ بيٺل امير ۽ غريب جو فرق ختم ٿي وڃي ٿو، سڀئي هڪ ئي خالق آڏو جهڪي ۽ هڪ ئي دعا ۾ شامل ٿي ويندا آهن.

عيد جو مطلب ئي (واپسي) آهي خوشين ڏانهن واپسي، رشتن ڏانهن واپسي ۽ پنهنجو پاڻ ڏانهن واپسي.

نئون لباس رڳو جسم لاءِ ناهي اهو هڪ نئين ارادي جي علامت ۽ خوشيءَ جو احساس آهي ۽ ائين ئي مٺايون به رڳو ذائقي لاءِ ناهن هونديون، اهي به دلين جي مٺاس جو اظهار ظاهر ڪنديون آهن.

عيد ڏهاڙي جڏهن ٻار ڪلن ٿا، گهرن ۾ مهمان اچن ٿا ماڻهو هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائين ٿا، تڏهن سماج جي رڳن ۾ محبت جو رت ڊوڙڻ لڳي ٿو ۽ عيد اسان کي ياد ڏياريندي آهي ته خوشي ورهائڻ سان گهٽ ناهي ٿيندي بلڪ وڌندي رهندي آهي.

عيد رڳو کائڻ، پيئڻ ۽ تفريح تائين محدود ناهي اها روح ۾ لهي ٿي ۽ تڏهن انسان جي اندر مان حقيقي خوشي جنم وٺي اندر توڙي ٻاهر جي سڪون جو جواز بڻجي ٿي. اهڙي ئي طرح عبادت انسان کي غرور کان بچائي ٿي، عيد انسان کي شڪر ڪرڻ سيکاري ٿي ۽ جيڪو ماڻهو شڪر گذار آهي سو ئي سچي معنيٰ ۾ خوش آهي.

عيد جو هڪ اهم پاسو سماجي انصاف به آهي. فطرانو، زڪواة، ڪفارو، صدقو ۽ خيرات وغيره ان لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن ڪو به ماڻهو عيد جي ڏينهن بکيو نه رهي.

اسان سڀ ڪوشش ڪيون ته اسان جي پنهنجي اوسي پاسي جيڪي ضرورت مند آهن تن کي وساري نه ڇڏيون بلڪ پنهنجي وس آهر انهن جي مالي مدد ڪري ڪين خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.

اڄ جي دور ۾ جڏهن دنيا انتهائي تيزي سان بدلجي رهي آهي، تڏهن عيد اسان کي پنهنجي اصل عملن ڏانهن موٽڻ جي دعوت ڏئي ٿي جنهن ۾ انسانيت ڏانهن، سچائي ڏانهن ۽ ڀائيچاري ڏانهن موٽڻ شامل آهي.

عيد هڪ ڏينهن نه پر هڪ موقعو آهي، جيڪڏهن دل صاف آهي نيت سچي آهي ۽ هٿ ٻين جي مدد لاءِ کليل آهن ته پوءِ هر ڏينهن عيد آهي.

اچو ته عبادت کي رسم نه زندگي جو حصو بڻايون
خوشيءَ کي ذاتي نه اجتماعي بڻايون ۽ عيد کي رڳو جشن نه پر تبديليءَ جو آغاز بڻايون
ڇاڪاڻ ته اصل عيد اها آهي جيڪا انسان کي انسان سان ۽ انسان کي پنهنجي رب جي ويجهو ڪري.

عيدالفطر ايڪي ۽ اتحاد جو پيغام ڏئي ٿي

حسيب ناياب منگي

عيدالفطر اسلامي ڪئلينڊر جو اهو روشن ۽ بابرڪت ڏينهن آهي، جيڪو هڪ مهيني جي روحاني تربيت کان پوءِ پاڪ طرفان انعام طور عطا ڪيو وڃي ٿو. رمضان المبارڪ جي روزن، عبادتن، صبر ۽ نفس جي تربيت کان پوءِ جڏهن شوال جو چنڊ نظر اچي ٿو ته هر چهري تي خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وڃي ٿي. اها خوشي رڳو نون ڪپڙن يا مٺاين جي نه هوندي آهي، پر اصل خوشي ان ڳالهه جي هوندي آهي ته بندو پنهنجي رب جي حڪم تي پورو لٿو. پنهنجي خواهشن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ هر بري عمل کان ڏور رهي نفس سان جهاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ان ڪري عيدالفطر جي مذهبي اهميت سڀ کان اول انسان جي اندروني سڌاري سان جڙيل آهي.

مذهبي لحاظ کان عيدالفطر شڪرگذاري جو ڏينهن آهي. رمضان ۾ روزو رکڻ سان انسان بک ۽ اڃ جو تجربو ڪري ٿو. جنهن سان کيس غريبن ۽ مسڪينن جي تڪليفن جو احساس ٿئي ٿو. جڏهن عيد اچي ٿي ته نماز کان اول فطرانو ادا ڪرڻ جو حڪم پورو ڪري ٿو ته جيئن معاشري جو ڪو به فرد خوشين کان محروم نه رهي. اهڙو حڪم اسلام جي سماجي انصاف واري فلسفي کي واضح ڪري ٿو. عيد جي نماز لاءِ جڏهن ماڻهو وڏي ميدان يا مسجد ۾ گڏ ٿين ٿا ته امير، غريب، وڏا، ننڍا سڀ هڪ ئي صف ۾ بيهن ٿا. اهو منظر واضح دليل آهي ته وٽ اصل عزت پرهيزگاري ۽ نيڪيءَ جي آهي، نه ڪي دولت يا حيثيت جي.

معاشرتي طور تي عيدالفطر محبت، ميلاپ ۽ سماجي هم آهنگيءَ جو ڏينهن آهي. سڄو مهينو ماڻهو عبادتن ۾ مصروف رهن ٿا ۽ عيد تي هو هڪ ٻئي سان ملن ٿا، رنجشون دور ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻئي ڏانهن لنگهي وڃن ٿا ۽ معافيون گهري دوريون ختم ڪن ٿا. رشتيدارن وٽ وڃڻ، پاڙيسرين کي مبارڪ ڏيڻ، يتيم ٻارن جي مٿي تي هٿ رکڻ، اهي سڀ عمل معاشري ۾ محبت کي هٿي ڏين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن دل ۾ ڪنهن لاءِ ڪاوڙ يا نفرت هجي ته عيد جو ڏينهن ان کي ختم ڪرڻ جو بهترين موقعو آهي. چو ته عبادت جو اصل مقصد به اهو آهي ته انسان جي دل صاف ٿئي.

اڄ جي دؤر ۾، جڏهن معاشرو ڪيترن ئي تڪرارن، فرقيواريت ۽ ذاتي مفادن جي ور چڙهيل آهي، عيدالفطر اسان کي ايڪي ۽ اتحاد جو پيغام ڏئي ٿي. جڏهن اسان هڪ ئي رب جي عبادت ڪريون ٿا، هڪ ئي قبلي ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪريون ٿا، ته پوءِ اسان جون دليون به نفرتون وڌائڻ لاءِ نه پر نفرتن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ آماد هجڻ گهرجن. جيڪڏهن عبادت کان پوءِ به اسان هڪ ٻئي لاءِ نفرتون پالينداسين ته پوءِ اهو تاثر سامهون اچي بيهندو ته پاڻ عبادت جو اصل اثر قبولڻ کان محروم رهجي وياسين. عيد اسان کي سيکاري ٿي ته اختلاف هجن يا بحث ٿين تڏهن به احترام ۽ برداشت جو دامن مضبوط رهي. اهڙي سوچ ۽ عمل سان ئي زندگيءَ جون راهون روشن ٿين ٿيون.

عيد جو هڪ اهم ۽ خاص پيغام پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ به آهي. اتحاد جو مطلب رڳو گڏ ويهڻ نه آهي، پر هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ ساٿي ٿيڻ آهي. جيڪڏهن ڪو پاڙيسري تڪليف ۾ هجي، ته عيد جي خوشين ۾ ان کي وسارڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ غربت سبب اداسي آهي ته اسان جي ذميواري آهي ته غريبن جي مدد ڪري انهن جي اداسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڳڏجي ڪوششون ڪريون. اهڙي ريت عيد جو پيغام صرف لفظن تائين محدود نه رهندو، پر عملي صورت اختيار ڪندو. محبت جو اظهار رڳو زبان سان نه، پر عمل سان ٿيڻ گهرجي.

نفرتون گهڻو ڪري غلط فهمين مان جنم وٺن ٿيون. جيڪڏهن اسان عيد جي ڏينهن دل کولي ڳالهائڻ، معاف ڪرڻ ۽ سڀ کان اهم پاڻ ۾ معافي گهرڻ واري عادت وجهون ته ڪيترائي مسئلا پاڻمرادو ختم ٿي سگهن ٿا. اهو ڄاڻون به ٿا ته اسلام ۾ معاف ڪرڻ کي وڏي فضيلت آهي پوءِ به عيد جي ڏينهن انهيءَ اعليٰ اخلاقي ڳڻ کي اختيار ڪرڻ کان پاسيرا رهون ٿا. هڪ ٻئي جي لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ ۽ نفرتون ختم ڪرڻ جي لاءِ آخر تيار چو نٿا ٿيون؟ اجائي انا ۽ هوڏ کي پاڻ تي حاوي ڪري آخر ڇا حاصل ڪريون ٿا؟

عيدالفطر اسان کي ياد ڏياري ٿي ته جيئن رمضان جي پلاري مهيني ۾ اسان پنهنجي خواهشن تي ضابطو آندو، تيئن سڄو سال به پنهنجو ڪردار سڌارڻ جي ڪوشش ڪريون. جيڪڏهن روزي اسان کي صبر سيکاريو ته عيد اسان کي شڪر سيکاري ٿي. جيڪڏهن رمضان ۾ اسان قرآن شريف پڙهيو ته عيد کان پوءِ ان جي تعليمات تي هلڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح عيد رڳو هڪ ڏينهن جي خوشي نه رهندي، پر سڄي سال جي سڌاري جو نقطو بڻجي ويندي.

اسان جي معاشري کي اڄ سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، اها آهي ٻڌي. ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن ماڻهو ذات، زبان يا علائقي جي بنياد تي ورهائجي وڃن ٿا ته قومي طاقت ڪمزور ٿي وڃي ٿي. عيدالفطر جو هڪ ٻيو اهم ۽ خاص پيغام انهن سڀني ورهاستن کي ختم ڪرڻ به آهي. جڏهن اسين هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي "عيد مبارڪ" چئي چهري تي مرڪ آڻي هر قسم جي برائي کي پاڻ کان پري ڪرڻ جو اظهار ڪندا آهيون ته اهڙي ڪوشش يا عمل سمورو سال ورجائڻ جي لاءِ تيار چو نٿا ٿيون؟

عيدالفطر جو ڏينهن اسان لاءِ اهو عهد ڪرڻ جو ڏينهن هجڻ گهرجي ته اسين پنهنجي دلين مان نفرت، حسد ۽ ڪيني کي ڪڍي ڇڏينداسين ۽ محبت، رواداري ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين. جيڪڏهن هر فرد پنهنجي دل مان نفرت ختم ڪري ڇڏي ته سڄو معاشرو پاڻمرادو سڌري ويندو ۽ سچ پچ ته عيد جي خوشي تڏهن مڪمل ٿيندي جڏهن اسان جي آس پاس ڪو به ماڻهو اڪيلو، اداس يا محروم نه رهندو.

اهڙيءَ طرح اهو ثابت ٿي ويندو ته عيدالفطر نه رڳو هڪ مذهبي ڏينهن آهي، پر هڪ سماجي انقلاب جو پيغام به آهي. ايڪي جو اتحاد جو ۽ محبت جو سنڌ آهي. جيڪڏهن اسان هن پيغام کي سمجهي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪريون، ته عيد جي اصل روح کي قائم رکي سگهنداسين ۽ اسان جو معاشرو امن، سڪون ۽ ڀائيچاري جو گهوارو بڻجي ويندو.

ايراني قورمو



گهربل شيون:
ٻاڪرو گوشت اُٻاريل ۽ يخني سان گڏ: اڌ ڪلو
تيل: هڪ چوٿائي ڪپ
بصر (ڪٽيل): 2 عدد
ادرڪ ۽ ٿوم پيسٽ: هڪ چمچو وڏو
لوڻ: هڪ ننڍو چمچو
ڳاڙها مرچ پائوڊر: هڪ چمچو ننڍو
ڳاڙها مرچ ثابت: 7 عدد
ڏڌئرو: هڪ ڪپ
ليمي جو رس: هڪ چمچو وڏو
ڪيوڙو: ڪجهه ڦڙا
گرم مصالحو: اڌ چمچو ننڍو

ٺاهڻ جو طريقو:

سڀ کان پهرين تيل گرم ڪري ان ۾ بصر کي هلڪو سونهري ڪري وٺو. پوءِ ان ۾ ادرڪ ٿوم پيسٽ، لوڻ ۽ ڳاڙها مرچ پائوڊر شامل ڪري چڱيءَ ريت فرائي ڪري وٺو. ان کان پوءِ گوشت کي رس، ثابت ڳاڙها مرچ ۽ ڏڌئري سان شامل ڪري 10 منٽن تائين پچايو ۽ ڏوئي يا چمچو مسلسل گهمائيندا رهو. ان کان پوءِ هلڪي باهه تي وڌيڪ 10 منٽن جي لاءِ دم تي رکي ڇڏيو آخر ۾ ليمي جو رس، ڪيوڙو ۽ گرم مصالحو وجهي ڪڍي وٺو.

جهانگيري پلاءُ



گهربل شيون:
چانور (اُٻاريل): 500 گرام
چڪن بون ليس: 100 گرام
پالڪ (اُٻاري ميش ڪريو): 200 گرام
جهينگا (اُٻاريل): 250 گرام
چائنيز لوڻ: هڪ چمچو
سفيد مرچ پائوڊر: هڪ چمچو
جيرو: هڪ چمچو
ڳاڙها مرچ پائوڊر: هڪ چمچو
بند گوبي (چوپ ڪيل): 100 گرام
شملا مرچ (چوپ ڪريو): 100 گرام
گجر چوپ ڪيل: 20 گرام
تيل: ضرورت مطابق
لوڻ: ذائقي مطابق

ٺاهڻ جو طريقو:

ساس پين ۾ تيل گرم ڪريو، ان ۾ چڪن وجهي فرائي ڪريو، ڪجهه دير کان پوءِ پالڪ وجهي چڱيءَ ريت فرائي ڪري وٺو. جهينگا، چائنيز لوڻ، سفيد مرچ پائوڊر، جيرو، ڳاڙها مرچ پائوڊر، بند گوبي، شملا مرچ، گجر ۽ لوڻ وجهي پنجن کان ڇهن منٽن تائين فرائي ڪري وٺو. اُٻاريل چانور شامل ڪري ان کي چڱيءَ ريت مڪس ڪريو ۽ ٻن کان ٽن منٽن تائين پچايو. مزيدار جهانگيري پلاءُ تيار آهي. سرونگ ڊش ۾ ڪڍي گرم گرم پيش ڪريو.

ٻاجهريءَ جون مٺيون ٽڪيون

گهربل شيون:
ٻاجهريءَ جو اٽو: ڏيڍ پيالي
سوجي اٽو: اڌ پيالي
کنڊ: ڏيڍ پيالي
خشڪ کير جو پائوڊر: اڌ پيالي
ڪوئنئر: اڌ پيالي
بادام ۽ پستا: اڌ پيالي
گيهه: ضرورت مطابق

ٺاهڻ جو طريقو:

ڪڙهائي ۾ اڌ پيالي گيهه کي وچولي باهه تي ٽن کان ڇهن منٽن تائين گرم ڪريو ۽ ان ۾ ڪوئنئر ۽ بادام پستا سنهري فرائي ڪري ڪڍي وٺو ۽ گيهه کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ رکي ڇڏيو. هي ميوو ٿڌو ٿي وڃي ته ان کي موٽي خاڪي ڪاغذ تي رکي ويلڻ جي مدد سان سنهو ڪٽي وٺو. ٿسلي ۾ ٻاجهريءَ جو اٽو وجهي ان ۾ سوجي، خشڪ کير، کنڊ، ڪٽيل ميوا ۽ ٿڌو ڪيل گيهه وجهي ملايو. جڏهن چڱيءَ ريت مڪس ٿي وڃي ته ٿورو ٿورو پاڻي وجهندي ڳوهي وٺو. ململ جي آلي ڪپڙي ۾ ويڙهي 10 کان 15 منٽن جي لاءِ رکي ڇڏيو. پوءِ ان جا پيڙا ناهي وٺو ۽ هٿن جي مدد سان دٻائي ڦهلائي ٽڪيون ناهي وٺو. ڪڙاهي ۾ گيهه کي وچولي باهه تي 3 کان 4 منٽن تائين گرم ڪريو ۽ انهن ٽڪين کي ٻلڪي باهه تي سونهري فرائي ڪري وٺو. ساري جي مٺي ۽ ان سوغات کي گرم گرم چانهه يا ڪافي سان پيش ڪريو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلبار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 20 مارچ 2026ع

ڪراچيءَ جي برسات: انتظامي ناڪاميءَ جو بي نقاب چهرو

سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ تازين برساتن هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي شهري نظام جي ڪمزوري، انتظامي نااهلي ۽ رٿابنديءَ جي کوٽ کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي. روشنين جي شهر ڪراچيءَ ۾ رڳو هڪ ڪلاڪ جي طوفاني برسات نه صرف روزمره زندگيءَ کي مفلوج بڻائي ڇڏيو پر ڪيترين ئي قيمتي انساني جانين جو زيان پڻ ڪيو. مختلف حادثن ۾ 18 ڄڻن جي فوت ٿيڻ ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جو زخمي ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان وٽ شهري تحفظ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا به موثر حڪمت عملي موجود ناهي. برسات شروع ٿيندي ئي شهر جي اڌ حصي ۾ بجلي بند ٿي وڃڻ، رستن تي پاڻي بيهجي وڃڻ، عمارتن جون ڇتيون ۽ ڇڄيون ڪِرڻ، وڻن ۽ بجليءَ جي ٿنڀن جو ڪِري پوڻ، اهي سڀ واقعا ڪنهن قدرتي آفت کان وڌيڪ انتظامي ناڪاميءَ جي نشاندهي ڪن ٿا. جيڪڏهن شهر جو انفراسٽرڪچر مضبوط هجي ها، نيڪاليءَ جو نظام بهتر هجي ها ۽ لاڳاپيل ادارا اڳواٽ تياري ڪن ها ته اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي ها. بلديه ٽائون ۾ عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب 13 ماڻهن جو فوت ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي، جيڪو نه رڳو انساني غفلت پر شهري نگرانيءَ جي مڪمل ناڪاميءَ کي ظاهر ڪري ٿو. سوال اهو آهي ته اهڙيون ڪمزور عمارتون آخر ڪيئن قائم رهنديون آهن؟ ڇا انهن جي چڪاس لاءِ ڪو موثر نظام موجود ناهي؟ جيڪڏهن آهي ته پوءِ ان تي عمل ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ ساڳي طرح مختلف علائقن ۾ آسماني بجلي ڪِرڻ، وڻ ڪِرڻ ۽ ڇتين ڪِرڻ جا واقعا پڻ اهو ظاهر ڪن ٿا ته شهري تحفظ بابت ڪا به سنجيده رٿابندي موجود ناهي. ترقي يافته ملڪن ۾ اهڙين حالتن کان بچڻ لاءِ وڻن جي باقاعده ڇنڊڇاڻ، عمارتن جي جاچ ۽ هنگامي خدمتن جي تياري يقيني بڻائي ويندي آهي، جڏهن ته هتي اهڙيون بنيادي ذميواريون به نظرانداز ڪيون وڃن ٿيون. برسات دوران شهري انتظاميا جو غائب هجڻ سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي. شهر جا ڪيترائي اهم رستا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا، ٽريفڪ جام ٿي وئي، ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڦاسي پيا. خاص ڪري اهي خاندان جيڪي عيد جي خريداريءَ لاءِ نڪتا هئا، انهن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو. عورتون ۽ ٻار رستن تي مدد لاءِ پڪاريندا رهيا. جڏهن ته رڪشا ۽ ٽيڪسي ڊرائيورن طرفان من گهريا ڪرايا وٺڻ انساني همدرديءَ جي کوٽ جو پڻ ثبوت آهي.

سنڌ جي وڏي وزير طرفان انتظاميه کي هاءِ الرٽ رهڻ ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري طور ميدان ۾ لهڻ جون هدايتون يقيناً هڪ مثبت قدم آهن، پر سوال اهو آهي ته اهي هدايتون هميشه حادثي کان پوءِ ئي ڇو ڏنيون وڃن ٿيون؟ ڇا اڳواٽ منصوبابندي ۽ روڪٿام وارو نظام قائم ڪرڻ وڌيڪ اهم نه آهي؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شهري نظام کي جديد تقاضائن مطابق ترتيب ڏنو وڃي. پاڻيءَ جي نيڪال جو موثر نظام، عمارتن جي باقاعده چڪاس، وڻن جي سنڀال، بجليءَ جي فراهميءَ جو مستحڪم نظام ۽ هنگامي حالتن لاءِ تيار ادارا، اهي سڀ عنصر هڪ محفوظ شهر لاءِ لازمي آهن. ان سان گڏوگڏ، شهرين ۾ به شعور پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ته هو پاڻ به احتياطي تدبيرون اختيار ڪن ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪن. ڪراچي جهڙي وڏي شهر، جيڪو ملڪ جي معاشي مرڪز جي حيثيت رکي ٿو، ان لاءِ اهڙيون حالتون ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهن. جيڪڏهن اڄ به اسان نه سکيو ته سڀاڻي اهڙيون ئي تباهيون وڌيڪ شدت سان ورجائبيون. تنهنڪري حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي صرف هنگامي ردعمل تائين محدود رهڻ بدران ڊگهي مدي واري منصوبابندي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. شهري زندگيءَ کي محفوظ ۽ آسان بڻائڻ لاءِ سنجيده، عملي ۽ پائيدار قدم کڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، ڇو ته هر ڀيري برسات تي الزام ڏيڻ بدران پنهنجي ڪمزورين کي درست ڪرڻ ئي اصل حل آهي.

آبناءِ هرمز جي اهميت ۽ عالمي جنگ جا ڪارا ڪڪر!

نندلال لوهاڻو

ايران مٿان اسرائيل ۽ آمريڪي سماج پاران مڙهيل جنگ کان پوءِ سموري دنيا کي آبناءِ هرمز جي اهميت بابت ڄاڻ پئي آهي ۽ ايراني جنگي حڪمتِ عملي، جيڪا سالن کان سمجهيل هئي ته اهي بدنام زمانه سامراجي قوتون ضرور هڪ ڏهڪو جنگ ڪنديون، انهيءَ حڪمتِ عمليءَ کي سامهون رکندي تازو جيڪا جنگ ايران تي مڙهي وئي آهي، ان ۾ ايراني قيادت کي نشانو بڻايو ويو، جن کي شهادت نصيب ٿي. انهيءَ جنگ ۾ ايران آبناءِ هرمز کي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو سرحدي پار جيڪو ايران جي پيٽ سان لڳولڳ گذري ٿو، ان کي ايران سوچي سمجهي دنيا جي سامونڊي تيل جي رسد کي بند ڪري آمريڪا ۽ اسرائيل سميت اڪثريتي دنيا جون رڙيون ڪيرائي ڇڏيون آهن.

اسرائيل ۽ آمريڪا جنگ بندي لاءِ وس ڪري رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته نار وارا ملڪ توڙي ٻيا سمورا ملڪ تيل کان محروم ٿي ويا آهن ۽ بحري جهاز جو هڪ اڏو آبناءِ هرمز ۾ نظر اچي رهيو آهي، جتان ايران تيل جو هڪ ڦڙو به پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ نه ڏيڻ جو جيڪو اعلان ڪيو آهي. ايران جي اهڙي اعلان کان پوءِ ٽرمپي طوطن کان رڙيون نڪري ويون آهن ۽ جيڪڏهن اها جنگ هڪ هفتو به جاري رهي ٿي ته عالمي جنگ ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ پوءِ اها سموري دنيا جي هڪ خطرناڪ جنگ هوندي، جنهن ۾ توقع ۽ سوچڻ کان به مٿي زميني نقصانن ۽ انساني الميئن کي رد ڪري يا روڪي نٿو سگهجي. خدا نه خواسته هيءَ اهڙو وقت به ٿي سگهي ٿو ته لڱ لڱ تمام ۾ سڀ رشتا به انڌا ٿي سگهن ٿا. بُک ۽ بدحالي ڪجهه به ڪرائي سگهي ٿي. تيل نه ملڻ سبب سموري دنيا نه صرف مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجي ويندي پر اهڙو ماحول به ٿي سگهي ٿو، جنهن جو دنيا ڪڏهن تصور به نه ڪيو هجي. هن وقت به جنگ کي منهن ڏيندڙ ملڪن ۾ خون جون نديون وهي رهيون آهن. مختلف وقتن تي انساني الميا ٻوڙون پائي رهيا آهن. جيڪا صورتحال ڏسي اکيون رت روئي رهيون آهن. ايران قيامت خيز صورتحال مان گذري رهيو آهي ته اسرائيل ۽ آمريڪا به باهه مان گذري رهيا آهن. جن پهريون ڀيرو پنهنجي بربادي‌ءَ کي ڏٺو آهي. جيڪا هنن جي ڪڏهن سوچ ۾ به نه هئي ۽ اهي دنيا جا ناسور بڻيل سامراجي ملڪ هميشه فاتح رهيا آهن پر هن دفعي ايران جي غيرتمند، غيور عوام ۽ دلير قيادت انهن کي جيڪي ٽوٽا چبرايا آهن، انهن کي هيءَ مسلم دشمن آقا ۽ انهن جون ايندڙ نسلون ياد ضرور رکنديون. جن کي آبناءِ هرمز جي ڪا به ڄاڻ نه هئي، تن جون اکيون به کُليون آهن ۽ آمريڪا سميت سموري دنيا جا ملڪ هاڻي هن جنگ مان پڇڪڙجي پيا آهن. جنگ بندي صرف تيل حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرڻ جون داٺيون ڪري رهيا آهن، ڇو ته اسرائيل ۽ آميڪا جا هن جنگ مان جيڪي خواب سمايل هئا، اهي ته پهرين هفتي ۾ ئي ڇڪنا چور ٿي ويا پر هاڻي کين برباد ٿي وڃڻ جو خطرو لاحق ٿي ويو آهي. ان ڪري اها جنگ سندن ئي ڳچيءَ جو ڦندو بڻجي رهي آهي. اسرائيل ۽ آمريڪا ۾ جيڪو گهڻو ڪجهه ٿي وڃڻ جو خطرو آهي، انهيءَ صورتحال به هنن جابرن کين جُهڪائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي.

اڪيلائيءَ جو وڌندڙ احساس ۽ اسان جي ذميواري!

اڄ جي جديد دور ۾ ترقي انسان جي زندگيءَ کي آسان ضرور بڻايو آهي، پر ساڳي وقت اها اڪيلائيءَ جو هڪ وڏو سبب به بڻجي وئي آهي. ٽيڪنالاجي، خاص طور تي موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا، ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ جو ذريعو بڻيا، پر حقيقت ۾ اهي دلين جي وچ ۾ فاصلا وڌائي رهيا آهن. هڪ ئي گهر ۾ جڏهن چار ڀاتي گڏ ويٺا هجن ٿا، تڏهن به هر هڪ پنهنجي موبائل ۾ گم هوندو آهي. اڳي جتي شام جو گهرن ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، ڏينهن جا احوال ٻڌايا ويندا هئا، هاڻي اتي خاموشي ڇانيل هوندي آهي. هر ماڻهو پنهنجي الڳ دنيا ۾ مصروف آهي، جتي حقيقي تعلق جي جاءِ ورچوئل رابطن والاري ڇڏي آهي.

ترقيءَ سان گڏ ماڻهن جون ترجيحون به تبديل ٿي ويون آهن. مصروفيتون وڌي ويون آهن، وقت جي کوٽ جو احساس عام ٿي ويو آهي. ماڻهو پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ ڊجيٽل ذريعن جو سهارو وٺن ٿا، جنهن سبب سندن سڌي ريت ڳالهه ٻولهه گهٽجي وئي آهي. نتيجي طور، جذباتي ويجهڙائپ ختم ٿي رهي آهي ۽ اڪيلائي وڌي رهي آهي. ٻئي طرف، سوشل ميڊيا تي ڏيکاريل خوشحال زندگيون ماڻهن ۾ مقابلي جو احساس پيدا ڪن ٿيون، جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي حقيقي زندگيءَ کان به مايوس ٿيڻ لڳن ٿا. اهي اندروني طور تي خال محسوس ڪن ٿا، جيتوڻيڪ ٻاهر کان سڀ ڪجهه ٺيڪ لڳي ٿو ان مسئلي جو حل به اسان وٽ ئي آهي. گهرن ۾ گڏ ويهڻ، ڪچهري ڪرڻ، هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ وقت ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اسين ٽيڪنالاجيءَ کي محدود ڪري حقيقي تعلقن کي اهميت ڏينداسين، ته نه صرف اڪيلائي گهٽ ٿيندي پر زندگيءَ ۾ سڪون به موٽي ايندو.

ان کان علاوه، والدين جو پنهنجن ٻارن سان وقت گذارڻ ۽ سندن دنيا ۾ دلچسپي وٺڻ پڻ اهم آهي. جڏهن والدين صرف ڪم يا موبائل ۾ مصروف رهندا آهن ته ٻار به پنهنجو وقت ڊجيٽل ڊوائيسز ۾ گذارڻ لڳن ٿا ۽ ڪچهري، ڳالهه ٻولهه جي مهارت گهٽجي وڃي ٿي. گهر ۾ گڏ وقت گذارڻ جا ننڍڙا لمحا، جهڙوڪ گڏ کائڻ گڏ رانديون يا گڏ پڙهڻ نه رڳو خاندان جي ويجهڙائي وڌائين ٿا پر ماڻهن کي پاڻ سان ۽ هڪ ٻئي سان لاڳاپو قائم رکڻ جو احساس به ڏين ٿا. ائين ڪرڻ سان جديد زندگيءَ جي مصروفيتن باوجود اڪيلائيءَ تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو ۽ گهر هڪ خوشحال ۽ مطمئن جاءِ بڻجي سگهي ٿو. تنهنڪري پاڻ ۾ ويهڻ واري روايت کي ٻيهر جياريو، گهر ۾ ڪرم بورڊ، لوڊو يا ٻيون رانديون شروع ڪريو ته جيئن گڏجي ويهڻ جو بهانو ملي سگهي.

جنگ بندي ڪانپوءِ جون تياريون شروع


محمود شام

دنيا ڏسي ورتو آهي، اسلامي ملڪن تي به اِها ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي، خاص طور تي عرب ملڪن تي، ته سندن اصل دشمن ڪير آهي. جيڪڏهن عرب ملڪن ۾ امريڪي اڏا نه هجن ها ته ايران جا حملا انهن تي نه ٿين ها ۽ جڏهن حملا ٿيا آهن ته امريڪا انهن عرب ملڪن جي دفاع لاءِ اڳتي ڇو نه آيو؟ هن جنگ واضح ڪري ڇڏيو آهي ته دنيا جي امن لاءِ سڀ کان وڏو خطرو اسرائيل آهي ۽ اسرائيل جو سڀ کان وڏو سرپرست امريڪا آهي. هاڻي اِها حقيقت به مڃي وئي آهي ته نومبر 2024ع ۾ امريڪي عوام ڊونلڊ ٽرمپ کي ٻيهر چونڊي هڪ تمام غلط فيصلو ڪيو هو.

امريڪي ايوان نمائندگان ۽ ڪانگريس هاڻي اِهو طئي ڪرڻ وارا آهن ته ٽرمپ جو صدر رهڻ امريڪا جي وڏن جمهوري، معاشي ۽ سماجي مفادن لاءِ سخت نقصانڪار آهي. هن وقت دنيا ۾، خاص ڪري عالمِ اسلام ۾، امريڪا نفرت جي علامت بڻجي ويو آهي سڄي دنيا ۾ ايران هڪ اهڙي قوم طور سامهون اچي رهيو آهي جيڪا نه جهڪي ٿي ۽ نه وڪامي ٿي. بلڪل ويٽنام وانگر جتي امريڪا پنهنجي يورپي اتحادين سميت هڪ عبرتناڪ مثال بڻيو هو. ويٽنام اڄ به امريڪا جي ضمير تي هڪ ڪاري داغ جيان آهي سائيگون، جتي امريڪا سالن تائين قابض رهيو، اڄ اتي هوچي منهه جو نالو چمڪي رهيو آهي.

اِهو خيال ڪيو ويندو هو ته نڪسن ڪانپوءِ ايندڙ امريڪي صدر ويٽنام جي شڪست مان سبق سکندا، پر امريڪا کي پنهنجي فوجي ۽ معاشي طاقت تي اهڙو غرور آهي جو اُها بدمست طاقت ڪٿي نه ڪٿي ٽڪرائجي وڃي ٿي. اسان جي پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ 2001ع ۾ نائن اليون جو بهانو بڻائي اسامه بن لادن جي ڳولا ۾ ٻن ڏهاڪن تائين پنهنجي فوجن ۽ نيٽو اتحادين سان گڏ حڪمراني ڪئي، اربين ڊالر خرچ ڪيا، هڪ فوج به تيار ڪئي، جاپان کان ڪينيڊا تائين فوجين کي هن مبينا جنگ ۾ شامل ڪيو ويو، پاڪستان به ان جو نان نيٽو اتحادي رهيو.

پوءِ 2021ع ۾ امريڪا ائين افغانستان مان نڪتو، جو پنهنجا افغان سائي، ترجمان، آفيسر سڀ ڇڏي صرف پنهنجن ماڻهن کي وٺي هليو ويو. اِها آهي امريڪي عظمت جي عبرتناڪ ڪهاڻي. هاڻي فيبروري-مارچ 2026ع ۾ خليج ۾ به امريڪا رسوا ٿي رهيو آهي، جتي جن ملڪن ان کي اربين ڊالرن، پنهنجا وسيلا پيش ڪيا، اُتي به وقت اچڻ تي انهن جو محافظ بڻجڻ بدران اسرائيل جو ساٿ ڏنو.

تاريخ اِهو به ڏٺو ته ايران عمان ۾ امريڪا سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. عمان جي پرڏيهي وزير چيو ته ڳالهيون سٺي ماحول ۾ ٿي رهيون آهن ۽ پُرامن نتيجن جي اُميد آهي، پر ان دوران بنا ڳالهين ختم ڪرڻ جي، اسرائيل جي دباءَ تي امريڪا رات جو ايران تي حملو ڪري ڇڏيو دنيا حيران رهجي وئي. ايران ويٽنام کان به وڌيڪ سخت مزاحمت ڏيکاري. جديد ٽيڪنالاجي تي امريڪا ۽ اسرائيل کي وڏو غرور هو. پر عالمي پابندين باوجود ايران به جديد جنگ لاءِ مڪمل تيار هو. چوڏهن ڏينهن لڳاتار اهڙي مزاحمت ڪئي وئي جو هاڻي امريڪا پاڻ ڳالهين لاءِ مجبور ٿي ويو آهي. جڏهن ته ايران صاف انڪار ڪري رهيو آهي. امريڪا ۽ اسرائيل جو اِهو خيال به غلط ثابت ٿيو ته ايران جي قيادت کي ختم ڪرڻ سان نظام تبديل ٿي ويندو. پر دنيا جون خفيه ايجنسيون به ڏسي رهيون آهن ته ايران پنهنجي انقلاب جي حفاظت لاءِ ڪيڏا مضبوط بندوبست ڪري رکيا آهن. ايران جي هن غير متوقع مزاحمت دنيا جو رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

اطمينان جي ڳالهه اِها آهي ته عرب ملڪن کي به هاڻي خبر پئجي وئي آهي ته اصل خطرو ڪٿان آهي. جنگ هاڻي گهڻي ڊگهي نه هلندي، ڇو ته امريڪي عوام وڌيڪ جنگ جي حق ۾ ناهي. جنگ بندي ڪانپوءِ ڪيترين ئي تبديلين جا امڪان آهن. خليجي رياستن، خاص ڪري گڏيل عرب امارات ۾ نقصان جو احساس پيدا ٿيو آهي، جنهن کي علامه اقبال 'متاعِ ڪاروان' چيو هو.

ايران هن خطي ۾ پنهنجي استقامت سان پنهنجو وجود مڃرايو آهي. جديد ٽيڪنالاجي جيئن جنگ ۾ ڪارائتي ثابت ٿي آهي، تيئن امن جي قيام ۾ به وڌيڪ مددگار ٿي سگهي ٿي. خليجي ملڪن وٽ وڏا مالي وسيلا، بصيرت ۽ تبديلي جو عزم موجود آهي. اطلاعات موجب جنگ ڪانپوءِ حڪمت عملي جون تياريون شروع ٿي چڪيون آهن. حڪمران، ماهر پروفيسر سڀ گڏجي ايندڙ دور جي معاشي، سماجي ۽ سياسي منصوبابندي ڪري رهيا آهن. اِنهن ڪجهه هفتن جي تجربي مان هنن گهڻو ڪجهه سکيو آهي، ڇو ته سکڻ سندن عادت آهي. هنن ڏکين حالتن ۾ به پنهنجي عوام کي اعتماد ۾ ورتو. سڀ کان اهم سوچ اِها آهي ته خليجي ملڪن جي ڪائونسل هاڻي پنهنجو دفاع پاڻ مضبوط ڪندي ۽ امريڪا تي پاڙڻ گهٽ ڪندي. جيڪڏهن امريڪا تي انحصار گهٽ ٿيندو ته ايران سان به سندن تڪرار ختم ٿي سگهي ٿو. دفاعي نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عرب ملڪ پاڪستان ۽ ترڪي جهڙن اسلامي ملڪن کان عملي مدد وٺي سگهن ٿا. اهي ٻئي ملڪ ايران جا پاڙيسري به آهن ۽ سندن ايران سان سٺا لاڳاپا آهن. پاڪستان لاءِ اهو هڪ سنهري موقعو آهي ته هو پنهنجي سياحتي هنڌن کي متبادل طور پيش ڪري. گوادر بندرگاهه ذريعي واپار وڌائي ۽ ايران ۽ عرب ملڪن جي وچ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪري. چين اڳ ئي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ختم ٿئي. تنهن ڪري پاڪستان کي به افغانستان سان ڳالهين جو رستو هموار ڪرڻ گهرجي. اسان کي به امريڪا جي ويجهڙائي مان نڪرڻ گهرجي، ايران تان پابنديون هٽائڻ لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي ۽ پنهنجي ازلي دشمن هندستان کان خبردار رهڻ گهرجي، جيڪو پاڪستان-ايران ۽ پاڪستان-افغانستان لاڳاپن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

عوامي راءِ کي بيدار ڪرڻ لاءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ گهرجي ۽ هيٺين سوالن تي کلي بحث ٿيڻ گهرجي:

(1) ڇا ايران تي امريڪا ۽ اسرائيل جي حملي جو ڪو جواز هو؟
(2) جڏهن عرب ملڪن ۾ امريڪي اڏا نه هئا، تڏهن به ڇا ايران سان سندن اهڙي دشمني هئي؟
(3) ڇا ايران جو امريڪي اڏن ۽ معاشي مرڪزن تي حملا ڪرڻ صحيح قدم هو يا غلط؟
(4) ڇا امريڪا ۽ اسرائيل جي هن جارحيت ڪانپوءِ پاڪستان ۽ ٻين اسلامي ملڪن کي بورڊ آف پيس ۾ شرڪت تي نظرثاني نه ڪرڻ گهرجي؟

تيل جي وڌندڙ قيمتن جو بار ۽ ملڪ جو غريب عوام!

راج ڪمار

پيٽرول جي قيمتن ۾ تازي واڌ پاڪستان جي معيشت کي وڏو ڌڪ رسايو آهي جنهن سبب لکين ماڻهو مهانگائيءَ جي سخت حقيقتن سان وڙهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. بزرگ، مقرر آمدنيءَ وارا ماڻهو ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا انهيءَ واڌ سبب سخت متاثر ٿيا آهن. جنهن سندن سالن جي ٿوري بچت کي به ختم ڪرڻ جو خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي جيئن جيئن پيٽرول جون قيمتون وڌن ٿيون، ٽرانسپورٽ جا خرچ به وڌن ٿا، جنهن سان ضروري شيون ۽ خدمتون به مهانگيون ٿي وڃن ٿيون کاڌو دوائون ۽ ٻيون بنيادي ضرورتون عيش بڻجي وڃن ٿيون جنهن سبب خاندان کي جيئڻ ۽ عزت وچ ۾ ڏکيا فيصلا ڪرڻا پون ٿا. بزرگ ماڻهو جيڪي اڪثر مقرر پينشن يا ٿوري بچت تي پاڙين ٿا، خاص طور تي وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. صرف هڪ ڀيرو قيمت وڌڻ سان سندن مهيني جو بجيٽ تباهه ٿي سگهي ٿو. جنهن سان هو وڌيڪ غربت ۾ ڌڪجي وڃن ٿا. هن جو اثر سڄي ملڪ ۾ محسوس ٿئي ٿو ڳوٺن کان وٺي شهرن جي ڪچين آبادين تائين روزانو ڪم ڪندڙ مزدور، رڪشا ڊرائيور ۽ ننڍا واپاري پنهنجا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا، ڇو ته سندن آمدني گهٽجي ٿي وڃي ٿي ٽرانسپورٽ ۽ کاڌي پيتي جي شين جي وڌندڙ قيمتن سبب هو بنيادي ضرورتن ۾ به ڪٽوتي ڪن ٿا، جنهن سان سندن صحت، تعليم ۽ ڀلائي متاثر ٿئي ٿي حڪومت جو ردعمل ناڪافي رهيو آهي، جتي امدادي پيڪيجز بنيادي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ڪمزور طبقو پريشان آهي ۽ سوچي رهيو آهي ته هو وڌندڙ خرچن سان ڪيئن مقابلو ڪندو؟ اها صورتحال هڪ ٽائيم بم وانگر آهي، جيڪو سماجي استحڪام ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو جيڪڏهن مزدورن کي ٽرانسپورٽ تي پيٽو خرچ ڪرڻو پوي ٿو ته هو پنهنجن خاندانن جي سنڀال ڪيئن ڪندا؟ پيٽرول جي واڌ سندن مسئلن کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي، جنهن سان هو ناممڪن چونڊن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن بحران کي گهٽائڻ لاءِ حڪومت کي فوري قدم کڻڻ گهرجن: گهٽ آمدنيءَ وارن گهرن ۽ ڪمزور طبقن لاءِ هدف بند سبسڊي مهيا ڪئي وڃي، تيل جي بچت کي وڌايو وڃي ۽ متبادل توانائي ذريعن کي فروغ ڏنو وڃي، ٽرانسپورٽ ۽ ضروري شين جي قيمتن تي ضابطو آندو وڃي سماجي تحفظ ۽ فلاح ۽ بهبود جي پروگرامن کي مضبوط ڪيو وڃي مزدورن لاءِ متبادل روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پاليسيون لاڳو ڪيون وڃن حڪومتي اهلڪارن جي پروٽوڪول ۽ غير ضروري خرچن کي گهٽايو وڃي حڪومتي گاڏين جي استعمال کي محدود ڪيو وڃي قيمتن تي ڪنٽرول لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن ضروري شيون سڀني لاءِ دستياب هجن

ڪمزور ماڻهن کي سزا نه پر تحفظ گهرجي هاڻي وقت آهي ته پاليسي ٺاهيندڙ عوام جي ڀلائيءَ کي ترجيح ڏين ۽ اقتصادي بار کي منصفاڻي طريقي سان ورهايو وڃي بزرگ، جن سڄي زندگي سماج جي خدمت ڪئي آهي، پنهنجي پوڙهپڻ عمر ۾ عزت ۽ تحفظ جا حقدار آهن جڏهن مزدور خوشحال ٿيندا، تڏهن پاڪستان جي معيشت به ترقي ڪندي

حڪومت کي فوري قدم کڻڻ گهرجن ته جيئن وڌندڙ تيل جي قيمتن جي اثرن کي گهٽائي سگهجي، خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سڀ کان وڌيڪ متاثر آهن سبسڊي، متبادل توانائيءَ ۾ واڌ ۽ قيمتن تي ڪنٽرول ذريعي اسان هن بحران کي گهٽائي سگهون ٿا ۽ هر پاڪستانيءَ لاءِ بنيادي ضرورتون يقيني بڻائي سگهون ٿا هاڻي وقت آهي ته هڪ وڌيڪ منصفاڻي ۽ برابر سماج لاءِ ڪم ڪيو وڃي

آن لائين جوا: نوجوانن جي زندگين کي ساڙي رهي آهي!

لال جان

اڄ آئون اوهان سان صرف هڪ ليکڪ طور نه پر هڪ اهڙي ماڻهوءَ طور ڳالهائي رهيو آهيان، جيڪو پنهنجي سماج جي تڪليف کي محسوس ڪري ٿو. اسان سڀ روزانو خبرون پڙهون ٿا، وڊيوز ڏسون ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌون ٿا، جيڪي دل کي ڏکائي ڇڏين ٿيون. پر سوال اهو آهي ته ڇا اسان انهن واقعن مان ڪجهه سکون ٿا يا صرف ڪجهه لمحن لاءِ افسوس ڪري اڳتي وڌي وڃون ٿا؟ جمبڙ پرسان هڪ نوجوان جي ڪهاڻي، جيڪو آن لائين جوا جي ڄار ۾ ڦاسي پنهنجي زندگي وڃائي ويٺو آهي، ڏٺو وڃي ته اها صرف هڪ خبر ناهي پر اهو هڪ سڏ آهي، هڪ وارننگ آهي ۽ هڪ اهڙو سچ آهي، جنهن کي اسان نظرانداز نٿا ڪري سگهون. اهو واقعو مون کي مجبور ڪري ٿو ته مان اوهان سان حقيقت بيان ڪريان، خاص ڪري نوجوانن سان، ڇو ته اڄ جو نوجوان سڀاڻيءَ جو مستقبل آهي. اڄ مان اوهان کي ڊيڄارڻ نه ٿو چاهيان پر سچ ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته آن لائين جوا ڪا راند ناهي، اها هڪ اهڙي ڄار آهي، جيڪا شروع ۾ ٿڌي لڳندي آهي پر آهستي آهستي سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏيندي آهي.

جڏهن ڪو نوجوان پهريون ڀيرو اهڙي ايپ يا ويب سائيٽ کوليندو آهي ته کيس لڳندو آهي ته هو صرف وقت گذارڻ لاءِ ڪجهه ڪري رهيو آهي. پوءِ کيس هڪ آڇ ملي ٿي ته: ٿورو پئسو لڳايو ۽ ڄام کٽيو. اهو جملو ايترو سادو آهي پر ان جي اندر هڪ خطرناڪ ڄار لڪل آهي. مان اوهان کي صاف لفظن ۾ ٻڌايان ٿو ته دنيا ۾ ڪو به نظام اهڙو ناهي، جيڪو اوهان کي بنا محنت جي مسلسل پئسا ڏئي. جيڪڏهن ڪنهن کي فائدو ٿي رهيو آهي ته اهو اوهان نه آهيو، اهو هيءُ نظام آهي، جيڪو اوهان کي استعمال ڪري رهيو آهي. آئون اوهان کان هڪ سوال پڇان ٿو ته: جيڪڏهن ڪو اوهان کي چوي ته صرف ڪجهه ڪلڪن سان اوهان امير ٿي سگهو ٿا ته ڇا اهو سچ ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اهو ايترو آسان هجي ها ته ڇا دنيا ۾ ڪو غريب رهي ها؟ اهو سوچي ڏسو. حقيقت اها آهي ته اهڙيون سڀ شيون اوهان کي لالچ ۾ ڦاسائڻ لاءِ ٺاهيون وينديون آهن. آئون اوهان کي صلاح ڏيان ٿو ته هر اهڙي شيءِ کان خبردار رهو جيڪا اوهان کي بنا محنت جي فائدي جو واعدو ڪري، ڇو ته زندگيءَ جو اصول صاف آهي ته: جيتري محنت، اوترو نتيجو.

آن لائين جوا صرف پئسن جو نقصان ناهي، اهو اوهان جي سوچ کي تبديل ڪري ٿو. اوهان آهستي آهستي حقيقت کان پري ٿيڻ لڳو ٿا. اوهان کي لڳندو آهي ته قسمت اوهان کي بچائيندي، جڏهن ته حقيقت ۾ اوهان پاڻ کي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهيو. مان اوهان کي چوان ٿو ته قسمت تي نه پر پنهنجي محنت تي ڀروسو ڪريو. جڏهن نقصان شروع ٿيندو آهي ته ماڻهو سوچيندو آهي ته ايندڙ ڀيري کٽي وٺندس اهو ئي سڀ کان وڏو ڌوڪو آهي. مان اوهان کي صاف مشورو ڏيان ٿو، جيڪڏهن اوهان ڪنهن به شيءِ ۾ مسلسل هارجي رهيا آهيو ته ان کي فوري طور ڇڏي ڏيو. هر جنگ وڙهڻ ضروري ناهي، ڪجهه جنگيون ڇڏڻ ئي ڪاميابي هوندي آهي. آئون خاص طور تي نوجوانن کي چوان ٿو ته اوهان جو وقت سڀ کان قيمتي آهي، جيڪو وقت اوهان اسڪرين تي ضايع ڪري رهيا آهيو، اهو وقت اوهان کي ڪجهه نئون سکڻ، ڪا مهارت حاصل ڪرڻ يا پنهنجي مستقبل کي بهتر بڻائڻ ۾ لڳائڻ گهرجي. اڄ جو هڪ ڪلاڪ، سڀاڻيءَ جي ڪاميابي بڻجي سگهي ٿو. آئون اوهان کي هڪ سادي ڳالهه ٻڌايان ٿو جيڪو ماڻهو جلدي امير ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اهو اڪثر سڀ ڪجهه وڃائي ويهندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو صبر سان اڳتي وڌندو آهي، اهو آهستي آهستي پر مضبوط بنيادن تي ڪاميابي حاصل ڪندو آهي.

والدين جي ذميواري: هاڻي مان والدين سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو. اوهان جي ذميواري صرف اهو ناهي ته اوهان پنهنجي ٻارن کي پئسا ڏيو يا انهن کي اسڪول موڪليو. اوهان کي انهن جي دل کي سمجهڻو آهي. اوهان کي ڏسڻو آهي ته هو ڇا ڪري رهيا آهن؟ ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجي ٻارن سان دوستيءَ وارو تعلق ناهيو ته هو اوهان کان ڪجهه به لڪائيندا ته مان اوهان کي صلاح ڏيان ٿو ته روزانو ڪجهه وقت پنهنجي ٻارن سان ويهي ڳالهايو. انهن کان پڇو ته هو ڇا ڏسن ٿا؟ ڇا سکندا آهن ۽ ڇا سوچين ٿا؟ جيڪڏهن اوهان ائين ڪندا ته اوهان ڪيترين ئي مشڪلاتن کان اڳواٽ بچي سگهو ٿا.

استادن کي به مان اهو چوان ٿو ته صرف نصاب پورو ڪرڻ ڪافي ناهي. اوهان کي شاگردن کي زندگيءَ جي حقيقتن کان به آگاهه ڪرڻو آهي. جيڪڏهن هڪ استاد پنهنجي شاگرد کي هڪ غلط رستي کان بچائي سگهي ٿو ته اها سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي. هاڻي مان سماج سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو. اسان کي پنهنجو رويو تبديل ڪرڻو پوندو. جڏهن ڪو نوجوان غلط رستي تي وڃي ٿو ته اسان کيس تنقيد جو نشانو بڻايون ٿا پر کيس سمجهائڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. مان اوهان کي صلاح ڏيان ٿو ته تنقيد گهٽ ڪريو، رهنمائي وڌيڪ ڪريو. حڪومت لاءِ به هڪ واضح پيغام آهي. اهڙين ايپس ۽ ويب سائيٽن تي سخت ڪنٽرول هجڻ گهرجي. نوجوانن کي بچائڻ صرف گهرن يا اسڪولن جي ذميواري ناهي پر اها هڪ قومي ذميواري آهي. پر سڀ کان اهم ڳالهه وري به اوهان پاڻ آهيو. مان اوهان کي سڌو سنئون مشورو ڏيان ٿو: پنهنجي وقت جي حفاظت ڪريو، پنهنجي پئسن جي قدر ڪريو، پنهنجي ذهن کي صاف رکو ۽ هر فيصلي کان اڳ سوچيو.

جيڪڏهن ڪا شيءِ اوهان کي بيچيني ڏئي ٿي، اوهان کي لڪائڻ تي مجبور ڪري ٿي يا اوهان کي اندروني طور ڪمزور ڪري ٿي ته اهو صحيح رستو ناهي. صحيح رستو هميشه سڪون ڏيندو آهي. پهرين اهو مشڪل ڇو نه هجي. مان اوهان کي اهو به چوان ٿو ته جيڪڏهن اوهان اڳ ۾ ئي ڪنهن اهڙي عادت ۾ ڦاٿل آهيو ته پاڻ کي اڪيلو نه سمجهو. هر مسئلي جو حل هوندو آهي. ڪنهن قابل اعتماد ماڻهوءَ سان ڳالهايو، انهيءَ کان مدد وٺو ۽ آهستي آهستي پاڻ کي ان مان ڪڍو. سڀ کان وڏي بهادري اها آهي ته اوهان پنهنجي غلطيءَ کي مڃو ۽ ان کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

زندگي تمام قيمتي آهي، هڪ غلط فيصلي جي ڪري ان کي وڃائڻ عقلمندي ناهي. آئون اوهان کي دل سان صلاح ڏيان ٿو، پنهنجي زندگيءَ کي ڪنهن به اهڙي شيءِ لاءِ خطري ۾ نه وجهو، جيڪا عارضي هجي. مان اوهان کي ڪجهه سڌيون ڳالهيون ٻڌائڻ چاهيان ٿو جيڪي اوهان ياد رکو: ڪو به شارٽ ڪٽ ڪاميابي نٿو ڏئي، محنت جو ڪو به متبادل ناهي، لالچ هميشه نقصان ڏياري ٿو ۽ صبر هميشه ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. جيڪڏهن اوهان هنن ڳالهين تي عمل ڪيو ته اوهان نه رڳو پاڻ کي بچائي سگهندا پر ٻين لاءِ به هڪ مثال بڻجي سگهندا. اڄ فيصلو ڪريو، اڄ پاڻ کي سنڀاليو ۽ اڄ ئي صحيح رستو اختيار ڪريو، ڇو ته سڀاڻي شايد دير ٿي وڃي.

اڄوڪو ڏينهن - 20 مارچ

سورهيه بادشاهه

اڄ سنڌ جي عظيم انقلابي اڳواڻ سيد صبغت الله شاهه ثاني راشديءَ (سورهيه بادشاهه) جي شهادت جو ڏينهن آهي.

سنڌ جي هن سورهيه سرواڻ "آزادي يا موت" ۽ "وطن يا ڪفن" جو نعرو بلند ڪري پنهنجي ديس جي آزاديءَ لاءِ سِر ڏئي سُرخروئي حاصل ڪئي. جڏهن سنڌ جا اڪثر جاگيردار پنهنجون جاگيرون بچائڻ ۽ مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار جا گوڏا جهلي رهيا هئا، اهڙي دور ۾ سورهيه بادشاهه پنهنجي جان نثار حُر مجاهدن کي انگريز سرڪار کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو حڪم ڏنو. حُر مجاهدن پنهنجي مرشد جي حڪم تي لبيڪ چوندي هڪ تاريخي مزاحمتي جنگ جي شروعات ڪئي ۽ انگريز سرڪار جون واڳون ٻتال ڪري ڇڏيون.

پير صبغت الله شاهه ثاني، جنهن کي اڄ اسين "سورهيه بادشاهه" جي نالي سان ياد ڪريون ٿا، پير پاڳارن جي گاديءَ جو 6هون گادي نشين هو. سندس ولادت 1909ع ڌاري پيرجو ڳوٺ ضلعي خيرپور ۾ ٿي. نومبر 1921ع ۾ پنهنجي والد حضرت شاهه مردان شاهه راشديءَ جي وفات بعد ڇهين پير پاڳاري طور گادي نشين ٿيو. ان وقت سندس عمر فقط 12 سال هئي. پاڻ هندو مسلم اتحاد جو زبردست حامي هو. هن انگريزن جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ 1930ع ڌاري پنهنجي تاريخي جدوجهد جي شروعات ڪئي. سانگهڙ ضلعي جو ڳوٺ بنگلو انهيءَ جدوجهد جو مرڪز رهيو. انهيءَ جدوجهد ۾ هزارين حُر مجاهدن پنهنجي جان جي قرباني ڏني ۽ قيد ۽ بند جون سعوبتون برداشت ڪيون. 1930ع ۽ 1938ع دوران خود سورهيه بادشاهه کي به هندستان جي مختلف جيلن ۾ قيد رکيو ويو پر جيل جون سختيون سندس اٽل ارادي کي لوڏي نه سگهيون. 1938ع ۾ ڊگهي عرصي تائين قيد ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن هن سنڌ جي سرزمين تي قدم رکيو ته حُر تحريڪ پنهنجي عروج تي پهچي چڪي هئي. انگريز سرڪار پاران کيس آڇ ڪئي وئي ته جيڪڏهن هو انهيءَ تحريڪ تان هٿ کڻي ته سندس مٿان مڙهيل ڪيس ختم ڪيا ويندا ۽ سندس گادي بحال ڪئي ويندي. پاڻ انهيءَ آڇ کي سختيءَ سان ٺڪرائي ڇڏيو. 1940ع ۾ کيس ڪراچيءَ مان گرفتار ڪري ناگپور جيل موڪليو ويو. 14 جنوري 1943ع تي کيس حيدرآباد جيل آندو ويو، جتي مٿس بغاوت جو مقدمو هلايو ويو. 20 مارچ 1943ع تي سنڌ جي هن سورهيه سرواڻ شهادت جو رتبو ماڻيو. سندس آخري آرامگاهه کي ڳُجهو رکيو ويو. سندس شهادت کان فقط چار سال پوءِ انگريزن جا پير هن ڌرتيءَ تان هميشه لاءِ اُکڙجي ويا.

سرچند ڏي ماڪيجا

سرچند ڏي ماڪيجا سنڌ ۽ هند جو مشهور ٽي وي، فلم ۽ رنگمنچ جو مشهور اداڪار آهي.



هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1940ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو. 1946ع ۾ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ سنڌ ڇڏي هندستان جي شهر جبلپور ۾ وڃي آباد ٿيو ۽ اتان جي اسڪولن ۾ پڙهيو. هن 1961ع ۾ ڪامرس ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ هندستان سرڪار جي منسٽري آف ليبر جي اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪري 1998ع ۾ رٽائر ٿيو. هن کي اداڪاريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيو. هن اسڪول ۾ پڙهڻ دوران اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هو اڃا ڇهين ڪلاس جو شاگرد هو جڏهن کيس هڪ اسڪولي ناٽڪ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪري بهترين اداڪار جو ايوارڊ مليو. هن پنهنجي 50 سالا فني سفر ۾ اٽڪل 65 ٽي وي سيريلس، 3 هزار اسٽيج ناٽڪن ۽ 25 فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن. هن جي پهرين فلم "ڏاڪو" هئي، جيڪا 1975ع ۾ رليز ٿي. ان بعد جن فلمن ۾ هن اداڪاري ڪئي، تن ۾ بدلتي رشتي، انجان رشتي، ڄال، مين ني پيار ڪيا، بيتي راجستان ڪي، مايا ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. هن جي آخري فلم "زندگي تم سي" 2019ع ۾ رليز ٿي. هن کي ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي، جن ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا پاران لائيف ٽائم اچيومينٽ ايوارڊ، مهاراشٽر سنڌي اڪيڊميءَ پاران لائيف ٽائم اچيومينٽ ايوارڊ، سنڌي ايسوسيئيشن پاران "سنڌو رتن ايوارڊ" ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ شامل آهن.

صادق فقير

اڄ سنڌ جي مشهور راڳيءَ صادق فقير جي جنم جو ڏينهن آهي.

سُرن جي دنيا جي هن سريلي سنگيتڪار جو جنم 20 مارچ 1967ع تي ٺٽي جي شهر مڪليءَ ۾ فقير فيض محمد مگڻهار جي گهر ۾ ٿيو. هن پرائمريءَ کان ايم اي تائين تعليم مڪليءَ ۾ حاصل ڪئي. ڳائڻ سان دلچسپي ننڍي هوندي کان ئي هئَس. راڳ جي سکيا پنهنجي مامي استاد حسين فقير کان ورتائين. ڳائڻ سان گڏ پرائمري اسڪول ۾ استاد طور پڻ پڙهائيندو هو. هن کي ريڊيو پاڪستان تي 1982ع ۾ مشهور پروڊيوسر ۽ اديب نصير مرزا متعارف ڪرايو. ريڊيو تي هن جي آواز ۾ اياز گل جي وائي "توکان ٿيندي ڌار" جڏهن هوائن جي آڌار ٻڌندڙن جي سماعتن تائين پهتي ته هو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. اڳتي هلي 1988ع ۾ شمشير الحيدريءَ کيس پاڪستان ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو. هن سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا گيت ڳائي وڏي مشهوري ماڻي. هو مڪليءَ ۾ سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ جو سرواڻ رهيو ۽ سنڌي ادبي سنگت مڪليءَ سان سلهاڙيل رهيو. هو پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ سعودي عرب ۾ عمرو ادا ڪرڻ ويو، جتي 26 فيبروري 2015ع تي هڪ روڊ حادثي ۾ وڃي پنهنجي حقيقي خالق سان مليو.

جهانگير عباسي

هن نامور ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي



1976ع ۾ ڳوٺ پنگتي ڪلهوڙا تعلقي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن ايم اي سوشالاجي، ايم اي اردو ادب، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ سکر جي پبلڪ اسڪول ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. هو ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ ايف ايم 106 سکر جي مختلف پروگرامن جي ميزباني به ڪندو رهيو آهي. ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڪهاڻيڪار، مترجم ۽ مقالا نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. هن وقت تائين سندس ٻارهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

شبانه سنڌي

اڄ مشهور ليکڪا شبانه سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 20 مارچ 1976ع تي سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ باجارا ۾ سيد عطا حسين شاهه لڪياريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ پرائمري اسڪول جي ٽيچر طور عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. هن جي شاعري ۽ ڪهاڻيون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "اداس سانجهي" (ڪهاڻيون)، "سپنو سپاپيان ساٿ" (ناوليٽ) ، "چنڊ، سمنڊ ۽ مان" (شاعري) ۽ ٻه ناوليٽ شامل آهن. هوءَ ادبي دنيا ۾ سنجها سرواڻ طور به سڃاتي وڃي ٿي.

مختيار آتر

عبدالقيوم چنا

هن ناليواري سرڪاري آفيسر ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 13 نومبر 1910ع ۾ پاٽ شريف ويجهو ڳوٺ نيو ڪلريءَ ۾ ٿيو. 1928ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ اڳتي هلي ترقي ڪري مختيارڪار جو عهدو ماڻيائين. هن سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪئي. نوڪريءَ دوران ڪوهستان، ڳڙهي خيرو جمالي، ٽنگوارڪر ۽ ٻين علائقن ۾ اسڪول کولرائي تعليمي انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن 20 مارچ 1967ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ وفات ڪئي.

لعل بن يوسف

لعل بن يوسف خاڪسار تحريڪ جو اهم عهديدار، سياسي اڳواڻ ۽ محنتي صحافي هو.

هن جو اصل نالو لعل محمد ولد محمد يوسف چانڊيو هو. سندس والد ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد جو رهواسي هو. 1920ع ۾ پليگ جي وبا حيدرآباد ۾ پکڙجي وئي هئي، انهيءَ وبا کان بچڻ لاءِ سندس والد محمد يوسف پنهنجي اهل عيال سان گڏ عارضي طور تي ماتليءَ ۾ وڃي رهيو هو ۽ اتي ئي 22 مارچ 1920ع تي لعل محمد جي پيدائش ٿي. هن حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ اتي ئي پلجي نپجي وڏو ٿيو. 1938ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين انهيءَ پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو. انهيءَ تحريڪ جي هڪ سرگرم ڪارڪن ۽ سالار جي حيثيت ۾ هن لاهور، ڪوئيٽا ۽ بمبئيءَ سميت هندستان جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. انهيءَ تحريڪ سبب کيس سرڪاري عتاب جو شڪار به ٿيڻو پيو ۽ قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪرڻيون پيون. خاڪسار تحريڪ ۾ هن مختلف شهرن جي سالار، سالار خاص هند، حاڪم اعليٰ سنڌ بلوچستان ۽ ٻين عهدن تي رهي ڪم ڪيو. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو ته هيءُ به انهيءَ پارٽيءَ سان واڳجي ويو ۽ سندس شمار پيپلز پارٽي حيدرآباد جي اهم ڪارڪنن ۾ ٿيڻ لڳو. هن جا مير علي احمد ٽالپر ۽ مير رسول بخش ٽالپر سان قريبي تعلقات هئا ۽ مير علي احمد ٽالپر جي مدد سان هو 1965ع ۾ حيدرآباد ميونسپل جو ميمبر پڻ چونڊيو ويو. هو هڪ سياستدان هجڻ سان گڏ ڪرڪيٽ جو مشهور رانديگر، اسڪائوٽ ۽ محنتي صحافي هو. هڪ صحافيءَ طور شروع ۾ هن خاڪسار تحريڪ پاران شايع ٿيندڙ هفتيوار اخبار "باب الاسلام" ۾ مضمون ۽ ڪالم لکڻ شروع ڪيا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن پهريائين هفتيوار اخبار "جنگاري" جاري ڪئي، ان کان پوءِ ماهوار "عصر نو" ۽ هفتيوار اخبار "عصر نو" جاري ڪيائين. عمر جي آخري حصي ۾ ٽنڊو ولي محمد ڇڏي سٽيزن ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي 20 مارچ 1994ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

لال پشپ

سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ليکڪ ۽ صحافيءَ

جو جنم پهرين جنوري 1935ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن جو اصل نالو لال پگهولداس ربيجهواڻي هو. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس خاندان لڏي وڃي ممبئيءَ جا وڻ وسايا. ممبئيءَ ۾ ئي هن انگريزي ادب ۾ بي اي جي سند حاصل ڪئي. سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار طور مشهور ٿيو. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين جا هندستان جي مقامي ٻولين سان گڏ انگريزيءَ ۾ ترجما ڇپجي چڪا آهن. هن ويهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا، جن ۾ "گڏيل تنقيد"، "هن جي آتم جو موت"، "تڏهن ۽ هاڻي"، "هڪ سرد ديوار"، "دلرو"، "واريءَ جا محل"، "ڪيل ٿي ڪيل"، "قرض جي درخواست" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سندس ناول "هن جي آتم جو موت" کي 1974ع ۾ ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ مليو هو. لڳ ڀڳ 20 سال پرهه ڦٽي رسالي جو ايڊيٽر رهيو. ان کان علاوه ٻماهي رسالي "سنڌي انٽرنيشنل" جو پڻ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. هن 20 مارچ 2009ع تي ممبئيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

اياز سومرو

اڄ مشهور سياستدان اياز سومري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي.

هن 31 ڊسمبر 1958ع تي لاڙڪاڻي ۾ خدابخش سومري جي گهر پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. هن هڪ وڪيل طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. پاڻ لاڙڪاڻي مان سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن آف پاڪستان جو ميمبر رهيو. هن سڄا سارا 10 سال لاڙڪاڻي ضلعي جي بار ايسوسيئيشن جي صدر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1987ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ڪائونسلر چونڊيو ويو. 2002ع ۽ 2008ع وارين عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. 2013ع ۾ چونڊجي قومي اسيمبليءَ پهتو. 2008ع ۾ هن کي قانون، پارليامينٽري افيئرس، رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن جو صوبائي وزير ٿيڻ جو موقعو مليو. 2011ع ۾ جيل کاتي جو صوبائي وزير مقرر ٿيو. 2012ع ۾ کيس هائوسنگ ۽ لائيو اسٽاڪ جي صوبائي وزارت جو قلمدان سونپيو ويو. هن 20 مارچ 2018ع تي وفات ڪئي.

جان خاصخيلي

اڄ مشهور صحافيءَ جان خاصخيليءَ جي



وفات جو ڏينهن آهي. هو 23 اپريل 1956ع تي هالا تعلقي جي ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ ۾ ڄائو. ايم اي (سوشالاجي) تائين تعليم حاصل ڪيائين. هڪ صحافيءَ طور ڪراچيءَ مان ڇپجندڙ مختلف سنڌي ۽ انگريزي اخبارن سان لاڳاپيل رهيو. هو سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچيءَ جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو. ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ مضمون نگار طور مشهور هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "گُم ٿيل ماڻهوءَ جو سفرنامو" (ڪهاڻيون) ، "خوابن جي موسم جو هڪ گيت" (شاعري) ۽ "خوابن جو عجائب گهر" (شاعري) شامل آهن. هن 20 مارچ 2022ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج IX حيدرآباد
سول اپيل نمبر 321 سال 2025

(1) الله ڏنو سيپيو ولد الهيار خان سيپيو (2) قادر علي ولد الهيار خان سيپيو (3) پرويز علي ولد محمد قاسم سيپيو رهندڙ ڳوٺ ابو طالب سيپيو پي او ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد. اپيلانٽ. بخلاف. غلام حسين عرف ناٿو سيپيو حال رهندڙ ڳوٺ ابو طالب سيپيو پي او ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد سيل نمبر 03108036782 ....ريسپونڊنٽس

ناليءِ مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيلانٽ سول اپيل زير قلم CPC 96 ۽ 39 رول 1 ۽ 2 CPC آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري تاريخ 11-11-2025، 11-11-2025- 17 خلاف جيڪا ارڊ سينئر سول جج 3 حيدرآباد تي سي سوٽ نمبر 01/2022 الله ڏنو ۽ ٻيا خلاف غلام حسين) ۾ پاس ڪئي هئي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج I ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات حرا ڌيءَ زاهد علي رهندڙ گهر نمبر 04 آر بي پي ڪالوني ڄامشورو .پلينٽف.بخلاف. حاڪر علي چانڊيو ولد محبوب علي ذات چانڊيو رهندڙ سنڌي ٻتڙ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو..ڊفينڊنٽس

ناليءِ مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج I ڄامشورو

گمشده ڊگري بابت اطلاع

جيئن ته منهنجو اسرا يونيورسٽي جو بيچلر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جو پڪو سرٽيفڪيٽ ڪجهه ڏينهن پهرين ماتلي شهر ۾ فوٽو ڪاپيون ڪرڻ محل ڪٿي اڻ ڄاتل هنڌ گم ٿي ويو آهي امتحان سال 2024 اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي بي صورت ۾ ڊپليڪيٽ پڪو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي.

عليزه ڌيءَ نياز احمد ذات اعوان رهندڙ نزد ٽيليفون ايڪسچينج محلا چير ماتلي ضلعو بدين

بقايا 1 | 8ڄڻا سخت زخمي

مٿان هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا هڪ عورت سميت 8 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي بروقت جهلي ڪلواڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ڪٽائي تعلقه اسپتال لکي غلام شاهه ۾ منتقل ڪيا ويا آهن وڌيڪ زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر ريفر ڪيو ويو آهي، نياز احمد خروس واري ڌر جي زخمين ۾ نياز احمد ولد محمدصديق، محمد صديق خروس، غلام شبير نظير احمد، بادل ولد حسيب خروس، شامل جڏهن ته ٻي ڌرجان محمد ولد حاجي پيرل خروس واري ڌر جي زخمين ۾ عبداللطيف، احسان، محمد نواز ولد جان محمد خروس، ۽ هڪ عورت مسمات وزيران زال جان محمد خروس شامل آهن ڌرين پاران موقف ڏيڻ کان انڪار رابطي ڪرڻ تي جهلي ڪلواڙي ايس ايڇ او سيد منير شاهه ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين ۾ زمين جي ڳالهه تان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي

بقايا 2 | دعوي

عبدالوحيد پٽو جوابدار پڪڙي ڦر ٿيل رقم هٿ ڪري ورتي آهي ، ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي يوٽي سهيل سومرو جي نگراني ۾ ايس ايڇ او وحيدپٽو ٽن ڦورن کي به گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته گرفتار ٿيلن ۾ علي لاکو عدنان گبول، بابر گولو ۽ ٻيا ساٿي شامل آهن ان حوالي سان ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو وحيد پٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گرفتار ٿيل ڌوهارين وٽان 2 مهينا اڳ عادلپور گهوٽڪي لنڪ روڊ تان اعجازمهر کان ڦر ٿيل 38 لک رپيا پڻ هٿ ڪيا آهن گرفتار ٿيل ڌوهارين کان پڇاڳاڇا جاري آهي، 38 لک ڦر ڪيس پوليس لاءِ چئلينج بڻيل هو جنهن کي وڏي مهارت سان حل ڪيو آهي.

بقايا 3 | واڌاري چڙيو

جاري ڪيون ويون هيون، پر مسافرن جو چوڻ آهي ته ٽرانسپورٽرز گاڏين جي ڪوٽ جو بهانو بڻائي زيادتي ڪرائي وصول ڪري رهيا آهن. بس اسٽينڊن تي رش وڌڻ سبب ڪجهه هنڌن تي گاڏين جي ڪوٽ پڻ ڏٺي وئي، جڏهن ته اوور چارج وصولي ۾ ٽرانسپورٽر مصروف رهيا. مسافرن چيو ته هر پرديسي جي خواهش هوندي آهي ته عيد جو تهوار پنهنجن پيارن سان گذاري، پر ايتري رش ۾ آبائي علائقن جو سفر مشڪل بڻجي وڃي ٿو. اسٽينڊ کان ٻاهر ٽرانسپورٽرز بليڪ ميلنگ ڪندا آهن ۽ مسافرن کي مجبوراً اضافي ڪرائي ڏيڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو ٻئي پاسي پاڪستان ريلوي عيد الفطر جي موقعي تي مسافرن جي سهولت لاءِ پنج خصوصي ٽرينون هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ريلوي ذريعن موجب پهريان کان هلندڙ ٽرينن سان اضافي ڪوچ لڳائڻ تي به غور ڪيو پيو وڃي، جيئن رش دوران مسافرن کي راحت فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 4 | منظوري

شروع ڪرڻ جي باقاعده منظوري ڏني وئي آهي. هي منظوري اداري جي علمي ۽ تحقيقي سرگرمين ۾ هڪ اهم واڌارو ثابت ٿيندي. پي ايڇ ڊي پروگرام جي مؤثر شروعات لاءِ وڌيڪ فنڊنگ، جديد ليبارٽري سامان ۽ اضافي فيڪلٽي ميمبرز جي ضرورت پوندي، جنهن لاءِ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن کان ڀرپور سهڪار حاصل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن ان موقعي تي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جي فيڪلٽي ميمبرن ڊاڪٽر معراج نبي ڀٽي، ڊاڪٽر آصف وڳڻ ۽ ڊاڪٽر مريند مري کي مبارڪباد پيش ڪئي. هن چيو ته يونيورسٽي جو بنيادي مقصد خاص طور انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ معياري اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي فروغ ڏيڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته شهيد راڻي جي مشن تحت هلندڙ هن اداري ۾ ڊاڪٽريٽ پروگرامز جي شروعات سان نه رڳو شاگردن کي جديد علمي ۽ تحقيقي موقعا فراهم ٿيندا، پر علائقي ۽ پوري سنڌ جي نوجوانن جي اعليٰ تعليم جي معيار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي.

بقايا 5 | درخواست

ڪورٽ سکر ۾ جسٽس امجد علي بوهيو ۽ جسٽس علي حيدر ادا دريشائي تي ٻڌل ٻه رڪني آئيني بينچ درخواست گذار پرنسپل عبدالقيوم واڳهو ۽ پرنسپال واجد علي جکرائي طرفان وڪيل آچر گبول ۽ غلام نبي بوزدار معرفت داخل ڪرايل درخواست جي ٻڌڻي ڪئي.ٻڌڻي دوران درخواست گذارن جي وڪيلن عدالت کي استدعا ڪئي ته چانڊيو پنهنجي اسڪولن جون پوسٽون منتقل ڪرڻ سبب متاثر هاڻي ساڳئي اسڪولن ۾ منظور ٿيل پوسٽن بغير ڪم ڪن پيا. پوسٽون منتقل ٿيڻ ڪري انهن جي پگهار بند ڪئي وئي آهي. چانڊيو پرنسپالز جا عهدا واپس ڪري متاثرن جي پگهار فوري جاري ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.عدالت وڪيلن جي استدعا منظور ڪندي چانڊيو پنهنجي اسڪولن جي پرنسپال جا عهدا منتقل ڪرڻ واري عمل تي اسٽي آرڊر جاري ڪندي سيڪريٽري تعليم، اسپيشل سيڪريٽري تعليم، ڊائريڪٽر هائير سيڪنڊري اسڪول سکر ۽ ٻنهي ضلعن جي ضلعي تعليم کاتي جي عملدارن کي نوٽيس جاري ڪندي

21 اپريل تي جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 6 | تعزيت ڪئي

۽ قابل مذمت عمل آهي، جنهن ۾ ملوث جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي مير روحل خان کوسو چيو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس مختلف رخن تي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ انساني ذريعن جي مدد سان جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو سندس چوڻ هو ته واقعي ۾ ملوث جوابدار ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن، قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندا.ايس ايس پي وڌيڪ چيو ته علائقي ۾ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آڻڻ لاءِ خاص حڪمت عملي تحت پوليس گشت وڌايو ويو آهي، جڏهن ته ناڪابندي سخت ڪئي وئي آهي ته جيئن ڏوهارين کي ڪنهن به صورت ۾ فرار ٿيڻ جو موقعو نه ملي سگهي. هن چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي اولين ذميواري آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ان موقعي تي مقتول سعيد احمد جتوئي جي وارثن ايس ايس پي کي واقعي بابت تفصيل ٻڌايا ۽ جلد انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو. ايس ايس پي کين يقين ڏياريو ته انصاف جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيو ويندو ۽ جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو.ڏي تي علائقي جا معزز ماڻهو سياسي ۽ سماجي شخصيتون پڻ موجود هيون، جن شهيد جي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندي واقعي جي سخت مذمت ڪئي.

بقايا 7 | اسپتال منتقل

جنهن کي علاج لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو , جڏهن ته هن کان اڳ به ڪوٽڙي شهر جي سبحان الله ڪالوني، عنايتائي پاڙو، شاهي بازار ڪوٽڙي , سجل گراؤنڊ , ايراني پير پرسان ۽ ٻين مختلف پاڙن ۾ رولو ڪتن ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏاڍهي زخمي ڪري وڌو آهي، پر ميونسپل ڪميٽي ڪوٽڙي ۽ ميونسپل ٻولهاڙي جي انتظاميه رولو ڪتن کي مارڻ لاءِ ڪوبه تحرڪ ناهي ورتي جنهن ڪري رولو ڪتا پيرسن ماڻهن توڙي معصوم ٻارڙن تي حملا ڪري انهن کي زخمي ڪري نقصان پهچائي رهيا آهن. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٽيليگراف هاري ڪئمپ ۽ راسوا موري جي علائقن ۾ ڪيترن ئي شهرين تي حملا ڪري انهن کي ڏنگي زخمي ڪيو هو جنهن جو پڻ اطلاع لاڳاپيل کاتن جي انتظاميه کي ڪرڻ باوجود انتظاميه ڪوبه تحرڪ نه ورتو ڪوٽڙي واسي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته فوري نوٽيس وٺي ڪتا مار مهم شروع ڪري عوام کي رولو پاڳل ڪتن جي آزار مان نجات ڏياري وڃي. خالي ڪاغذن ۾ جاڻائي بجيٽ هڙپ ڪري رڪارڊ نه ڏاهيو وڃي

بقايا 8 | پنگ هٿ

ٻئي طرف لاڙڪاڻو پوليس ٿاڻي وليد جي حد امير شاهه مقام واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي ڌوهاري کي بغير لائسنس پسٽل، گولين ۽ ڦر ڪيل قيمتي موبائيل فون سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ ذاڪر چانڊيو طور ٿي آهي، هٿ آيل موبائيل فون تصديق بعد اصل مالڪ عمران ڪلهوڙو حوالي ڪئي وئي آهي.

بقايا 9 | پروگرام منعقد

هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون تقريب دوران نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ وڪيل ۽ اسڪالر علي حسن مغيري تفصيلي خطاب ڪندي حضور پاڪ ﷺ جي حيات طيبه ۽ تعليمات تي روشني وڌي. ان موقعي تي نعت خوانن پڻ عقيدت سان ڀرپور نعتون پيش ڪري محفل کي روحانيت سان معطر ڪري ڇڏيو. پروگرام ۾ ڳوٺ جي جماعت سميت ٻاهران آيل مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مذهبي جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪيو. تقريب جي پڄاڻي تي ملڪ پاڪستان ۽ ايران سميت سڄي عالم اسلام جي امن، سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا 10 | پيرسن مارجي ويو

جنهن ۾ ڏنڊن پٿرن ۽ سرن جو آزادنا استعمال ڏٺو ويو لڳڻ سبب پيرسن عبدالڪريم پنڊ مارجي ويو جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملندي پوليس پهچي لاش ضروري ڪارروائي لاءِ ڪنائي وئي جڏهن ته خبر موڪلڻ تائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيون هيو جڏهن ته ٻئي ڌريو هڪ ڳوٺ ۽ هڪ برادري جي هجڻ ڪري ڪشيدگي برقرار آهي

بقايا 11 | احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي سيد زين شاهه عورتن امڙين پيئرن ٽيائين ٻارڙن سان همدردي جو اظهار ڪيو انهن کي يقين ڏياريو ته ڳوٺ لغاري بجراڻي جي لغاري شهيد نوجوانن ۽ شهر مورو جي مختلف برادرين جي ماڻهن کي انصاف ڏيارينداسين ۽ بيگناهه قيدين کي آزاد ڪرائينداسين مورو سائحي جي ڏينهن 20 مئي 2026 تي مورو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻنداسين ۽ جلسو ڪنداسين ان موقعي تي سيد زين شاهه عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته مورو سائحي ۾ سنڌو درياءَ ۽ زمينن جي والار خلاف آواز اٿارڻ ۽ پرامن احتجاج ڪرڻ تي پوليس ۽ خانگي هٿياربند ماڻهن گوليون هڻي عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي شهيد ڪري ٻن نوجوانن کي گوليون هڻي معذور ڪيو انهن جا گهر دڪان ڊاهيا ويا مورو ڳوٺ ۽ مورو شهر مان 60 کان مٿي مختلف برادرين جي نوجوانن مزدورن هارين پورهيتن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيلن ۾ واڙيا ويا ڏهن مهينن کان هو ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ بيگناهه قيد آهن انهن جي ملاقات به بند آهي ڪيس به نٿا هلايا وڃن ضمانتون به نٿيون ڪرڻ ڏنيون وڃن ظلم به انهن مظلوم ماڻهن سان ٿيو خونن جا ڪيس به انهن تي داخل ڪيا ويا آهن مورو ۾ جبر ڏاڍ ظلم ۽ خوف وارو ماحول پيدا ڪري حق ۽ سچ جي آواز کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي مظلومن جو آواز اٿارڻ تي مون تي ڪوڙا پنج ڪيس داخل ڪيا ويا 26 ۽ 27 ترميم ڪري عدالتن کان انصاف جو حق کسيو ويو آهي هاڻي ڪنهن به مظلوم کي انصاف ڪون ٿو ملي مورو سائحي جي مظلوم ماڻهن لاءِ به انصاف جا دروازا بند آهن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي شروع کان وٺي مورو سائحي جي مظلوم ڳوٺ لغاري بجراڻي ۽ مورو جي مظلوم ماڻهن سان گڏ آهي جلسا احتجاج ڪندا اچون پيا اسان جي وڪيلن جي ٽيم به انهن لاءِ ڪم ڪري پئي هر فورم تي آواز اٿاريو آهي انشاء ﷲ ظالم حڪمرانن جو خاتمو ٿيندو بيگناهه نوجوانن جي خون جو حساب ٿيندو بيگناهه قيدي آزاد ٿيندا مظلومن سان انصاف ٿيندو هن اعلان ڪيو ته مورو سائحي واري ڏينهن 20 مئي تي مورو ۾ ايس يو پي پاران وڏي پيماني تي احتجاجي جلسو ڪنداسين جنهن ۾ سنڌ جي سڀني قومپرست سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن وڪيلن ۽ سنڌ دوست ماڻهن کي هن جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏينداسين هي جلسو حڪمرانن جي خاتمي جو جلسو ثابت ٿيندو سيد زين شاهه احتجاج ۾ شامل بيگناهه قيدين جي وارثن مردن عورتن ٽيائين ٻارڙن امڙين پيئرن سان ملاقات ڪئي انهن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته اوهان جا هي لڙڪ اوهان سان ٿيندڙ نا انصافيون يزيدي ڪردار حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪندا هنن جي فرعونيت ختم ٿيندي اوهان جا پيارا آزاد ٿيندا ان موقعي تي ياسين سومرو اسلم ڪوريجو خادم سيال عباس حب مهراڻ سولنگي ۽ وارثن ۾ محسن علي رستماڻي ايڊووڪيٽ اسرار احمد ڀٽي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري ۽ ٻيا موجود هئا وارثن پنهنجي پيارن جا فوٽو کڻي آزادي جا نعرا هنيا

بقايا 12 | مسافر فوت

جي سڃاڻپ جهانگير ۽ محمد رفيق طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمين ۾ خدابخش، دانش، محمد شهباز عامر محمد نديم، محمد اڪرم، مسمات تاز خاتون، عرفان، محمد اسحاق ۽ ساجد شامل آهن. سڀني زخمين کي ابتدائي طبي امداد لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته ڪيترن زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت سبب حيدرآباد جي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو.ٻئي طرف شهرين جو چوڻ آهي ته موٽروي پوليس جي غير موجودگي ۽ نگراني جي کوٽ سبب گاڏين جي تيز رفتاري وڌي وئي آهي، جنهن ڪري حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن.

بقايا 13 | گمس ترجمان

ڊاڪٽرن کي علاج معالج جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ انتظامن کي مڪمل ڪري ورتا آهن. گمس اسپتال جي ترجمان موجب گمس جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي هدايتن مطابق سرجن ڊاڪٽرز ۽ سڀني اسٽاف معمول مطابق آپريشنز ۽ اوپي ڊي سرانجام ڏيندا رهندا. جڏهن ته انتظامي ڊاڪٽرن نرسز ۽ پيرا ميڊيڪس کي به ڊيوٽيون تفويض ڪيون ويون آهن ته جيئن مريضن جون هر ممڪن طبي ضرورتون معمول مطابق بروقت پوريون ڪري سگهجن.سڀني ٽرانسپلانٽس جا ماهر سرجن ۽ انهن جون ٽيمون به عيد جي ڏينهن ۾ فعال رهنديون. ان کان علاوه عيد دوران مريضن ۽ انهن جي سار سنڀار لاءِ موجود ڪٽنبن کي عيد الفطر جي مناسبت سان خاص کاڌا فراهم ڪيو ويندا.گمس اسپتال جي انتظاميه سڪيورٽي گارڊز کي هدايت ڏني آهي ته خاص طور تي عيد جي موڪلن جي ڏهاڙن تي الرٽ رهن ۽ اسپتال ۾ ايندڙ سڀني سان خوش اخلاقي سان پيش اچن ته جيئن اسپتال ۾ نظم و ضبط قائم رهي سگهي ورڪس سان لاڳاپيل عملي کي پڻ هدايت ڏني وئي آهي ته جنريٽرز ۽ ان سان جڙيل ٻيون سڀ شيون چالو رکن. جڏهن ته اليڪٽريشن، ليب ڪليڪشن، ايمرجنسي اسٽاف سميت ۽ سڀني جي حاضري يقيني بڻائي وئي آهي. گمس انتظاميه واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڪو ملازم ڊيوٽي کان غير حاضر نظر آيو ته ان خلاف کاتي مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي ته جيئن اسپتال ۾ عيد دوران به علاج معالج جي سهولت متاثر نه ٿئي.ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پاران کنيل اهي قدم ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته عيد جي موڪلن دوران به گمس اسپتال ۾ ڏورانهن علائقن مان آيل مريضن جي علاج معالج ۽ سهولتن بنان ڪنهن ڏکيائين جي جاري ۽ ساري رهنديون. ياد رهي ته گمس اسپتال ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي ذاتي ڪوششن سان هڪ پوئتي پيل علائقي ۾ ننڍي ڊسپنسري مان پوري پاڪستان جو هڪ وڏو پنجن انساني عضون جي ٽرانسپلانٽ جو ميڊيڪل سٽي بڻجي چڪو آهي. ڊاڪٽر ڀٽي جي سربراهي ۾ گمس اسپتال ۾ سنڌ حڪومت جي تعاون سان جگر گردن، بون ميرو، ٻارن ۾ دل جي سوراخ، اوپن هارٽ سرجري سميت ٻين آرگنن جا 100 سيڪڙو مفت ٽرانسپلانٽ ڪيا ويندا آهن.

بقايا 14 | نوٽيفڪيشن جاري

هيومن ڊولپمينٽ (اين سي ايڇ ڊي) جي ملازمن جو پراڻو مطالبو آخرڪار پورو ٿي ويو آهي، جنهن تحت وفاقي وزارت تعليم 1133 فيلڊ آفيسرن کي بي پي ايس 16 مان بي پي ايس 17 ۾ ترقي ڏني وئي آهي. ان حوالي سان وفاقي سيڪريٽري وزارت تعليم طرفان باقاعده نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. هي اهم اڳڀرائي اين سي ايڇ ڊي جي فيلڊ آفيسرن جي ڊگهي جدوجهد ۽ گڏيل ڪوششن جو نتيجو قرار ڏني پئي وڃي، جن هر سطح تي پنهنجي مطالبن لاءِ ڀرپور آواز اٿاريو. هن ڪاميابي ۾ ڊائريڪٽر جنرل اين سي ايڇ ڊي علي اصغر سيڪريٽري وفاقي وزارت تعليم نديم محبوب ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جو ڪردار نمايان قرار ڏنو پيو وڃي، جن ملازمن جي مطالبن جي پوري ٿيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان حوالي سان آل پاڪستان فيلڊ آفيسرز ايڪشن ڪميٽي (اين سي ايڇ ڊي) پاڪستان جي سربراه نظير احمد شر عبدالحئي منگي، شيخ اشرف، نواب آفريدي، اسرار ڏامراهه، آصف دايو ۽ شيراز محمود پناڻ هن اهم اڳڀرائي تي ٿورا مڃيندي چيو ته هي ڪاميابي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تعليم تي ڪم ڪندڙ ملازمن جن ۾ ڪشمير، گلگت، خيبر پختونخوا، پنجاب، بلوچستان ۽ سنڌ شامل آهن انهن سڀني فيلڊ آفيسرن جي گڏيل جدوجهد جو نتيجو آهي. هنن ڊائريڪٽر جنرل اين سي ايڇ ڊي، وفاقي وزارت تعليم جي ٽيم، سياسي قيادت خاص طور تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه، ڊاڪٽر نفيسه شاهه ۽ پرنٽ ميڊيا جا به خاص ٿورا مڃيا، جن هر مرحلي تي سندن ساٿ ڏنو ملازمن هن قدم کي ڀليڪار جوڳو قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته مستقبل ۾ به سندن پيشهوراڻه مسئلن جي حل لاءِ اهڙا مثبت قدم جاري رهندا.

بقايا 15 | حالت ۾ گرفتار

کي ناڪام بڻائي ڇڏيو جتي مقابلي دوران ٻنهي طرف کان فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ پوليس 2 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ پسٽلن سميت گرفتار ڪري ورتو آهي. ڌوڪري ٿاڻي جي حد مان گرفتار ڌوهاري جي سڃاڻپ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي تعلقي وارهه جي ڳوٺ مڪلائي جي رهواسي ظفرالله پٽ بخشل بليدي طور ٿي آهي. شروعاتي جاچ موجب گرفتار ڌوهاري ڪراچي جي مختلف ٿاڻن سميت قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻو ۾ وارداتن ۽ سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ ملوث آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته باڙائي ٿاڻي جي حد مان گرفتار ڌوهاري جي سڃاڻپ غلام عباس چانڊيو جي ٽالي سان ٿي آهي. شروعاتي جاچ موجب گرفتار ڌوهاري سنگين ڏوهن ۽ ڪيسن ۾ ملوث آهي. فرار ٿيل ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ لاڳاپيل علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪيو ويو جلد فرار ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 16 | روڪ رقم هٿ

پوليس موجب جوابدارن وٽان آئس ۽ وڪرو ٿيل رقم به هٿ ڪئي وئي آهي.ابتدائي جاچ موجب وقار احمد منشيات خريد ڪري پنهنجي زال کي فراهم ڪندو هو جڏهن ته زرينا مختلف علائقن ۾ ان جي وڪري ۾ ملوث هئي. پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ٻنهي جو ڪرمنل رڪارڊ به مختلف ٿاڻن مان چيڪ ڪيو پيو وڃي. گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ انويسٽيگيشن ونگ حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 17 | 32لک برآمد

ان حوالي سان ڊي ايس پي يو ٽي اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کلهتران جي خاص هدايتن تي ضلعي ۾ ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. گرفتار جوابدار گذريل ڪجهه مهينن دوران ضلعي جي مختلف علائقن ۾ چوري، ڦر ۽ ٻين سنگين وارداتن ۾ ملوث هئا. ڊي ايس پي يو ٽي سهيل احمد سومرو ۽ انچارج اي ٽي محمد عامر آرائين جي ايس ايڇ او ڏرڪي صفيع الله انصاري، ايس ايڇ او اي سيڪشن، ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو عبدالوحيد پٽو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڪارروائي ڪئي وئي.پوليس پنهنجي خفيه ذريعن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪندي 4 جوابدارن کي مختلف هنڌن تان گرفتار ڪري ورتو ۽ انهن وٽان 32 لک رپيا برآمد ڪيا.گرفتار جوابدارن ۾ علي لاکو،عدنان گبول،بابر گول،فرحان ڪلوڙ شامل آهن.جڏهن ته سندن هڪ ساٿي محبوب ساوند فرار ٿي ويو آهي، جنهن جي ڳولا جاري آهي ۽ جلد گرفتار ڪرڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي.پوليس موجب جوابدار پنهنجن ساٿين سان گڏ ضلعي جي مختلف علائقن، شهرن ۽ لنڪ روڊن تي رات جي وقت موٽر سائيڪلون ۽ نقد رقم ڦريندا هئا.گرفتار جوابدارن 20 فيبروري 2026 تي داد لغاري لنڪ روڊ تي پوليس اهلڪار منظور احمد ڪلوڙ تي قاتلاڻو حملو ڪرڻ جو به اعتراف ڪيو آهي، جنهن ۾ اهلڪار معجزاتي طور بچي ويو هو.پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي.ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کلهتران پاران ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباشي ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو به اعلان ڪيو ويو آهي

بقايا 18 | آپگهات

ساگر ڪولهي گهرو مسئلن سبب سخت ذهني دٻاءُ جو شڪار هو جنهن پنهنجي گهر اندر گچي ۾ ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ علائقي واسي وڏي انگ ۾ گڏ ٿي ويا جڏهن ته لاش کي تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي بعد ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو ٻئي پاسي خدا جي بستي واري علائقي ۾ پڻ اهڙو ئي افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي نوجوان اعجاز لنڊ مبينا طور گهريلو پريشانين کان تنگ اچي پنهنجي گهر اندر پنکي سان ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو وسائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. پوليس ذريعن موجب ٻنهي واقعن جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ وارثن کان بيان ورتا پيا وڃن ته جيئن اصل سبب جو پتو لڳائي سگهجي ابتدائي طور ٻنهي واقعن جا ڪارڻ گهريلو پريشانيون ٻڌايا پيا وڃن هڪ پاسي عيد جون خوشيون ته ٻئي پاسي مهنگائي بيروزگاري ۽ وڌندڙ معاشي مسئلا ماڻهن کي سخت ذهني دٻاءَ ۾ وجهي رهيا آهن اهڙين حالتن ۾ ڪجهه ماڻهو مايوسي جو شڪار ٿي اهڙا انتهائي قدم کڻي رهيا آهن جيڪو سماج لاءِ انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي سماجي ۽ شهري حلقن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نوجوانن ۾ وڌندڙ ذهني دٻاءَ بيروزگاري ۽ معاشي مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 19 | فصلن کي نقصان

کي نقصان جو خدشو ٻئي طرف ڪڻڪ ۽ ٻين فصلن کي نقصان جو انديشو مليل ڄاڻ موجب مٺي سميت ٿرپارڪر جي سڀني شهرن ۽ ڳوٺاڻن علائقن تي ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برساتن وسڻ جو سلسلو رات جو دير تائين هلندو رهيو. جڏهن ته ڪنوڻ جي ڪڙڪاٽ عوام ۾ سخت خوف پيدا ڪري ڇڏيو ۽ رات ٿرپارڪر ڪنوڻ ڪرڻ سبب ڳوٺ ڏاراڻ ۾ هڪ ڍڳي ۽ ڳوٺ ڍبڙيچا ۾ هڪ اٺڙي پنهنجي ڦر سميت مري ويون آهن. هوڏانهن ٿرڙي محبت گذريل رات کان هلندڙ برسات هن وقت تائين وقفي وقفي ساري جاري عيد ويجهو هجڻ سبب بازارون خالي ڪڻڪ جي تيار ٿين فصل کي نقصان ٿيڻ جا امڪان آبادگار هاري پريشاني ۾ وڪجي ويا، هوڏانهن جوهڙ جمالي ۽ شاهبندر تعلقي جي ساحلي پٽي وارن علائقن ۾ رات واري تيز طوفاني هوائن سان گڏ زوردار برسات وڏي تباهي آڻي ڇڏي آهي. شاهبندر جي ساموڊي علائقن ۾ تيز طوفان سبب ڪيترن ئي ماهيگيرن جا هوڙا ٽڪرائجڻ سبب پڇي پيا آهن. مختلف ڳوٺن ۾ ڪيترائي ڪچا گهر ڊهي پيا ۽ گهرن جون ڇتيون اڏامي ويون ، جنهن سبب ڪيترائي ماروئڙا بي گهر ۽ بي يارو مددگار بڻجي ويا آهن. ٻئي طرف مسوبرگڙي ۽ پرياسي ۾ برسات سبب انبن جو ٻور پڻ ڇڻڻ لڳو باغن جي ٺيڪيدارن کي نقصان جو خدشو ٻئي طرف ڪڻڪ ۽ ٻين فصلن کي نقصان جو انديشو خاص ڪري هن وقت، لاباري ڪيل ۽ خرو ڪيل ڪڻڪ جي فصل کي برسات سبب نقصان، هوڏانهن هالا ۾ برسات بعد هيٺانهين علائقا پاڻي هيٺ، حيسڪو جي ڊگهي لوڊشيڊنگ خلاف شهرين ، روزيدارن پاران حيسڪو خلاف احتجاج ، حيسڪو عملي پاران عيدي وصولي آپريشن ، اربين روپيه بقايا جات وصول ڪرڻ بجاءِ نادهندگان کي حيسڪو پاران فري لوڊشيڊنگ فيڊر جو تحفو حيسڪو پاران حيسڪو چيف کي بي وقوف ڪرڻ تي سياسي سماجي ڌرين پاران حيرت جو اظهار , وفاقي وزيرسيڪريٽري بجلي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ٻئي پاسي دولت پور ۾ وقفي وقفي سان جاري برسات سبب درزين فروٽ وڪرو ڪندڙ پورهيت طبقي توڙي حجام کو ڪم ڪندڙ پورهيت سخت پريشاني جو شڪار جڏهن ته برسات پوڻ سبب شهر توڙي ڳوٺن ۾ بجلي جو ڊگهو بريڪ ڊائون هوڏانهن ٽائون ڪاميٽي دولت پور انتظاميا پاران رات کان پاڻي ڪڍڻ جو سلسلو تيز ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 20 | تحفظ جو مطالبو

جي گيٽ پرسان آهي. جتي ساموهون رهندڙ پوليس اهلڪار احسان ۽ سندس پٽ مهدي جاني دشمن بڻجي ويا آهن. پٽ کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏين ٿا. جنهن سبب جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي. هن ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 21 | متاثر پريشان

ڪيدرائي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏيا ٻڌايو پيو وڃي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ساڳو ٺڳ چور مختيار ڪلهوڙو جو رڪشو ڪرائي تي ميهڙ لاءِ ڪري وڃي ڊرائيور کي گهٽي ۾ بيهاري فون ڪرڻ بهاني سان ٽچ موبائيل وٺي فرار ٿي ويو هو

بقايا 22 | تشدد جو الزام

اڳواڻ ۽ ساٿين تي اغوا ڪري زيادتي ڪرڻ جا الزام تشدد ڪري بيهوش ڪرڻ جا الزام لڳايا آهن انصاف نه ٿيڻ جي صورت ۾ شاگردياڻي پاران خودڪشي ڪرڻ جو ڄتاءُ الزام هيٺ آيل نواز ليگ اڳواڻ الزامن کي ڪوڙو قرار ڏئي ڇڏيو پڪاچانگ شهر جي غريب آباد ڪالوني واسڻ ميڊيڪل جي آخري سال جي شاگرديائي سڪينه ڌي خادم ملڪ سٽي پريس ڪلب فيض گنج ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳائيندي چيو آهي ته نواز ليگ اڳواڻ احسان آرائين ۽سندس ساٿين زين اعوان ۽غلام شبير اعوان ميڊيڪل هاسٽيل نوابشاهه مان اغوا ڪري ڪار ۾ ڪٿي نامعلوم جاءِ تي قيد ڪري روزي جي حالت ۾ زيادتي ڪئي آهي زيادتي دوران منهنجو اعتراض جوڳيون تصويرون ڪڍي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيون ويون آهن هن چيوته تشدد ڪري بيهوشي ڪرڻ بعد مون کي واپس نوابشاهه هاسٽل ۾ ڦٽو ڪري جوابدار فرار ٿي ويا هوش ۾ اچڻ بعد مون نوابشاهه پوليس کي اطلاع ڪيو پر پوليس ڪابه ڪاروائي نه ڪئي آهي مون مجبور ٿي عدالت ۾ جوابدارن خلاف درخواست داخل ڪرائي آهي هن چيوت مون کي مختلف طريقن سان بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي مون کي فون تي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن چيوته احسان آرائين بااثر آهي جيڪو مون کي قتل ڪرڻ چاهي ٿومنهنجون تصويرون اعتراض جوڳيون ڪڍڻ بعد منهنجي زندگي تباهه ٿي وئي آهي منهنجو جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي هن چتاءُ ڏيندي چيوته جوابدار ن خلاف ڪاروائي ڪري موسان انصاف ڪرايو وڃي نه ته مان خودڪشي ڪندس هن ايس ايس پي خيرپورکان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪرائي مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي شاگردياڻي سڪينه ملڪ پاران سنگين الزام زيادتي تشدد جا الزام لڳائڻ بعد الزام هيٺ آيل نواز ليگ اڳواڻ احسان آرائين سٽي پريس ڪلب پهچي الزامن جي ترديد ڪندي چيوته آهي ته سڪينه ملڪ وارو معاملو عدالت ۾ هلندڙ آهي هن مون مٿان 22 بي جي درخواست داخل ڪئي آهي ان بعد هن کي ميڊيا تي اچي مون مٿان الزام لڳائڻ مناسب نه آهي عدالت ۾ ثبوت پيش ڪري هي مون کي بليڪ ميل ڪري رهي آهي مون هن کي اغوا نه ڪيو آهي تشدد يا زيادتي وارا الزام ڪوڙا آهن اهڙو ڪوبه واقعيو پيش نه آيو آهي هي مون کان پئيسا وٺندي رهي آهي مون هن جون تصوير نه ڪڍيون آهن الزام ڪوڙا آهن آءُ نواز ليگ پاران ايم پي اي جي سيٽ تي اليڪشن ۾ بيٺڪ هئس اسان عزت دار آهيون منهنجي اپيل آهي ته معاملي جي جاچ ڪرائي منهنجي عزت کي نقصان ڏيندڙ خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 23 | ڪاهي ويا

گذريل رات دير سان نامعلوم چور منهنجي شوروم جا تالا ٽوڙي 4 عدد ٽيون سي ڊي موٽرسائيڪلون چوري ڪري ويا آهن. اهڙو اطلاع خائپورمهر پوليس کي ڏنو آهي پوليس پهچي تفصيل وٺڻ بعد جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، متاثر شوروم مالڪ پوليس انتظاميه کان مطالبو ڪيو ته منهنجون چوري ٿيل موٽر سائيڪلون واپس ڪرايون وڃن..

بقايا 24 | دعوي

ڪامياب ڪاروايون ڪندي 03 جوابدار گرفتار ڪيا، جن وٽان شراب جون بوتلون ۽ ريلوي ٽريڪ تان چوري ڪيل لوهه به برآمد ڪيو ويو. ايس ايڇ او پنوعاقل ٿاڻو کي مليل ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار نعمان جالاني کي ريلوي ٽريڪ تان چوري ڪيل لوهي اينگل سميت گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدار وٽان ريلوي ٽريڪ تي لڳل 13 کان وڌيڪ اينگل پڻ هٿ ڪيا ويا. جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي پاسي، اسنيپ چيڪنگ دوران وڌيڪ ڪارروائي ڪندي پوليس ٻن جوابدارن عامر ڪوڪر ۽ منظور چاچڙ کي شراب جي 10 بوتلن سميت گرفتار ڪيو. جوابدارن خلاف 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ساڳئي طرح، ايس ايڇ او روهڙي ٿاڻو کي ڳجهي اطلاع تي جوا اڏي تي ڇاپو هڻي 03 جوابدارن کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدارن وٽان آڪڙا پرچي باڪس، جوا جون ٻيون شيون ۽ روڪ رقم پڻ برآمد ڪئي وئي. گرفتار جوابدارن ۾ آصف علي ميرائي، علي حيدر شاهه ۽ غلام عباس ميرائي شامل آهن. جن خلاف جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.ٻئي طرف، ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس ٽيم جي بهترين ڪارڪردگي تي شاباشي ڏيندي وڌيڪ ڪارروايون تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن

بقايا 25 | مدني حمادي

ٽنڊو آدم ۾ "عظمت قرآن" جي عنوان هيٺ منعقد ختم القرآن في التراويح تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته قرآن پاڪ حضرت محمد ﷺ تي نازل ٿيل آخري ڪتاب آهي، جيڪو قيامت تائين انسانيت لاءِ مڪمل ضابطه حيات آهي. هن ٻڌايو ته سڄي ملڪ ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ حافظ قرآن موجود آهن، جڏهن ته وفاق المدارس العربيه پاڪستان جي تحت قرآن پاڪ جي امتحانن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي انگ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. هن سال انهن امتحانن ۾ شرڪت ڪندڙن جو انگ هڪ لک کان وڌي چڪو آهي. علامه راشد مدني حمادي عوام کي اپيل ڪندي چيو ته پنهنجي ٻارن کي ديني تعليم، خاص ڪري قرآن پاڪ جي تعليم ضرور ڏياريو، ڇو ته اها هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي ۽ ان ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي لڪل آهي. تقريب ۾ ختم القرآن جي سعادت حافظ محمد اسامه طاهر حاصل ڪئي. ان موقعي تي چوڌري محمد اشرف آرائين، سردار جاٿان خان درائي، ثناءالله خان درائي، پروفيسر محمد عبدالله انڊڙ ايڊووڪيٽ عبدالله خان خٽڪ، معروف مذهبي اسڪالر مفتي ابوذر غفاري سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. آخر ۾ علامه محمد راشد مدني حمادي دعا ڪرائي، جنهن ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون.

بقايا 26 | ضياءِ الدين

موجود آهن. الله تعالي جنهن کي توفيق عطا فرمائي ٿو اهو ئي ان معائني تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو قرآن پاڪ جي تعليمات کي جديد علوم ۽ عصري تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. قرآن ڪريم صرف تلاوت جو ڪتاب ناهي، پر زندگي گذارڻ جو مڪمل ضابطو آهي. تقريب ختم القرآن ۾ حافظ حسان الدين شيخ جي والد حاجي هلال الدين شيخ، حاجي افتخار الدين شيخ، حاجي عبد القدير شيخ، لالا آغا محمد انور خان، محمد سهيل، حافظ بلال الدين شيخ، مصطفيٰ الدين شيخ، حاجي الياس الدين، عبدالجبار، حافظ محمد عامر صديقي، قاري عبداللطيف، وقار الدين، اعتزاز الدين احمد، افراز الدين قادري، عبدالصمد، اعجاز الدين، خضر الدين، محمد اسيد رضا ۽ ٻيا موجود هئا.ان موقعي تي حافظ حسان الدين شيخ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امت مسلمه جي اتحاد ۽ انسانيت جي فلاح ۽ بهبود لاءِ خاص دعا ڪئي. تقريب جي اختتام تي ملڪ ۽ ملت جي سلامتي، امن ۽ امان، ۽ امت مسلمه جي سربلندي لاءِ خاص رقت آميز دعا ڪئي وئي.

بقايا 27 | ڏنڊ جي سزا

عدالت ۾ هلندڙ هو جنهن کي عمر قيد جي سزا جو حڪم ڏيندي سينٽرل جيل خيرپور موڪليو ويو آهي.

بقايا 28 | جائزو ورتو

سولنگي اسپتال ۾ اسٽاف جي حاضري چيڪ ڪندي ڊيوٽي تي موجود اي ايم ايس ڊاڪٽر حنيف ميمڻ کي هدايت ڪئي ته اسپتال ۾ اسٽاف ۽ نرسن جي غير حاضري هرگز برداشت نه ڪئي ويندي، اسپتال ۾ صفائي سٿرائي جي ابتر صورتحال تي اسپتال انتظاميه کي سختي سان هدايت ڪئي ته وقت سر صفائي سٿرائي ڪندي آيندڙ مريضن، ٿنڊڙن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو وڃي. اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور چيو ته اسپتال ۾ جيڪي به ضرورتون آهن ان لاءِ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن کي لکو ته جئين ان جي ازالي لاءِ اسان ڀرپور نموني ڪم ڪيون. دوري دوران ڊاڪٽر حنيف ميمڻ، ڊاڪٽر زهراهم بتول ٻڌايو ته اسپتال ۾ سفارشي ڪلچر آهي جنهن ڪري ڏکيائي ٿي رهي آهي هنن چيو ته ته جيڪي سهولتون موجود آهن اهي هر مريض کي فراهم ڪيون وڃن ٿيون. اسسٽنٽ ڪمشنر عمامر سولنگي آخر ۾ چيو ته سموري دوري بابت تحريري طور ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اعليٰ اختيارن کي لکيو ويندو ته جئين اسپتال ۾ مسئلا آهن جلد ڪرائي سگهجن.

بقايا 29 | سرٽيفڪيٽ ورهايا

ڪئي وئي. ان موقعي تي بشريٰ منصور ورڪرن جي محنت کي ساراهيندي چيو ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ انتظاميا جي اولين ترجيح آهي جنهن لاءِ ڪوششون تيز ڪيون پيون وڃن ته جيئن پلاري مهيني دوران عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ٿئي.واضح رهي ته ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي هدايتن تي رمضان المبارڪ جي شروعات سان ئي ٿئين تعلقي سکر ۾ سستي راشن جو اسٽال قائم ڪيو هو جيئن شهرين کي ضروري خوراڪ جون شيون مناسب اگهن تي مهيا ڪري سگهجن.

بقايا 30

پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي سيد زين شاهه عورتن امڙين پيئرن ٽيائين ٻارڙن سان همدردي جو اظهار ڪيو انهن کي يقين ڏياريو ته ڳوٺ لغاري بجراڻي جي لغاري شهيد نوجوانن ۽ شهر مورو جي مختلف برادرين جي ماڻهن کي انصاف ڏيارينداسين ۽ بيگناهه قيدين کي آزاد ڪرائينداسين مورو سائحي جي ڏينهن 20 مئي 2026 تي مورو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻنداسين ۽ جلسو ڪنداسين ان موقعي تي سيد زين شاهه عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته مورو سائحي ۾ سنڌو درياءَ ۽ زمينن جي والار خلاف آواز اٿارڻ ۽ پرامن احتجاج ڪرڻ تي پوليس ۽ خانگي هٿياربند ماڻهن گوليون هڻي عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي شهيد ڪري ٻن نوجوانن کي گوليون هڻي معذور ڪيو انهن جا گهر دڪان ڊاهيا ويا مورو ڳوٺ ۽ مورو شهر مان 60 کان مٿي مختلف برادرين جي نوجوانن مزدورن هارين پورهيتن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيلن ۾ واڙيا ويا ڏهن مهينن کان هو ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ بيگناهه قيد آهن انهن جي ملاقات به بند آهي ڪيس به نٿا هلايا وڃن ضمانتون به نٿيون ڪرڻ ڏنيون وڃن ظلم به انهن مظلوم ماڻهن سان ٿيو خونن جا ڪيس به انهن تي داخل ڪيا ويا آهن مورو ۾ جبر ڏاڍ ظلم ۽ خوف وارو ماحول پيدا ڪري حق ۽ سچ جي آواز کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي مظلومن جو آواز اٿارڻ تي مون تي ڪوڙا پنج ڪيس داخل ڪيا ويا 26 ۽ 27 ترميم ڪري عدالتن کان انصاف جو حق کسيو ويو آهي هاڻي ڪنهن به مظلوم کي انصاف ڪون ٿو ملي مورو سائحي جي مظلوم ماڻهن لاءِ به انصاف جا دروازا بند آهن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي شروع کان وٺي مورو سائحي جي مظلوم ڳوٺ لغاري بجراڻي ۽ مورو جي مظلوم ماڻهن سان گڏ آهي جلسا احتجاج ڪندا اچون پيا اسان جي وڪيلن جي ٽيم به انهن لاءِ ڪم ڪري پئي هر فورم تي آواز اٿاريو آهي انشاء ﷲ ظالم حڪمرانن جو خاتمو ٿيندو بيگناهه نوجوانن جي خون جو حساب ٿيندو بيگناهه قيدي آزاد ٿيندا مظلومن سان انصاف ٿيندو هن اعلان ڪيو ته مورو سائحي واري ڏينهن 20 مئي تي مورو ۾ ايس يو پي پاران وڏي پيماني تي احتجاجي جلسو ڪنداسين جنهن ۾ سنڌ جي سڀني قومپرست سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن وڪيلن ۽ سنڌ دوست ماڻهن کي هن جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏينداسين هي جلسو حڪمرانن جي خاتمي جو جلسو ثابت ٿيندو سيد زين شاهه احتجاج ۾ شامل بيگناهه قيدين جي وارثن مردن عورتن ٽيائين ٻارڙن امڙين پيئرن سان ملاقات ڪئي انهن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته اوهان جا هي لڙڪ اوهان سان ٿيندڙ نا انصافيون يزيدي ڪردار حڪمرانن کي گهر پيڙو ڪندا هنن جي فرعونيت ختم ٿيندي اوهان جا پيارا آزاد ٿيندا ان موقعي تي ياسين سومرو اسلم ڪوريجو خادم سيال عباس حب مهراڻ سولنگي ۽ وارثن ۾ محسن علي رستماڻي ايڊووڪيٽ اسرار احمد ڀٽي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري ۽ ٻيا موجود هئا وارثن پنهنجي پيارن جا فوٽو کڻي آزادي جا نعرا هنيا

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(EPADS ذريعي هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار)

ايس پي پي آر اي رولز_2010 (تاحال ترميم شده) جي مطابق ايس پي پي آر اي رول 46(1) تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي ميڊ ذريعي اي_پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي سڀني اهل دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ / فارمن / پارٽين وغيره کان هيٺين ڪمن لاءِ آڇون طلب ڪيون وڃن ٿيون.

شمار نمبر	مضمون جو تفصيل	ڪم مڪمل ڪرڻ جو وقت	واڪ لڳائڻ جو طريقو	بڊ سيڪيورٽي	کولڻ جي تاريخ	ٽينڊر جي قيمت
01.	محافظ فورس / پوليس _15 ڪراچي لاءِ ٽرانسپورٽ جي مرمت	60 ڏينهن	هڪ مرحلي تي هڪ لفافي ميڊ ايس پي پي آر اي رول 46(1) سپ کان وڌيڪ فائديمند آڇ	ڪوٽ ڪيل آڇ جو 5٪	10-04-2026	3,000/_ روپيا

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر جو شيڊول هيٺين ريت هوندو: _

درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊرز جو جاري ٿيڻ	شايع ٿيڻ جي تاريخ کان 10-04-2026 صبح جو 12:00 وڳي تائين	محافظ فورس / پوليس_15 هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ڪراچي ايڪسپو سينٽر ويجهو
آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	10-04-2026منجهند 01:30 وڳي تائين	صرف EPAD سسٽم ذريعي
ٽينڊر کولڻ جو وقت	10-04-2026منجهند 02:00 وڳي	صرف EPAD سسٽم ذريعي

2. واڪ دستاويز EPADS ويب سائيٽ (portalsindh.eprocure.gov.pk/) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. ڪوٽ ڪيل قيمت جي رقم جو 5٪ بڊ سيڪيورٽي جي صورت ۾ ڪنهن به شيڊول بينڪ مان پي آرڊر، جيڪو ڪمپني/فرم جي اڪائونٽ مان / SP محافظ فورس / پوليس_15 ڪراچي جي حق ۾ هجي، اهليت جي معيار مطابق ٽينڊر/واڪ دستاويزن سان گڏ شامل ڪرڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيو ويندو.
4. سمورن دستاويزن جو هڪ فوٽو ڪاپي سيٽ ۽ پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/ CDR جي فوٽو ڪاپي آچون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ ايس پي / محافظ فورس / پوليس_15 حسن اسڪوائر ڪراچي جي ويجهو آفيس ۾ جمع ڪرائڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو.
5. ٽينڊر فيس اصل دستاويز (جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي) نقد ادائيگي (ناقابل واپسي) ۽ ڪوٽ ڪيل قيمت جو 5٪ بڊ سيڪيورٽي، پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ/ CDR جي صورت ۾ اصل، اي_آچن جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي تائين پهچڻ لازمي آهي. اهي ساڳئي ڏينهن منجهند 02:00 وڳي ايس پي / محافظ فورس / پوليس_15 هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ايڪسپو سينٽر جي ويجهو ڪراچي جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي سمورن ميمبرن ۽ انهن ٺيڪيدارن / پارٽين / فارمن / آچ ڏيندڙن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
6. صرف اليڪٽرانڪ آچون EPADS ذريعي جمع ڪرائڻيون پونديون: دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته هو اليڪٽرانڪ آچون جمع ڪرائڻ لاءِ EPAD سسٽم جي هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي رجسٽر ٿين.
7. جيڪڏهن ڪي به جعلي دستاويز مليا ته ٽينڊر رد / منسوخ ڪيو ويندو ۽ قانون جي مطابق بغير ڪنهن معاوضي جي ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو.
8. خريداري ڪندڙ ادارو ايس پي پي آر اي رولز_2010 (تاحال ترميم شده) جي رول_25 جي لاڳاپيل شقن تحت، ڪنهن به آچ يا تجويز جي قبوليت کان پهريان ڪنهن به وقت سڀ يا ڪنهن به آچ / ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿو.
9. واڪ جي مدو 90 ڏينهن آهي.

هيٺين حالتن ۾ آچ رد ڪئي ويندي:

i. شرطيا ۽ ٽيلي گرافڪ آچون / ٽينڊر.
ii. اهي آچون جن سان گڏ گهربل رقم ۽ فارم ۾ بڊ سيڪيورٽي شامل نه هجي.
iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ مليل آچون.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فارمن جون آچون.
v. هٿ سان لکيل ٽينڊر ۽ اوور رائٽنگ (لکئي مٿان لکئي) وارو ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو / نااهل قرار ڏنو ويندو.
vi. حڪومتي قاعدن / پاليسي جي خلاف شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

رابطي ۽ تفصيل لاءِ:
(فون نمبر: 62-021-99244461)

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
سپرنٽينڊنٽ آف پوليس،
محافظ فورس / پوليس-15
سنڌ پوليس، ڪراچي.

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1191/2026

کراچی پورٹ ٹرسٹ
گیٹ وے ٹو پاکستان
عظیم ورثہ۔متحرک مستقبل

آسامی خالی (مارچ .2026)

نمبر شمار	عہدے کا نام اور پے اسکیل	عہدوں کی تعداد	قابلیت/تجربہ	عمر کی حد	علاقائی /صوبائی کوٹہ
1	جنرل منیجر (لیگل) (بی پی ایس -20)	01	پیشہ ورانہ اہلیت: کسی تسلیم شدہ یونیورسٹی سے قانون میں ماسٹر ڈگری (ترجیحی طور پر غیر ملکی تسلیم شدہ یونیورسٹی)۔ سپریم کورٹ آف پاکستان میں انرولڈ ایڈووکیٹ متعلقہ تجربہ: پوسٹ کوالیفیکیشن کم از کم 10 سال کا قانونی تجربہ کارپوریٹ، میری ٹائم، آئینی اور سول قانون میں مہارت۔ اس میں ثابت شدہ تجربہ: پبلک سیکٹر/قانونی ادارے بنیادی ڈھانچے سے متعلق قانونی معاملات ہائی کورٹس، سپریم کورٹ اور ٹربیونلز/ADR کے سامنے قانونی چارہ جوئی کا انتظام ہینڈلنگ کا تجربہ: معاہدے، مراعات، پی پی پیز، ثالثی اور تنازعات قرارداد، ریگولیٹری اور تعمیل معاملہ کی گہرائی سے تفہیم: قواعد وضوابط، حکومتی طریقہ کار اور پالیسی، فریم ورک، وزارت کی سطح پر رابطہ اور منظوری، تسلسل کی قدر (جاری کیس، مذاکرات)	50 سال	میرٹ

نوٹ:

i عمر میں 5 سال کی عام رعایت پہلے ہی شامل ہے۔
ii الاؤنسز جیسا کہ کے پی ٹی رولز کے تحت قابل قبول ہے۔
iii حکومتی ہدایات کے مطابق دیگر کیٹیگریز کے لیے عمر میں رعایت بھی لاگو ہوگی۔
iv یہ عہدہ 2 سال کی مدت کے لیے معاہدہ پر مبنی ہے (قابل توسیع)۔
v سرکاری ملازمین کو مناسب چینل کے ذریعے درخواست دینے کی ضرورت ہے اور انہیں ٹیسٹ/ انٹرویو کے وقت این او سی پیش کرنا ہوگا۔
vi نامکمل درخواست یعنی بغیر CNIC، تعلیمی دستاویزات، ڈومیسائل، تجربہ سرٹیفکیٹ، پے آرڈر اور NOC (اگر قابل اطلاق ہو) وغیرہ پر غور نہیں کیا جائے گا۔
vii مقررہ تاریخ کے بعد موصول ہونے والی درخواستوں پر غور نہیں کیا جائے گا۔
viii لفافے پر پوسٹ کا نام واضح تحریر کیا جائے۔
ix صرف شارٹ لسٹ امیدواروں کو ٹیسٹ/ انٹرویو کے لیے بلایا جائے گا۔
x آرگنائزیشن کسی بھی مرحلے پر جزوی یا مکمل طور پر مشتہر پوسٹوں پر بھرتی کے عمل کو منسوخ کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے۔
xi درخواست فارم کراچی پورٹ ٹرسٹ (KPT) کی ویب سائٹ پر دستیاب ہے: www.kpt.gov.pk، درخواست فارم ڈاؤن لوڈ کریں اور اپنی درخواست مکمل طور پر پر کر کے صرف میل یا کوریئر کے ذریعے بھیجیں، ساتھ میں تفصیلی بائیوڈیٹا/سی وی اور تعلیمی اسناد/ دستاویزات کی مصدقہ کاپیوں کے ساتھ جو قابلیت، پوسٹ قابلیت کے تجربے، تاریخ پیدائش، ایک حالیہ پاسپورٹ سائز تصویر، ایک کاپی CNIC اور 100 روپے کا پے آرڈر (غیر واپسی) چیف اکاؤنٹس آفیسر کے حق میں شامل کریں۔
xii درخواست فارم 07 اپریل 2026 کو منیجر (ہیومن ریسورس ڈیولپمنٹ)، کراچی پورٹ ٹرسٹ، کے پی ٹی ہیڈ آفس بلڈنگ، ایڈولجی ڈنشا روڈ، کراچی-74000 تک پہنچ جانا چاہیے۔
xiii ٹیسٹ/ انٹرویو میں شرکت کے لیے کوئی TA/DA ادا نہیں کیا جائے گا۔ کینوسنگ پر نااہل قرار دیا جائے گا۔
xiv مزید معلومات کے لیے رابطہ کریں:

PID(K)3074/25

منیجر (ہیومن ریسورس ڈیولپمنٹ)
021-99214337/021-99214530-40 (Ext: 2388)
ویب سائٹ ملاحظہ کیجیے: www.kpt.gov.pk, www.ppra.org.pk,
www.moma.gov.pk & www.njp.gov.pk

روزاني عبرت

6 Daily IBRAT | 68 سال | جمع 20 مارچ 2026ع

لکي غلام شاهه لڳ خروس برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 8 ڄڻا سخت زخمي

ڳوٺ حاجي حسيب خروس واسي ڌرين زمين جي پراڻي تڪرار تان هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪري ڏني

زخمي نياز،صديق، غلام شبير، نظير، بادل، جان محمد، عبداللطيف، احسان، نواز ۽ وزيران کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪجهه زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر ريفر ڪيو ويو، ڌرين پاران موقف ڏيڻ کان انڪار

لکي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لکي غلام شاهه لڳ جهلي ڪلواڙي ويجهو ڳوٺ حاجي حسيب خروس ۾ خروس برادري جي ٻن ڌرين زمين جي پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ ٻئي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: عيد جي آمد تي ناريون وڏي انگ ۾ بازار مان خريداري ڪري رهيون آهن

ماٿيلو پوليس پاران 4 جوابدار گرفتار، ڦر ٿيل لکين رپيا هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڏوهارين 2 مهينا اڳ عادلپور گهوٽڪي لنڪ روڊ تان اعجاز مهر کان 38 لک رپيا ڦر ڪيا هئا: پوليس

ڳجهي اطلاع تي علي لاکو، عدنان گبول، بابر گولو ۽ فرحان ڪلوڙ کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل رقم برآمد ڪرائي آهي

ميرپورماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي پوليس جي وڏي ڪارروائي، مک جوابدار گرفتار، ڦر ٿيل رقم هٿ، علي لاکو عدنان گبول بابر گولو فرحان ڪلوڙ گرفتار تفصيل موجب 2 مهينا اڳ عادلپور گهوٽڪي روڊ تان اعجاز مهر کي گوليون هڻي 38 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪئي وئي هئي پوليس ڦورن کي پڪڙي ڦورن وٽان ڦر ٿيل رقم برآمد ڪري ورتي، جاچ آفيسر ايس ايڇ او ميرپورماٿيلو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ٽرانسپورٽرز گاڏين جي ڪوٽ جو بهانو بڻائي ڪرايو وڌائي ڇڏيو

ضلعي انتظاميا ڪرائي ناما جاري ڪيا پر ان تي عمل نه ڪرائي سگهي

ٽرانسپورٽرز مسافرن کي اضافي ڪرائي ڏيڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) عيد جي موڪلن جي شروعات سان ئي سکر ۽ ان جي گرد و نواح جي فيڪٽريون بنگلا ۽ ٻين نجي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ پرديسي پنهنجن آبائي علائقن ڏانهن روانا ٿيڻ شروع ٿي ويا، جنهن سبب ٽرين، بسن، ڪوچز ۽ ٻين ٽيڪسي نما گاڏين تي مسافرن جو رش ڏسڻ ۾ آيو،ضلعي انتظاميا پاران سڀني ٽرانسپورٽرز کي ڪرائي نامو آويزان ڪرڻ جون هدايتون
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي کي پي ايڇ ڊي پروگرام شروع ڪرڻ جي منظوري

هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي لاءِ منظوري ڏني وئي

پروگرامز جي شروعات سان شاگردن کي جديد علمي ۽ تحقيقي موقعا فراهم ٿيندا: وي سي

سکرنڊ (رپورٽ خاص پرويز سنائي) شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي شهيد بينظيرآباد تعليمي ميدان ۾ هڪ ٻي اهم ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه جي قائدانه صلاحيتن ۽ خصوصي ڪوششن جي نتيجي ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران يونيورسٽي جي انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي ۾ پي ايڇ ڊي پروگرام
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ پرنسپال جي عهدن کي منتقل ڪرڻ خلاف درخواست

درخواست گذار پرنسپل عبدالقيوم ڏاگهو ۽ واجد علي جکراڻي درخواست داخل ڪرائي

عدالت استدعا منظور ڪندي اسٽي آرڊر جاري ڪندي سيڪريٽري تعليم کان جواب طلب ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري پنوعاقل ۽ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڪمون شهيد جي پرنسپال جي عهدن کي منتقل ڪرڻ خلاف داخل درخواست عدالت چاڻايل پوسٽون منتقل ڪرڻ خلاف اسٽي جاري ڪندي 21 اپريل تي تعليم کاتي جي عملدارن کان جواب طلب ڪري ورتو،ان سلسلي ۾ سنڌ هاءِ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو قتل ٿيل سعيد جتوئي جي لڌي تي ايس ايس پي پهچي تعزيت ڪئي

بيگناهه انسان جو قتل انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت عمل آهي: مير روحل خان ڪوسو

جديد ٽيڪنالاجي ۽ انساني ذريعن جي مدد سان جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

مورو (ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ نوڙهو ۾ ضلعي پوليس سربراهه ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان ڪوسو گذريل ڏينهن هٿيارٻندن هٿان گوليون هڻي قتل ڪيل ڪمند جي واپاري سعيد احمد جتوئي جي لڌي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي شهيد جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته بيگناهه انسان جو قتل انتهائي افسوسناڪ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي ۾ رولو ڪتن جو آزار، حملي ۾ نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

سائيٽ جي علائقي ٽيليگراف ۾ رولو ڪتن رستي تان گذرندڙ نوجوان رضوان تي حملو ڪري زخمي ڪيو

مختلف علائقن ۾ ڪتن جي حملن سبب ڪيترائي ٻارڙا عورتون ۽ پيرسن زخمي ٿيا، انتظاميا تماشائي بڻيل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو شهرين تي حملا ڪري انهن کي زخمي ڪرڻ به روز جو معمول بڻيل انتظاميه ڪو به تحرڪ نه ورتي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي ٽيليگراف ۾ هڪ رولو ڪتن رستي تان گذرندڙ نوجوان رضوان تي حملو ڪري ان کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ گهر ٻاهران بيٺل نوجوان کي موٽر سائيڪل سوارن گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، سول اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي سيڪشن ٿاڻي جي حد شيشم ڪالوني جو رهواسي نوجوان مدثر سيال پنهنجي گهر جي ٻاهران دروازي تي بيٺلو هو ته اوچتو موٽرسائيڪل سوارن فائرنگ ڪري ڏني جنهن ڪري نوجوان سخت زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ان جو علاج جاري آهي

پنوعاقل ويجهو هٿيارٻند ڳوٺائي کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل: ٻائيجي ٿاڻي جي حد ۾ قومي شاهراهه تي غلام مصطفيٰ سي اين جي وٽ هٿيارٻندن ناظم الدين جتوئي کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري ورتي مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ واقعي کان پوءِ آساني سان فرار ٿي ويا.

سکر بس ٽرمينل پرسان هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿيڻ تي ايڌي رضاڪارن حوالي

سکر(بيورو رپورٽ) ايڌي انفارميشن ڊيسڪ سکر پاران جاري ڪيل بيان موجب، ايڌي سينٽر سکر آباد ٿاڻي جي حد بس ٽرمينل پرسان هڪ نامعلوم شخص جي لاش هٿ ڪئي. قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ باوجود سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب لاوارث ميت تدفين لاءِ ايڌي سينٽر سکر حوالي ڪئي وئي. ايڌي سينٽر سکر ۾ ميت کي غسل ۽ ڪفن ڏئي نماز جنازو ادا ڪيو ويو جنهن بعد اسلامي طريقيڪار موجب پوليس جي نگراني ۾ ٿٽون ڳوٺ قبرستان ۾ مٽي ماءُ

ايڌي کي هٿ آيل اڻ ڄاتل پيرسن جو لاش

سکر: وفاقي محتسب اعليٰ جي آفيس ۾ اجلاس کان پوءِ ورتل گروپ فوٽو

خيرپور ۾ مبينا منٿلي نه ڏيڻ تان نوجوان زخمي، اسپتال داخل

زخمي نوجوان صدام حسين چانڊيو کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بااثر منٿلي نه ڏيڻ تي فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي وڏا مهيسر ٿاڻي جي حد ڳوٺ مولا بخش چانڊيو جي رهواسي نوجوان صدام حسين چانڊيو کي منٿلي نه ڏيڻ تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ان موقعي تي زخمي نوجوان صدام حسين چانڊيو ٻڌايو ته مان غريب مسڪين ساٿهون آهيان مون کان بااثر منٿلي گهري هئي جيڪا منع ڪئي ته هن فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪيو آهي هن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جوابدار خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

پنوعاقل ويجهو ڦر مزاحمت تي هٿيارٻند عورت ۽ نوجوان کي زخمي ڪري ڇڏيو

ڳوٺ سمون چاچڙ پرسان هٿيارٻندن مير محمد چاچڙ کان موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿيارٻندن نوجوان ۽ سنڌس امڙ کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان ڪچي سڏوجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ سمون چاچڙ پرسان هٿيارٻندن مير محمد چاچڙ کان موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. مزاحمت تي نوجوان ۽ سنڌس امڙ کي زخمي جن کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو.

پنوعاقل لڳ چور ٽنڊڙي وڇير کي ڪار وجهي فرار، پاڳين سوگهو ڪري ورتو

ڳوٺ مٺل چاچڙ واسين پيڇو ڪري ٽن ڄڻن کي سوگهو ڪري ڪٽڪي بعد پوليس حوالي ڪيو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي سڏوجا ٿاڻي جي حد، ڳوٺ مٺل چاچڙ مان چوري جي انوکي واردات پيش آئي. ٽي نامعلوم چور رستي تي بيٺل ٽنڊڙي وڇير کي ڪار جي ڊگي ۾ وجهي چوري ڪري فرار ٿي ويا. پاڳين همت ۽ مڙسي جو مظاهرو ڪندي چورن جو پيڇو ڪيو ۽ ڊيگير چوڪي پرسان پيڇاڪن وٽ کين سوگهو ڪري ورتو. پاڳين طرفان مارڪٽ ڪرڻ بعد چورن کي پوليس حوالي ڪيو ويو.

ڏگهڙي: ڳوٺ راڻو رمداڻ ويجهو ڊوري جي موري ٽٽڻ خلاف ڳوٺائن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو وڃي پيو

لاڙڪاڻو پوليس جو ڪار تي ڇاپو، 2 جوابدار گرفتار، 130 ڪلو ڀنگ هٿ

پوليس ٻڪاپور ٿاڻي جي حد نورپور درگاهه پرسان شڪي ڪار تي ڇاپو هنيو

ڪار مان 130 ڪلو ڀنگ هٿ ڪئي وئي، مدئجي واسي محمد حفيظ ۽ جاويد جتوئي سوگها

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس منشيات سپلائي جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي ٻڪاپور ٿاڻي جي حد نورپور درگاهه پرسان 2 منشيات فروش جوابدارن کي گرفتار ڪري 130 ڪلوگرام ڀنگ ۽ ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ محمد حفيظ جتوئي ۽ جاويد جتوئي طور ٿي آهي جيڪي مدئجي ضلعي شڪارپور جا رهواسي آهن جوابدارن کان خريدارن ۽ مقامي ڊيلرن بابت پڇا ڳاڇا جاري آهي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

وڳڻ لڳ جامع مسجد اهل سنت جماعت ۾ ختم القرآن جو روح پرور پروگرام منعقد

ختم شريف پورو ڪرڻ تي حافظ عبدالقدير خشڪ کي نوٽن ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

نعت خوانن عقيدت سان پرنور نعتون پيش ڪري محفل کي روحانيت سان معطر ڪري ڇڏيو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ لڳ ڳوٺ خدابخش مغيري ۾ واقع جامع مسجد اهل سنت جماعت ۾ ختم القرآن جو هڪ روح پرور ۽ باوقار پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ علائقي واسين ۽ ٻاهرين مهمانن شرڪت ڪئي. ختم شريف پورو ڪرڻ تي حافظ عبدالقدير خوشڪ کي نوٽن ۽ گلن جا
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٺرڙي محبت لڳ پنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ڏنڊا لڳڻ سبب پيرسن مارجي ويو

ڳوٺ مسو خان جلباڻي واسي عبدالڪريم ۽ خالد ساجد جي ڌرين ۾ موبائيل جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ڏنڊا لڳڻ سبب پيرسن عبدالڪريم پنڊ مارجي ويو، پوليس لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارث ڪٽائي ڳوٺ پهتا ته ڪهرام مچي ويو، واقعي جو ڪيس داخل نٿي سگهيو

ٺرڙي محبت (ن ع) ٺرڙي محبت لڳ ڳوٺ مسو خان جلباڻي ۾ پنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ موبائيل جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو برادري جي ٻن ڌرين عبدالڪريم پنڊ ۽ ٻئي ڌر خالد ساجد پنڊ جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو: ايس يو پي پاران گرفتار نوجوانن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ۽ ايس يو پي پاران احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب آڏو سيد زين شاهه احتجاج ڪندڙ عورتن، پيرڻ نياڻين ۽ ٻارڙن سان گڏجي احتجاج ڪيو

ڳوٺ لغاري بجراڻي جي شهيد نوجوانن ۽ مختلف برادرين جي ماڻهن کي انصاف ڏيارينداسين: زين شاهه

سانحي واري ڏينهن 20 مئي تي مورو ۾ ايس يو پي پاران وڏي پئماني تي احتجاجي جلسو ڪنداسين

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) يونائيٽيڊ پارٽي جي سربراهه سيد زين شاهه ۽ روشن برڙو مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن سان گڏجي پنجين ڏينهن به برسات ۾ مورو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

هالا ويجهو نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب 4 مسافر فوت، 11 زخمي

ڪبير ويجهو ڪراچي کان پنجاب ويندڙ تيز رفتار ڪوچ حادثي جهانگير، محمد رفيق ۽ پيا فوت ٿي ويا

حادثي ۾ زخمي خدابخش، دانش، شهباز، عامر، نذير،اڪبر، مسمات تاز خاتون ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

هالا (ن ع / عبدالرحيم ميمڻ) معياري پرسان ڪليان بند نيشنل هاءِ وي جي ڪبير مقام تي ڪراچي کان پنجاب ويندڙ تيز رفتار ڪوچ نمبر BSC-511 حادثي جو شڪار ٿي وئي. اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جون ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ آمدادي ڪارروائيون ڪندي زخمين ۽ فوتين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو،ريسڪيو ذريعن موجب فوتين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گمس اسپتال ۾ عيد دوران ڊاڪٽر ۽ عملو معمول مطابق آپريشنز ۽ او-پي-ڊي سرانجام ڏيندا رهندا: گمس ترجمان

سکر(بيورو رپورٽ) پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (گمس) اسپتال گمبٽ ۾ عيد جي موڪلن دوران مريضن کي بنا ڪنهن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ اين سي ايڇ ڊي جي 1133 فيلڊ آفيسرن کي ترقي، نوٽيفڪيشن جاري

وفاقي سيڪريٽري وزارت تعليم طرفان ترقين جو باقاعده نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو

گريٽيڊ فيلڊ آفيسرن طرفان سينيئر سياستدان خورشيد شاهه، ڊي جي وفاقي سيڪريٽري جا ٿورا مڃيا ويا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) اين سي ايڇ ڊي جي 1133 فيلڊ آفيسرن کي بي پي ايس 17 ۾ ترقي ڏني وئي، نوٽيفڪيشن جاري، گريٽيڊ فيلڊ آفيسرن طرفان سينيئر سياستدان سيد خورشيد احمد شاهه ڊي جي اين سي ايڇ ڊي ۽ وفاقي سيڪريٽري وزارت تعليم جو شڪريو ادا ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ وفاقي وزارت تعليم جي ماتحت انساني ترقي جي قومي اداري نيشنل ڪميشن فار
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو پوليس پاران ڏار ڏار مبينا مقابلن ۾ 2 ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس ٻن ڏار ڏار مبينا مقابلن ۾ 2 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته ڏوڪري ٿاڻي جي حد سونهري روڊ واري علائقي ۽ باقراڻي ٿاڻي جي حد پير شهيد روڊ واري علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس وارادات جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ملير ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ زال ۽ مڙس گرفتار، آئس ۽ روڪ رقم هٿ

سٽي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي وقار احمد سنڌس زال ۽ زرينا کي سوگهو ڪيو

پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير سٽي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ مڙس ۽ زال کي گرفتار ڪري ورتوايس ايڇ او ملير سٽي پوليس ٽيم سان گڏ دلبود ڳوٺ پرسان ڪارروائي ڪئي جنهن دوران ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ وقار احمد ولد بشير احمد ۽ زرينا زال وقار احمد طور ٿي آهي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ وارداتن ۾ ملوث 4 جوابدار گرفتار، 32 لک برآمد

جوابدار ضلعي جي مختلف علائقن ۾ چوري، ڦر ۽ ٻين سنگين وارداتن ۾ ملوث هئا

گرفتار جوابدارن ۾ علي لاکو،عدنان گبول،بابر گول،فرحان ڪلوڙ شامل آهن

سنڌن هڪ ساٿي محبوب ساوند فرار ٿي ويو آهي، جنهن جي ڳولا جاري آهي:ايس ايس پي

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) گهوٽڪي پوليس جي وڏي ڪامياب ڪارروائي، سنگين وارداتن ۾ ملوث 4 جوابدار گرفتار، 32 لک رپيا برآمد،خبرموجب گهوٽڪي پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي سنگين نوعيت جي وارداتن ۾ گهربل 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته مختلف هنڌن تان ڦريل 32 لک رپيا به برآمد ڪيا ويا آهن.
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: گرفتار ڪيل جوابدار بابت ايس ايس پي ميڊيا کي بريفنگ ڏئي رهيو آهي

ڪوٽڙي لڳ ڏار ڏار هنڌن تي ٻن نوجوانن گهرو پريشانين سبب آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي جي ٻن مختلف علائقن ۾ ٻن نوجوانن مبينا طور گهريلو پريشانين کان تنگ اچي آپگهات ڪري ڇڏيو مليل رپورٽن موجب ڪوٽڙي جي هاري ڪئمپ واري علائقي ۾ رهندڙ نوجوان
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وقفي وقفي سان طوفاني برسات، ڪچا گهر ڊهي پيا، فصلن کي نقصان

حيدرآباد، مٽي، ٽنڊو محمدخان، ٽنڊوالهيار، بدين، خيرپور، ميرپورخاص، سانگهڙ ۾ برسات جو وسڪارو

سامونڊي علائقن ۾ تيز طوفان سبب هوڙا ٽڪرائجي پيا، ڪيترائي ڪچا گهر ڊهي پيا

طوفاني برسات سبب انبن جو ٻور ڇڻڻ سبب ٺيڪيدارن کي نقصان جو خدشو، ڪڻڪ ۽ ٻين فصلن کي نقصان جو انديشو

حيدرآباد(نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ گذريل ڏينهن کان تيز هوا سان گڏ تيز برسات جو وسڪارو وقفي وقفي سان جاري طوفاني برسات سبب انبن جو ٻور ڇڻڻ لڳو باغن جي ٺيڪيدارن
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پڪاچانگ واسي ميڊيڪل جي شاگرديائي پاران ن ليگ اڳواڻ سائين تي اغوا ۽ تشدد جو الزام

غريب آباد ڪالوني واسي سڪينه ڏي خادم ملڪ پريس ڪلب پهچي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

احسان آرائين ساٿين سان گڏجي نوابشاهه مان اغوا ڪري روزي جي حالت ۾ زيادتي ڪئي آهي: الزام

پوليس کي اطلاع ڪيو پر ڪابه ڪارروائي نه ٿي آهي، انصاف نه مليو ته آپگهات ڪنديس

تشدد يا زيادتي وارا الزام ڪوڙا آهن معاملي جي جاچ ڪرائي عزت کي نقصان ڏيندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: احسان

فيض گنج (رپورٽ زاهد جاويد راجپوت) پڪاچانگ جي غريب آباد ڪالوني ميڊيڪل جي شاگرديائي پاران نواز ليگ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: طوفاني برسات بعد ديوار ڪرڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

خانپورمهر مان چور شوروم جا تالا ٽوڙي 4 موٽر سائيڪلون کاهي ويا

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر شهر جي ٻاءِ پاس روڊ تي قائم ميراڻي موٽر شوروم مان گذريل رات ديرسان نامعلوم چور غلام شبير ميراڻي جي موٽر سائيڪل شوروم جا تالا ٽوڙي 4 سي ڊي موٽر سائيڪلون چوري ڪري ويا، واقعي بعد شوروم مالڪ شبير ميراڻي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته منهنجي ڪنهن سان به دشمني ناهي،
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث 6 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس طرفان ڏوهاري عنصرن ۽ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي، جنهن دوران 06 جوابدارن کي گرفتار ڪري معتن ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. سکر پوليس ترجمان موجب، ڏاڪو پنوعاقل پوليس پنهنجي حدن جي مختلف هنڌن تي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

قرآن پاڪ کان دوري امت جي زوال جو وڏو سبب آهي: علامه راشد مدني حمادي

ٽنڊوآدم (ن ع) قرآن پاڪ الله تعاليٰ جو آخري آسماني ڪتاب آهي ۽ اڄ امت مسلم جي پريشانين جو بنيادي ڪارڻ ان جي تعليمات کان دوري آهي. اهڙو اظهار عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت ٽنڊو آدم جي امير ۽ مرڪزي جامع مسجد ختم نبوت جي خطيب علامه محمد راشد مدني حمادي مرڪزي جامع مسجد ختم نبوت
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٺٽون ڳوٺ: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

قرآن پاڪ جي تعليمات کي جديد علوم ۽ عصري تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: غياث الدين

سکر (بيورو رپورٽ) اخوت نگر سوسائٽي سکر ۾ حافظ حسان الدين شيخ نماز تراويح ۾ ختم القرآن تقريب ۾ شرڪاءِ سان خطاب ڪندي ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي باني چيرمين غياث الدين قادري چيو ته حضور نبي اڪرم ﷺ جي سيرت طيبه، ڪمالات نبوت ۽ خصائص نبوت جي بيان ۾ پڻ بي شمار پهلو ۽ درجا
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران منشيات جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جنم ٽيپ ۽ ڏنڊ جي سزا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ايڊيشنل سيشن جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت 15 ڪلو هيروئن پائوڊر رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪوٽنا واسي جوابدار محمد حيات مينگل کي عمر قيد جي سزا ۽ 1.5 ملين روپيا ڏنڊ مقرر ڪري ڇڏيو جوابدار محمد حيات مينگل تي منشيات جو ڪيس داخل هو جيڪو ايڊيشنل سيشن جج خيرپور جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور: اي سي عماد سولنگي ٽيم ساڻ ڪري سٽي اسپتال ڦول باغ جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

خيرپور(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي هدايت تحت اسسٽنٽ ڪمشنر عماد سولنگي مختيارڪار شيراز ڦليپوٽو سميت ٽيم ساڻ ڪري سٽي اسپتال ڦول باغ جو دورو ڪيو دوري دوران پيڊز وارڊ، ايڇ ڊي يو آئسوليشن وارڊ سميت اسپتال جي مختلف شعبن جو تفصيل سان جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر عماد
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اي سي سکر بشريٰ منصور سستي راشن اسٽال تي ڊيوٽي ڏيندڙ ورڪرن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا

سکر(بيورو رپورٽ) ٿئين تعلقي سکر ۾ رمضان المبارڪ دوران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر بشريٰ منصور سستي راشن اسٽال تي ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ ورڪرن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا.ان سلسلي ۾ رمضان المبارڪ ۾ قائم ڪيل سستي راشن اسٽال تي ڊيوٽي ڪندڙ عملي جي حوصلا افزائي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مورو: ايس يو پي سربراهه سيد زين شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽون ڳوٺ لڳ بشني رڪشا ڊرائيور کان موبائيل فون ٺڳي ڪري کٽي ويو، متاثر پريشان

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ مان نامعلوم ٺڳ چور ميهڙ مان ڪٽون ڪٽڻ لاءِ ڪرائي تي رڪشو ڪرائي ويو جتي ڊرائيور صدام هتار کي گهٽي ۾ بيهاري سندس ٽچ موبائل فون وٺي ڳالهائڻ بهاني رفو چڪر ٿي ويو رڪشا ڊرائيور ڪلاڪ انتظار بعد فون ڪرائي واپس ٺٽون ڳوٺ پهچي پيٽرول پمپ تان چور جا سي سي ٽي وي فوٽيج
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ حسين آباد واسي عورت جو پوليس اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي حسين آباد واپڊا آفيس پرسان جهوپڙ پٽي ۾ رهندڙ پوڙهيت عورت خورشيد راجپوت پٽي پوليس اهلڪار جي ڌمڪين خلاف ڳالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ان موقعي تي الزام هنيو ته سنڌس گهر واپڊا ڪالوني
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد، لطيف آباد، قاسم آباد ۽ حيدرآباد ڀهراڙي ۾ عيدالفطر جي نماز جا وقت

ترتيب: غلام حسين خاصخيلي

عيد گاهه راڻي باغ	صبح 8 وڳي
جامع مسجد سول لائين	صبح 8 وڳي
جامع مسجدمدينه قاسم آباد	صبح 8 وڳي
جامع مسجد نسيم نگر	صبح 8 وڳي
جامع مسجد مڪي گلستان سجاد	8:30 وڳي
مسجد قباهيرآباد	صبح 8 وڳي
مسجدمدينه پناڻ ڪالوني	صبح 8 وڳي
جامع مسجد گاڏي ڪاتو	7:30 وڳي
جامع مسجد تلڪ چاڙهي	صبح 8 وڳي
جامع مسجد چوٽي گهٽي	صبح 8 وڳي
جامع مسجدپڪوقلعو	صبح 8 وڳي
مسجد فقير جوپڙ	صبح 8 وڳي
مسجدقليلي	7:30 وڳي
مسجد ابوبڪر قاسم آباد	صبح 8 وڳي
مسجدمدينه حسين آباد	صبح 7 وڳي
جامع مسجدلطيف آباد	صبح 8 وڳي
جامع مسجد سبزي منڊي ويجهو نياپل ڪليل ميدان ۾ روڊ تي	صبح 8 وڳي
جامع مسجد حالي روڊ	صبح 8 وڳي
مسجدناراجيل ڪالوني	صبح 8 وڳي
مسجد صحافي ڪالوني ويجهوسينٽرل جيل	صبح 8 وڳي
جامع مسجد سخي محمدرمضان خاصخيلي روڊ گلستان رحمت	صبح 8 وڳي
جامع مسجد جام وڪو حيدرآباد ڀهراڙي	8:30 وڳي
جامع محمدي مسجد ٽنڊوٽوڙهو	صبح 8 وڳي
جامع مسجد درگاهه غفورشاهه	صبح 8 وڳي
سبزآرائين مسجد قليلي	صبح 8 وڳي
مرزاپاڙو مسجد	صبح 8 وڳي
جڏهن ته فقه جعفريه سان تعلق رکندڙ سمورين مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ عيدالفطر واري نماز جا وقت هن ريت آهن	
امام بارگاهه جروار جوپڙ	8:30 وڳي
حيدرآباد شهر	
مسجد ابوالفضل قدم گاهه مولا علي ع	پهرين اجتماع 9:30 ٻيو اجتماع 10:00
مسجد ۽ امام بارگاهه محفلِ حسيني	پهرين اجتماع 9:00 ٻيو اجتماع 9:15
مسجدِ حيدرِ ڪرار امام بارگاهه دادن شاهه ڪربلا	پهرين اجتماع 7:00 ٻيو اجتماع 8:00
مسجدِ ۽ امام بارگاهه علي آباد ٽنڊو آغا	صبح 7 وڳي
مسجدِ علي ع درگاهه سيد حاجي شاهه ٽنڊو آغا	7-30 وڳي
مسجدِ ڪُل ايمان ٽنڊو آغا	9:00 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه معصومين ع حسين آباد ٽنڊو آغا	9:00 وڳي
مسجد امام زمانه عج الله داد چنڊ ڳوٺ	7:30 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه حُسينيه درِ زهره ع الله داد چنڊ ڳوٺ	8:30 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه محفلِ شاهه نجف ٽنڊو ولي محمد	9:00 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه صاحب الزمان عج غلام شاهه ڪلهوڙو ڪالوني	7:30 وڳي
مسجد سيد روشن علي شاهه ٽنڊو جهانيان سول لائينز	صبح 8 وڳي
لطيف آباد	
مسجد ۽ امام بارگاهه مظلومِ ڪربلا مڪراني محلو	7:45 وڳي
مرڪزي اماميه ٽرسٽ 30-7 وڳي، مسجد امام زين العابدين ع	صبح 8 وڳي
امام بارگاهه سجاديه	صبح 8 وڳي
مسجدِ نبوي ص	8:30 وڳي
مسجدِ حسيني محمد آچر پالاري جو پڙ ٽنڊو مير نور محمد	صبح 7 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه جعفريه	صبح 8 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه معصومين ع	7:30 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه سجاديه	صبح 8 وڳي
مسجدِ علي ع ڪوهسار	صبح 8 وڳي
قاسم آباد	
مسجد ۽ امام بارگاهه جاگيرِ علي اڪبر ع ٽنڊو غفور شاهه جهانيان	پهرين اجتماع 8:00 ٻيو اجتماع 9:00
درسگاهه آل محمد ع	صبح 8 وڳي
علي پيلس	صبح 8 وڳي
مسجدِ علي ع پٺاڻي ٽائون	صبح 8 وڳي
مسجد امام زين العابدين ع ڏومرا ڳوٺ	صبح 8 وڳي
مسجدِ سجاد ع گلستانِ سجاد	8:30 وڳي
تعلقو ڀهراڙي	
حسيني مسجد مير محلو ٽنڊو جام	صبح 8 وڳي
حيدري مسجد بسم الله هال ٽنڊو جام	صبح 8 وڳي
مسجد حيدري ٽنڊو حيدر	8:30 وڳي
مسجد امام زمانه عج ڳوٺ حسين خان نوڙهو	8:30 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ بخشو لغاري	صبح 8 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ جاني منگيو	7-45 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ الله ڏنو لاشاري	8-30 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ فوجو لاشاري	7-45 وڳي
مسجد ۽ امام بارگاهه چڪي	صبح 8 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ ڪريم داد چلگري	صبح 8 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ صاحب خان مرڙاني چٽنل ناڪو	صبح 7 وڳي
مسجد حيدري ٽنڊو غلام محمد	8-30 وڳي
مسجد امام زمانه عج جهنڊو ڪوسو	8-30 وڳي
مسجد امام زمانه عج مڇي مارڪيٽ ٽنڊو جام	7-45 وڳي
جامع مسجد مصري شاهه ڳوٺ سونو لاشاري	صبح 8 وڳي
مسجد علي ع ڳوٺ نارو خان مري جهنڊو مري	8-30 وڳي
مرڪزي امام بارگاهه ڳوٺ منو خان لنڊ	8-30 وڳي
امام بارگاهه انجمن قلندري چڪي	صبح 8 وڳي
مسجد حيدري ڳوٺ مير جاويد ٽنڊو فضل	8-30 وڳي
مرڪزي مسجد ۽ امام بارگاهه امام ڏنو ڪيريو ٽنڊو فضل	صبح 8 وڳي
ڳوٺ مير شير محمد خان ٽالپر	صبح 8 وڳي
ڳوٺ مير رسول بخش ٽالپر	7-45 وڳي
ڳوٺ مير الله بخش ٽالپر	8-30 وڳي
ڳوٺ مير محراب خان ٽالپر	7-45 وڳي

دفتر سينيئر سپرينٽينڊنٽ آف پوليس حيدرآباد

ٽيليفون نمبر 022-9200640

PROUD TO SERVE — SINDH POLICE

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

خواهشمند ٺيڪيدارن/ڪمپنين/فرمن کان SPPRA رولز 2010 ترميم ٿيل 2021 تحت هيٺين ڪمن لاءِ مهر بند ٽينڊر گهريل آهن.

شمار نمبر	هالٽنگ پوائنٽس جا نالا	ضلعو	تخميني لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	هالٽنگ پوائنٽ @ ڪٽر	حيدرآباد	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
2	هالٽنگ پوائنٽ @ بولهاڙي لنڪ روڊ ٻي ٻي	جامشورو	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
3	هالٽنگ پوائنٽ @ شيخن جو ڏڙو	دادو	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
4	هالٽنگ پوائنٽ @ ٽاپل وليج شاهپور جهانيان	نوشهروفيروز	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
5	هالٽنگ پوائنٽ @ ڪاهي راهو	نوشهروفيروز	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
6	هالٽنگ پوائنٽ @ مڪلي ٺٽو	ٺٽو	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
7	هالٽنگ پوائنٽ @ جامشورو باءِ پاس ٽول پلازا	جامشورو	3.000	5%	3000	30 ڏينهن
8	هالٽنگ پوائنٽ @ ٽاٿو راهوڪي، ٽنڊوجام	حيدرآباد	9.500	5%	5000	30 ڏينهن
9	هالٽنگ پوائنٽ @ ڪوٽ لالو	شهيد بينظيرآباد	9.500	5%	5000	30 ڏينهن
10	هالٽنگ پوائنٽ @ پڏعيدن ڪراس	شهيد بينظيرآباد	9.500	5%	5000	30 ڏينهن
11	هالٽنگ پوائنٽ @ شهيد بينظيرآباد پوليس لائن	شهيد بينظيرآباد	9.500	5%	5000	30 ڏينهن

ٽينڊرن جي جاري ٿيڻ / وصولي ۽ کلڻ جو پروگرام

شمار نمبر	تفصيل		پهرين ڪوشش ۽ کلڻ جي جاءِ
01	ٽينڊرز جاري ٿيڻ جي تاريخ کان (اشاعت ڪانپوءِ 2026-04-09 صبح 10:30 وڳي تائين ۽ آن لائن ٽينڊر کلڻ جو وقت صبح 11:30 وڳي)	اشاعت ڪانپوءِ 09-04-2026 تائين	لازمي: EPADS سنڌ جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ ذريعي آن لائن (سڀني حصو وٺندڙ بولي ڏيندڙن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته اهي اي-بول جمع ڪرائڻ لاءِ پاڻ کي آن لائن رجسٽر ڪرائين) اختياري: ايس ايس پي حيدرآباد جي آفيس ۾
سيريل نمبر	تفصيل		ٻي ڪوشش ۽ کلڻ جي جاءِ
01	ٽينڊرز جاري ٿيڻ جي تاريخ کان (اشاعت ڪانپوءِ 2026-04-09 صبح 10:30 وڳي تائين ۽ آن لائن ٽينڊر کلڻ جو وقت صبح 11:30 وڳي)	14-04-2026	لازمي: EPADS سنڌ جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ ذريعي آن لائن (سڀني حصو وٺندڙ بولي ڏيندڙن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته اهي اي-بول جمع ڪرائڻ لاءِ پاڻ کي آن لائن رجسٽر ڪرائين) اختياري: ايس ايس پي حيدرآباد جي آفيس ۾

شرط ۽ ضابطا

1. ايجنسين/فرمن کي ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي ڪورا ٽينڊر جاري ڪيا ويندا.
2. مشروط/ڪورا، اڌورا ۽ ڪال ڊپازٽ گڏ نه هجڻ وارن ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو.
3. جيڪڏهن مجاز اٿارٽي ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر آهي، ۽ جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪنهن به موڪل جو اعلان ڪيو وڃي ٿو ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول ۽ هنڌ تي وصول ڪيا ۽ کوليا ويندا.
4. ايجنسيون/فرمون سنڌ ريوينيو بورڊ ۽ انڪم ٽيڪس اختيارين وٽ رجسٽرڊ هجڻ گهرجن.
5. ايجنسي/ٺيڪيدار جا گذريل (05) پنجن سالن ۾ ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 03 ڪم مڪمل ڪيل هجڻ گهرجن.
6. گذريل (05) سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ/آڊٽ رپورٽ/۽ ٻيا دستاويزجيڪي لاڳو ڪم جي تخميني لاڳت جي برابر ساليانو مالي ٽرن اوور جي رقم ظاهر ڪن.
7. خواهشمند شرڪت ڪندڙن کي سال 2026-2025 لاءِ PEC سان لاڳاپيل ڪيٽيگري جي حد اندر رجسٽرڊ هجڻ گهرجي.
8. مجاز اٿارٽي SPPRA رولز 2010 ترميم ٿيل 2021 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
9. خواهشمند ٺيڪيدارن کي هڪ حلف نامو جمع ڪرائڻ گهرجي ته اهي ڪنهن به قانوني چاره جوئي ۾ شامل نه آهن ۽ ڪنهن به سرڪاري کاتي ڪرڪر اڳ ۾ نه ڇڏيو آهي ۽ نه ئي انهن کي بليڪ لسٽ ڪيو ويو آهي.
10. تخميني لاڳت جي سوٽي رقم SSP حيدرآباد جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر جي صورت ۾ آڇن جي کلڻ وقت يا ان کان پهرين اصل شڪل ۾ جمع ڪرائڻ گهرجي. اهو نوٽ ڪيو وڃي ته ان ۾ ناڪامي جي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي.
11. مٿين هر ڪيٽيگري لاءِ الڳ تجويز پيش ڪئي وڃي.

نوٽ: هي NIT، SPPRA جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ ۽ سنڌ پوليس جي ويب سائيٽ www.Sindhpolice.gov.pk تي ڏسي سگهجي ٿو.

معلومات ۽ طريقو

ڪم جي دائري ۽ لاڳاپيل تفصيلن تي مشتمل واڪ دستاويز جو مڪمل سيٽ خواهشمند ٺيڪيدارن/ ٺيڪيدار فرمون مسٽر محمد طاهر اڪائونٽنٽ، SSP آفيس حيدرآباد سيل نمبر 0333-3627793 آفيس نمبر 022-9200640 کان دفتري وقت دوران حاصل ڪري سگهن ٿيون. پروڪيورمينٽ جو طريقو هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار هوندو.

INF-KRY/1162/26

WORK FOR SINDH

(شاهزيب چاچڙ) PPM، PSP

سينيئر سپرينٽينڊنٽ آف پوليس، حيدرآباد اينڊ سيڪريٽري پروڪيورمينٽ ڪميٽي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.